ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 05 اپريل 2026 ع 16 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (230)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

ايران معاهدو ڪري يا آبنائي هرمز کولي، ٻي صورت ۾ ان تي بم وسائي جهنم بڻائي ڇڏينداسين: صدر ٽرمپ جي ڌمڪي

ايران ۾ آمريڪي جهازن کي نشانو بڻائڻ لاءِ جديد دفاعي نظام نصب، حملن سبب تابڪاري سان نار ملڪ به نه بچندا: عباس عراقچي

اهو وقت ياد رکو جڏهن مون ايران کي ڏهه ڏينهن ڏنا هئا ته يا ته معاهدو ڪن يا ايراني نار کولين، هاڻي وقت ختم ٿي رهيو آهي، اسين ايران تي بم وسائينداسين: آمريڪي صدر جي ڌمڪي

اسان هڪ نئون دفاعي نظام لڳائي ڇڏيو آهي، جنهن جو مقصد آمريڪي جهازن کي نشانو بڻائڻ آهي، اهي جيڪي اڳ ۾ فرار ٿي ويا هئا، هاڻ هتان نه بچي سگهندا: آمريڪي فوجي ڪمانڊر

نئين هوائي دفاعي نظام جمعي تي آمريڪي جهازن، هيلي ڪاپٽرن ۽ ڊرونز کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو، هڪ آمريڪي پائلٽ اڃا تائين گم آهي، پنهنجي هوائي حدن تي مڪمل ڪنٽرول رهندو

ائٽمي تنصيبات تي آمريڪي حملن سان تابڪاري مواد خارج ٿيو ته اِهو تهران تائين محدود نه رهندو پر خليجي تعاون ڪائونسل جي گاديءَ وارن شهرن ۾ به زندگي جو خاتمو آڻي سگهي ٿو: پرڏيهي وزير عراقچي

اسرائيل ۽ آمريڪا اسان جي بوشهر جي جوهري پلانٽ تي هن وقت تائين چار ڀيرا بمباري ڪري چڪا آهن، اسان جي پيٽروڪيميڪل پلانٽ تي حملا به اصل مقصدن کي ظاهر ڪن ٿا: ايران جو پرڏيهي وزير

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ايران وٽ 48 ڪلاڪ آهن ته ڪنهن معاهدي تي پهچي يا آبناءِ هرمز کولي، ٻي صورت ۾ ان تي قيامت ٽٽي پوندي. ٽرمپ پنهنجي سوشل
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال سان مملڪتي وزير رومينا خورشيد عالم ملاقات ڪري رهي آهي

صدر مملڪت پاران پاڪ بحريه ۾ پي اين ايس خيبر جي شموليت تي خوشي جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري، پاڪ بحريه ۾ پي اين
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار پاران ايران جي پرڏيهي وزير جي وضاحت تي دل سان شڪريو ادا

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ايران جي پرڏيهي وزير عباس
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

شهيد ڀٽو جمهوريت ۽ عوامي حقن جو علمبردار هو: وزيراعظم آزاد ڪشمير

قوم اڄ به ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي مان رهنمائي حاصل ڪري رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) آزاد ڪشمير جي وزيراعظم فيصل ممتاز راٺور ذوالفقار علي ڀٽو جي 47هين ورسي تي خراج عقيدت
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ايران جي خلاف غيرقانوني جنگ شروع ڪئي وئي آهي، جيڪا پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي: بلاول ڀٽو

هي جنگ اسرائيل، آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ آهي پر جتي جنگ ٿيندي آهي ته اتي عام ماڻهن جو ئي نقصان ۽ عام ماڻهو شهيد ٿيندا آهن ان جنگ جا اثر ان علائقن تائين محدود ناهن ٿيندا

جنگ جا اثر هر پاڪستاني کي محسوس ٿي رهيا آهن، لڳ پيٽرول، بجلي جي قيمت تي، مهانگائي ۽ معاشي بحران جي صورت ۾، نه صرف هر پاڪستاني هي بار کڻي رهيو آهي پر پوري دنيا جا غريب بار کڻي رهيا آهن

افڙين ڪجهه سياسي ۽ غيرسياسي قوتون آهن جيڪي نفرت جي سياست تي يقين رکن ٿيون پر پيپلز پارٽي جي سياست ملڪ کي هميشه گڏ ڪرڻ سياست ڪئي آهي اسان افڙي نموني پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين

اسان قائدعوام، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا شڪر گذار آهيون ته هن پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو ۽ اڄ ڏينهن تائين اهو پروگرام پاڪستان جو بچاءُ ڪري رهيو آهي

اسان عيد جي موقعي تي لاڙڪاڻو نئون ديرو هئاسين ته اسلام آباد وارا آيا، اسان جا وفاقي وزير آيل هئا جن بريفنگ ڏني ته گهٽ ۾ گهٽ انهن منهنجي عيد خراب ڪري ڇڏي

مارچ جي آخر تائين وفاقي حڪومت هڪ ٽارگيٽڊ سبسڊي ڏني جيئن پاڪستان جي عوام ۾ مشڪلاتن ۾ گهٽتائي اچي پر اپريل جي شروع کان وٺي اهڙا گنجائش نه هئي ته اها سبسڊي جاري رکجي

لاڙڪاڻو (رپورٽ: منير احمد سومرو) چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداريءَ ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي مڪ تقريب کي خطاب ڪندي چيو آهي ته اڄ اسان قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت واري ورسي ملهائي رهيا
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئر پرسن بلاول ڀٽو زرداري شهيد ذوالفقار ڀٽو جي ورسي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو آئين جي تياري ۽ منظوري ۾ تعميري ڪردار ادا ڪيو: وزيراعظم

هن جمهوريت ۾ عوامي طرز حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ قدر جوڳيون ڪوششون ڪيون

ذوالفقار علي ڀٽو ۾ عوامي طرز حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون، سندس خدمتون ياد رهنديون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي سياسي خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته هن آئين جي تياري ۽ منظوري ۾ تعميري ڪردار ادا ڪيو ۽
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جي سامونڊي سلامتي لاءِ مضبوط بحريه اٽل آهي: نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف

واپار ۽ توانائي جي اهم سامونڊي لنگهن سان گڏ پاڪستان جي اسٽريٽجڪ جاگرافيائي پوزيشن طاقتور بحريه جي گهُر ڪري ٿي

چاڪاڻ ته قومي مفادن جي حفاظت ڪري سگهجي ۽ سامونڊي لائنز آف ڪميونيڪيشن (ايس ايل او سيز) کي محفوظ رکي سگهجي

پاڪستان جي سامونڊي مفادن کي چئلينج ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو مناسب جواب ڏنو ويندو، دشمن جي سرگرمين کان آگاهه آهيون

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف نيول اسٽاف ايڊمرل نويد اشرف، اين آءِ اين آءِ (ايم)، ٽي بي ٽي هڪ مضبوط، متوازن ۽ ٽيڪنالاجي سان تيار جديد بحريه جي اهميت تي زور ڀريندي چيو آهي ته واپار ۽ توانائي جي اهم سامونڊي لنگهن سان گڏ پاڪستان جي اسٽريٽجڪ جاگرافيائي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد وچڙ ڪان انڪار ناهي ڪيو: ايراني پرڏيهي وزير

اسان ٺاڪرٽي لاءِ پاڪستان جي ڪوشش لاءِ دل سان ٿورائتا آهيون

پاڪستان طرفان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ جون ڪوششون جاري

تهران (م د) ايراني پرڏيهي وزير جو چوڻ آهي ته "آمريڪي ميڊيا ايران جي موقف کي غلط انداز ۾ پيش ڪري رهي آهي"
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ مداخلت ڪندڙ 8 مارجي ويل الخوارج دهشتگردن جي سڃاڻپ، 2 افغان شهري نڪتا

دتہ خيل واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪامياب آپريشن ۾ 8 الخوارج دهشتگردن کي جهنم پهچايو هو

افغان طالبان رجيم جي دهشتگردي واري سوچ ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه آئي آهي اهي رڪاوٽون ڪري رهيا آهن: دفاعي ماهر

اسلام آباد (اي پي پي) اتر وزيرستان ۾ مداخلت ڪندڙ 8 مارجي ويل الخوارج دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي آهي جن مان 2 افغان شهري نڪتا آهن سيڪيورٽي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

آصف ڀٽو زرداري شهيد ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي بلاول هائوس ۾ منعقد ٿيل قرآن خواني ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسلامي جمهوريه پاڪستان جي خاتون اول بي بي آصف ڀٽو زرداري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ انٽرسٽي ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا برقرار رکڻ جو فيصلو

حڪومت پاران پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ تبديلي کان پوءِ اهڙو فيصلو ڪيو ويو

انتظاميا پاران شهر ۾ هلندڙ هاءِ ايس وينز جي ڀاڙن ۾ اضافو نه ڪيو ويو آهي: ترجمان

اسلام آباد (اي پي پي) حڪومت پاران پيٽروليم مصنوعات جي اگهن ۾ تبديلي کان پوءِ اسلام آباد ٽرانسپورٽ اٿارٽي پاران
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: برسات دوران گاڏيون پنهنجي منزل ڏانهن وڃي رهيون آهن

ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيد ڀٽي جي ورسي جي تقريب، جونيئر ذوالفقار شريڪ

اڳواڻن شهيدن جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه ڪئي

ذوالفقار علي ڀٽو ڪنهن امر اڏر جهڪڻ بجاءِ ڦاهي قبول ڪئي: جونيئر ذوالفقار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو طرفان قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

محروم طبقن جي حقن لاءِ شهيد ڀٽو جي جدوجهد وسارڻ جوڳي ناهي: سينيٽ چيئرمين

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع جو متفقا آئين ڏئي جمهوريت ۽ عوامي حقن کي نئون رخ ڏنو

ايٽمي پروگرام جو بنياد رکڻ ڀٽو شهيد جو تاريخي ۽ اهم ڪارنامو آهي: سيد يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ٽرانسپورٽرن کي ان شرط تي سبسڊي فراهم ڪئي ويندي ته هو ڀاڙن ۾ اضافو نه ڪندا: وڏو وزير

ٽارگيٽيڊ سبسڊي پروگرام جو مقصد عالمي سطح تي باڙڻ جي قيمتن ۾ تيزيءَ سان ٿيندڙ اضافي کان شهرين کي بچائڻ آهي

بسن، مني بسن ۽ ڪوچز کي 2,40,000 رپيا في گاڏي ماهوار ۽ رڪشن ۽ پڪ اپ کي 50,000 کان 1,00,000 رپيا ماهوار سبسڊي ملندي

انٽر شهر ٽرانسپورٽ لاءِ سبسڊي روٽ جي فاصلي جي بنياد تي سليبس ۾ ورهايل آهي، وڏي فاصلي وارن بسن 1.08 ملين رپيا ماهوار تائين سبسڊي جون اهل هونديون

سبسڊي هڪ ڊجيٽل ايپليڪيشن تي ٻڌل سسٽم ذريعي فراهم ڪئي ويندي جيڪا ايڪسائيز ۽ ٽرانسپورٽ کاتي جي ڊيٽابيس سان ڳنڍيل هوندي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي باڙڻ (فيول) تي ٽارگيٽيڊ سبسڊي پروگرام جي حڪمت عملي جوڙي ورتي آهي جنهن جو مقصد عالمي سطح تي باڙڻ جي قيمتن ۾
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئر پرسن بلاول ڀٽو زرداري شهيد ذوالفقار ڀٽو جي مزار تي گل رکي رهيو آهي

قوم ايران آمريڪا جنگ جو خاتمو چاهي ٿي، مسلمان امت هڪ نبي حضرت محمد ﷺ کي مڃڻ واري آهي

ڀارت هڪ ڀيرو ٻيهر ڪو ڊرامو ڪيو ته انهن کي ڪلڪتي تائين پهچائي ايندا سين: وزير دفاع خواجہ آصف

هڪ سال اڳ ڀارت فالس فليگ دهشتگردي جي ڪارروائي ڪري ان جو ملبو پاڪستان تي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڪستان تي جنگ مڙهي

پاڪستان ڀارت اندر گهڙي جواب ڏنو ۽ ذلت ۽ رسوائي ڀارت جو مقدر بڻي، پاڪستان پاڻ کان هر لحاظ کان وڏي دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو

چاهيون ٿا ته خطي ۾ امن قائم ٿئي ۽ مسلمان ملڪن وچ ۾ اختلاف ختم ٿين، ڳالهيون ڪيستائين هلنديون آهن ان تي في الحال تبصرو ڪرڻ مناسب ناهي

سيالڪوٽ (اي پي پي) دفاع واري وفاقي وزير خواجہ محمد آصف چيو آهي ته قوم دعا ڪري ته ايران ۽ آمريڪا جنگ بندي ۽ امن لاءِ پاڪستان پنهنجو ڪردار ادا ڪندي سرخرو ٿئي ۽ هن خطي ۾ امن قائم ٿئي ۽ مسلمان ملڪن وچ ۾ اختلاف ختم ٿين، هن چيو ته ڳالهيون ڪيستائين هلنديون آهن ان تي في الحال تبصرو ڪرڻ مناسب
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ 5.8 شدت جو زلزلو، 8 ڄڻا فوت

زلزلي سبب ڪابل صوبي ۾ هڪ گهر ڊهي پيو: اختياريون

زلزلي جي شديد لوڏن سبب شهرين ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ 5.8 شدت جي زلزلي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 8 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي خبررساں اداري
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

حقيقت کي تسليم ڪرڻ ذميوار قيادت جي سڃاڻپ آهي: طارق فضل چوڌري

ٽن هفتن تائين 129 ارب رپيا خرچ ڪري عوام کي مهانگائي جي اثرن کان بچايو ويو

وزيراعظم شهباز شريف فوري طور تي ليوي ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته حقيقت کي تسليم ڪرڻ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران غير سرڪاري تنظيمن ۽ فلاحي ادارن جي مالي ۽ ادارتي سهڪار ۾ اضافو ڪرڻ جو اعلان

پٺتي پيل طبقن جون مشڪلاتون گهٽ ڪرڻ ۽ ڪين صحت، تعليم، هنر ۽ روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ اهم قدم کڻنداسين: ناصر شاهه

فلاحي ادارا معاشري جي غربت ۽ محرومي جو شڪار طبقن تائين پهچن ٿا ۽ اهڙن ادارن جي سرپرستي حڪومت ۽ خانگي شعبي ٻنهي جي ذميواري آهي

سنڌ حڪومت اڳ ئي سُوٽ ۽ انڊس هاسپيٽل اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جهڙن ادارن سان ڪامياب ڀائيواري قائم ڪري چڪي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ کاتي واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته حڪومت سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت مستند غير سرڪاري
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي وچ ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ نرسنگ اسڪول قائم ڪرڻ بابت ٺاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ اسڪول آف نرسنگ قائم ڪيو ويندو

سنڌ حڪومت ۽ آغا خان يونيورسٽي وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

اهو معياري تعليم ۽ صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي: نويد قمر

ڪراچي (رپورٽ: صالح بلوچ) سنڌ حڪومت آغا خان يونيورسٽي ۽ ضلعي انتظاميا ٽنڊو محمد خان وچ ۾ هڪ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون جنهن تحت ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ اسڪول آف نرسنگ
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي واپاري تنظيمن پاران وڌندڙ مهانگائي خلاف "معيشت بچاءُ تحريڪ" هلائڻ جو اعلان

ومر 6 اپريل 2026 تي ڏينهن هڪ وڳي فريسڪو چورنگي بزنس روڊ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي

واپاري اتحاد گاڏين، گڏهه گاڏين ۽ گهوڙي گاڏين وسيلي حصو وٺندا، اينڊ ٻي آر جي دفترن جي سامهون علامتي طور تي جانورن کي پاڻي پيارڻ ويندو

حڪومت جي غلط پاليسين جو بار عوام ۽ واپاري برادري کي ڪٽڻو پيو ٿو ڪاروباري سرگرميون شديد متاثر ٿي چڪيون آهن: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) آل سٽي تاجر اتحاد ايسوسيئيشن ڪراچي موبائل اينڊ اليڪٽرانڪس ڊيلرز ايسوسيئيشن ڪلفٽن ڊيفنس تاجر اتحاد ۽ ٻين تاجر تنظيمن پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جنگ لاءِ تيار آهي، اسان جو هٿيار قلم هوندو: خالد مقبول

ڪراچي پنهنجي وڃايل حيثيت کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي سٺي ڳالهه آهي، نوم کي ڪفايت شعاري ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي چيئرمين ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيو آهي ته ڪراچي سان دشمني جو مطلب پاڪستان سان دشمني آهي، صرف اهي جن ملڪ ناهيو ان کي هلائي
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناالله پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

صوبائي محتسب جو ڪردار عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ تمام اهم آهي: گورنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب محمد سهيل راجپوت گورنر هائوس ۾ گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

منهنجي ڪارڪردگي کليل ڪتاب وانگر سڀني جي سامهون رهي آهي: ڪامران ٽيسوري

جڏهن هجي ته عوامي خدمت لاءِ ڪنهن به سرڪاري منصب جي ضرورت ناهي هوندي

سڀني اسٽيڪ هولڊرز ۽ ڪارڪنن کي اهو احساس ٿي چڪو آهي ته ڳالهه اڳتي وڌڻ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري بهادرآباد ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪز تي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هو پنهنجي ساڍن ٽن سالن جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

موجوده معاشي ۽ زرعي پاليسيون عوام ۽ معيشت لاءِ نقصانڪار آهن: سردار رحيم

ناٽي واڌ 20 سيڪڙو تائين پهچڻ سبب عوام جي خريداري جي سگهه گهٽجي رهي آهي

ناقص پاليسين ۽ غلط فيصلن زرعي شعبي کي تقريبن تباهه ڪري ڇڏيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم چيو آهي ته پاڪستان جون موجوده معاشي ۽ زرعي پاليسيون عوام ۽ معيشت ٻنهي لاءِ نقصانڪار ثابت
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اپريل تي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ بارش جو امڪان

ڪراچي ۾ گجگوڙ سان گڏ هلڪي کان وچولي برسات جو امڪان

تيز هوا، آسماني بجلي ۽ ڳڙن جي نتيجي ۾ ڪمزور عمارتن کي نقصان پهچڻ جو انديشو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي محڪمه موسميات عوام کي خبردار ڪندي چيو آهي ته هڪ نئين اولاهين لهر سياڻي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزير عطاالله تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اي اين ايف جو ڪارروايون، منشيات هٿ، عورت سميت 4 جوابدار گرفتار

ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون

گرفتار جوابدارن خلاف منشيات جي روڪٿام واري ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل

اسلام آباد (اي پي پي) اينٽي نارڪوٽڪس فورس (اي اين ايف) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ منشيات جي اسمگلنگ خلاف ڪريڪ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

رينجرز جي ڪارروائي ۾ ڦرلٽ ڪندڙ گينگ سان لاڳاپيل 4 جوابدار گرفتار

جوابدار گلزار احمد، ساجد علي، مرتضيٰ ۽ احمد علي خان کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي شاهه لطيف ٽائون مان اسنيپ چيڪنگ دوران ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث شاتو
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عرب بادشاهن جي غداري جي ڪري ڪيترائي مسلمان ملڪ آمريڪي ۽ اسرائيلي جارحيت جو شڪار آهن: ڪانفرنس

آمريڪا ۽ اسرائيل اسلامي دنيا جا دشمن آهن، خطي جا مسلمان ملڪ هميشه آمريڪا جو ساٿ ڏيندي پنهنجن پاڻن جي رت سان رنگيل رهيا آهن

وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان جي حڪومت خطي ۾ صيهوني جارحيت خلاف واضح ۽ جرئتمندانہ موقف اختيار ڪري

پاڪستان آمريڪي سفارتي عملي کي نيڪالي ڏئي ته جيئن قومي خودمختياري ۽ مسلم امت جي مفادن جو مڪمل دفاع ڪري سگهجي

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) ملي يڪجهتي ڪائونسل پاران ڪراچي پريس ڪلب ۾ مجلس وحدت مسلمين (ايم ڊبليو ايم) جي ميزباني هيٺ هڪ آل پارٽيز ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي جنهن ۾
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

منحله هجي يا ايم ڪيو ايم پاڪستان يا لنڊن سڀ نفرت، لسانيت ۽ ورهاڱي جي سياست ۾ مصروف آهن: عوامي تحريڪ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻن پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته مهاجر قومي موومينٽ هجي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ڪچري جي ڍير تان عورتون استعمال جوڳيون شيون گڏ ڪري رهيون آهن

ڪراچي ۾ شادي دوران فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو، عورت زخمي

فائرنگ جي نتيجي ۾ 25 سالن جو مظهر علي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

پوليس ڪارروائي ڪندي ملزم ثاقب کي هٿيارن سميت گرفتار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون ۾ شادي جي تقريب دوران فائرنگ جي واقعي ۾ هڪ نوجوان مارجي ويو ۽ هڪ عورت
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

حڪومت پيٽرول بم هڻي عوام کي مهانگائي جي باهه ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي: محمد زبير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت ۾ اجلاس

ڌوڙهن جي روڪٿام ۽ اسٽريٽ ڪرائم ڪنٽرول بابت هدايتون جاري

فينسي ۽ غير رجسٽرڊ گاڏين خلاف جاري مهم جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت ۾ ڪراچي پوليس آفيس ۾ ڪرائم ميٽنگ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهر ۾ امن امان ۽ جرائم جي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. ان
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ برساتن سبب حادثن جي نتيجي ۾ 61 ڄڻا فوت، 116 زخمي

ڪابل (اي پي پي) افغانستان ۾ تازين برساتن سبب پيش آيل حادثن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 61 ڄڻا فوت، 116 زخمي ۽ 4 گم ٿي ويا آهن پرڏيهي ميڊيا افغان حڪومت
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: هڪ پورهيت رنگين ڪپڙا سڪائي رهيو آهي

ڀارت ۾ ڪار حادثو، 9 ڄڻا اجل جو شڪار

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارت جي اولهندي رياست مهاراشٽر ۾ ڪار روڊ تان ترڪي پاڻي سان ڀريل کوهه ۾ ڪري پئي جنهن جي سبب هڪ ئي ڪٽنب جا 9 ڄڻا فوت ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو حادثو
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪنهن به شخص جو ڏوهي رڪارڊ پوليس کي ماوراءِ عدالت قتل جي اجازت نٿو ڏئي: عدالت

مقابلي ۾ مارجي ويل شخص عادي جوابدار هو ۽ ڪيس جو چالان عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي: سرڪاري وڪيل

ظاهر ٿيندڙ واقعن جو تسلسل ان ڳالهه جي تائيد ڪري ٿو ته پوليس مقابلو مشڪوڪ آهي: عدالت جا رمارڪس

پوليس جو ڪم پاڻ سزا ڏيڻ ناهي پر جوابدارن کي عدالت اڳيان پيش ڪرڻ آهي، جيڪڏهن پوليس کي اهڙي اجازت ڏني وئي ته عدالتي نظام جو مقصد ئي ختم ٿي ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس جي ٻڌڻي دوران اهم ريمارڪس ڏيندي چيو آهي ته ڪنهن به شخص جو مجرمانہ رڪارڊ پوليس کي ماوراءِ عدالت قتل جي اجازت نٿو ڏئي، ميڻا پوليس
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۾ برسات دوران سواريون گذري رهيون آهن

شايد وزيراعظم هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي کان ڪڍي ڇڏي ٿو هن جا پنهنجا ٻئي ڪن ڪم نه ٿا ڪن: زين شاهه

جيڏي اسان ايڪسپورٽ ڪيون ٿا ان کان ٽيڏي امپورٽ ڪريون ٿا ان سان ملڪ ۾ ڊالر جي کوٽ ٿيندي

متحده عرب امارات 2 بلين ڊالر واپس ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، هاڻي جيڪڏهن خزانو ائين خالي ڪندا ۽ وري آمدني نه ٿيندي

پاڪستان جي طاقتور ترين جي چوڻ تي پرڏيهي، واپاري ۽ ٻيون پاليسيون هلنديون آهن ڇاڪاڻ غلامن جا پنهنجا فيصلا ناهن هوندا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جو مرڪزي صدر سيد زين شاهه سنڌ آبادگار بورڊ جي مرڪزي اڳواڻ عرفان جتوئي جي دعوت تي سندس رهائشگاهه پهچڻ جيئن هن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته وزيراعظم پيٽروليم ليوي مان 80 رپيه
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال ۽ مملڪتي وزير ڪيئل داس ڪوهستاني ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

سنڌ ۾ 6 اپريل کان برساتي سسٽم داخل ٿيڻ جو امڪان

گجگوڙ، ڪڪرن ۽ تيز هوائن سان 6 ۽ 7 اپريل تي برسات جو امڪان آهي: ماهر

ڪجهه علائقن ۾ ڳوڙي سان برسات، حيدرآباد سميت وچولي سنڌ ۾ به امڪان ظاهر

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) صوبي سنڌ ۾ 6 اپريل سومر کان سنڌ ۾ اولهه جوئنٽون برسات وارو سسٽم داخل ٿيڻ جو امڪان، اولهه جوئنٽون برسات وارو سسٽم سنڌ ۾ 6 اپريل کان داخل ٿيڻ جو امڪان
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

قومي عوامي تحريڪ پاران نوري آباد ۾ احتجاجي مظاهرو

عوام اڳ ئي سخت پريشان آهي ۽ هاڻ هڪ ويلي جي ماني به ڪائڻ مشڪل ٿي پوندي

فوري طور پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون گهٽايون وڃن: اڳواڻ

نوري آباد (ن ع) نوري آباد ۾ حڪومت طرفان پيٽرول ۽ ڊيزل جي هڪ بار وڌايل اگهن خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرو نوري آباد هڪ نمبر کان ٿي نمبر تائين ڪيو
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

شهيد ڀٽو هڪ انقلابي سوچ ۽ تاريخي جدوجهد جي علامت آهي: ارسلان شيخ

شهيد ڀٽو پيڙهيل طبقن، مزدورن، هارين ۽ محروم عوام کي زبان ڏني

هن اها حقيقت دنيا تي ظاهر ڪئي ته طاقت جو سرچشمو عوام آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سکر جي ميئر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته قوم اڄ هڪ اهڙي عظيم
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ليمارڪيٽ ۾ نالي ۾ ڪرڻ سبب هڪ شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ليمارڪيٽ جي علائقي سبزي مارڪيٽ
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ مدبر ۽ دورانديش قومي اڳواڻ هو: رياض شاهه شيرازي

شهيد ڀٽو عوامي حڪمراني جي تصور کي مضبوط ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي اڳوڻي وزيراعظم ۽ قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

نئون ڳوٺ پرسان سولنگي-بروهي تڪرار شدت اختيار ڪري ويو، ڏرٽو باهيون، روڊ بلاڪ

بروهي برادري عورتن، ٻارن ۽ مردن سان گڏ ٽائر ساڙي احتجاج ڪندي نئون ڳوٺ ڏوڪري روڊ بند ڪري ڇڏيو

سولنگي ڌر جي هٿياربندن حملو ڪري گهرن تي قبضو ڪيو، قيمتي سامان کڻي ويا آهن: مظاهرين

آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڳوٺ تان قبضي ختم ڪرائي ملڪيت واپس ڪرائي ڏين

نئون ڳوٺ/راڌڻ (نمائندن وٽان) نئون ڳوٺ پرسان سولنگي بروهي خوني تڪرار تيز ٿي وڃڻ سبب بروهي برادري جي عورتن، ٻارن ۽ مردن پاڪ ڪتاب کڻي ٽائرساڙي نئون ڳوٺ ڏوڪري روڊ مڪمل بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ جام ٿي وئي، مسافر سخت پريشاني کي منهن ڏيڻ لڳا آهن. جڏهن ته معاشر ڳوٺ محمدجمن
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ميرپورخاص: تعليمي بورڊ ۾ بدعنوانين جي الزام هيٺ ايل آفيسر

ميرپورخاص تعليمي بورڊ جو جعلي سرٽيفڪيٽن، مارڪن عيوض اڊائي ارب ڪرپشن جو انڪشاف

اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص گرفتار ٿيل بورڊ ملازمن، الحاق ٿيل اسڪولن ۽ ڪاليجن جي مالڪن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا

اڳوڻي ڪنٽرولر انور عليم خانزاده جعلي سرٽيفڪيٽ ۽ مارڪن ۾ واڌ ڪرڻ عيوض شاگردن کان اٽڪ بڪ اڊائي ارب رپيا وصول ڪيا: اينٽي ڪرپشن

اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص جاچ مڪمل ڪري رپورٽ ڊائريڪٽر جنرل اينٽي ڪرپشن ڏانهن ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ اماڻي ڇڏي

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص تعليمي بورڊ ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ سنسني خيز انڪشاف، جعلي سرٽيفڪيٽن ۽ مارڪن ۾ واڌ جي عيوض اڊائي ارب رپيا وصول ڪرڻ جو انڪشاف، ميرپورخاص
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 — بلاول ڀٽو

آهيون جيئن ته اوهان اڄ ڏينهن تائين هر سال ان ڏينهن تي ورسي ملهائي پوري پاڪستان لاءِ هڪ وڏو جلسو رکندا آهيون پر هن سال اسان جي خطي ۾ جنگ جي صورتحال آهي اسان جي پاڙيسري ملڪ ۾ آيت الله خامنه جي شهادت ٿي ان شهادت سميت جن ٻارن ۽ عورتن جي اسڪول تي حملو ٿيو ان جي احترام ۾ اڳيان جيان هن سال ورسي نه ملهائڻ سگهياسين هن چيو ته ايران جي خلاف غيرقانوني جنگ شروع ڪئي وئي آهي اسان هر پاڪستاني وانگر هن جنگ جي مذمت ڪيون جنگ جي نتيجي ۾ جنگ جا اثر نه صرف ايران تائين محدود ڪونه رهيا آهن پر هي جنگ پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي سگهي ٿي تنهن ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي جنگ جي خلاف هوندي آهي ڇاڪاڻ اسان امن پسند جماعت آهيون اسان سمجهون ٿا ته جنگ ڪنهن مسئلي جو حل ناهي. هي جنگ اسرائيل آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ آهي پر جتي جنگ ٿيندي آهي ته اتي عام ماڻهن جو ئي نقصان ۽ عام ماڻهو شهيد ٿيندا آهن ان جنگ جا اثر ان علائقن تائين محدود ناهن ٿيندا، جيسيتائين جنگ هلندي رهي ٿي ان جنگ جا اثر هر پاڪستان کي محسوس ٿي رهيا آهن. جنگ جا اثر پيٽرول بجلي جي قيمت تي مهانگائي ۽ معاشي بحران جي صورت ۾ نه صرف هر پاڪستاني هي بار کڻي رهيو آهي پر پوري دنيا جا غريب ماڻهو هي بار کڻي رهيا آهن. اسان سڀ دعاگو آهيون ته سڀئي قوتون هي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته هي جنگ ختم ٿئي ۽ امن قائم ٿئي ان ڪوشش ۾ اسان جي به حڪومت شامل آهي اسين انهن قوتن جي لاءِ دعاگو آهيون ته هو ڪامياب ٿين ۽ هي جنگ جلد کان جلد ختم ٿئي ته جيئن امن قائم ٿئي ڇاڪاڻ هن جنگ جي ڪري عام ماڻهو بار کڻي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا مجاهد وارث شهيد محترمه بينظير ڀٽو جا جيالا آهيون اسان هنن مشڪلاتن کي منهن ڏئي متحد ٿي گڏجي حالتن جو مقابلو ڪيون انشاء الله تعاليٰ اسان هنن حالتن جو به مقابلو ڪري ڏيکاريندا سين هن چيو ته اهڙين ڪجهه سياسي ۽ غيرسياسي قوتون آهن جيڪي نفرت جي سياست تي يقين رکن ٿيون پر پيپلز پارٽي جي سياست ملڪ کي هميشه گڏ ڪرڻ سياست ڪئي آهي اسان اهڙي نموني پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهنداسين هن چيو ته اڄ اسان قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جا شڪر گذار آهيون ته هن پاڪستان جي ايٽمي پروگرام جو بنياد رکيو ۽ ان جي ڪري اڄ ڏينهن تائين شهيد قائدعوام جي ڏنل پنهنجي ايٽمي پروگرام جي ڪري اهو پروگرام پاڪستان جو بچاءُ ڪري رهيو آهي جيڪڏهن اڄ آهي صيهوني قوتون ايران، فلسطين لبنان ۽ شام تي حملا ڪري رهيون آهن جيڪي قوتون پاڪستان ڏانهن ميري اک کڻي ڏسي نه ٿيون سگهن ان جو ڪارڻ قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ڏنل ايٽمي بم آهي اسان ڄاڻون ٿا ۽ شهيد قائد عوام به ڄاڻيندو هو ته کيس پاڪستان کي ايٽمي بم جو تحفو ڏيڻ ۽ ان جو بنياد رکڻ تي شهادت سان منهن ڏيڻو پوندو پر قائدعوام پنهنجي اصولن تان پوئتي نه هٽيو نه ئي پنهنجي اصولن تي سوديبازي ڪئي شهيد ڀٽو شهادت قبول ڪئي پر مسلم امه کي ايٽمي طاقت ڏياريو اڄ اسان مسلم امه کي ڏسون ٿا ته مسلمان ملڪ ورهايل آهن ته اسان شهيد قائدعوام کي ياد ڪندا آهيون. قائدعوام هن ملڪ جو وزيراعظم هيو ته کيس نه صرف پاڪستان جو ليڊر تسليم ڪيو ويندو هو پر کيس مسلم امه جو به ليڊر تسليم ڪيو ويندو هو قائدعوام جي ڪري پوري مسلم امه پاڪستان ۾ اچي سندس جي صدارت هيٺ لاهور ۾ او آءِ سي ڪانفرنس ڪئي جيڪا ڪانفرنس تاريخ جو حصو بڻيل آهي هن چيو ته ڪاش قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي اها سوچ ۽ سياست اڄ پاڪستان ۽ عالمي سطح تي موجود هجي ها ڇاڪاڻ اڄ به قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جهڙي قيادت جي ضرورت آهي عالمي سطح تي قائدعوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيان سياست ۽ سياسي طريقه ڪار وانگر پاڪستان جي اندر به شهيد ڀٽو جي سوچ [illegible]

مشڪلاتن ۾ گهٽتائي اچي ۽ اپريل جي شروع کان وٺي اها گنجائش نه هئي ته اها سبسڊي جاري رکجي اهڙي صورتحال ۾ هڪ ٿي وقت اسان جي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ تاريخي واڌ ٿي اسان پريشان ان جي ڪري آهيون ته تاريخي واڌ سان گڏوگڏ مهانگائي ۾ گهٽتائي نه پئي ٿئي ان مهانگائي ۾ اضافو ٿيڻو هو جنهن جو بار پاڪستان جي غريب ماڻهن کي کڻڻو هو ان صورتحال ۾ اسان جي ڪوشش ۽ درخواست اها هئي ته سبسڊي جاري رهي نه ٿي سگهي ۽ اها ناممڪن آهي ته پوءِ ڇا ڪري سگهجي ٿو ته جيئن اسان عوام تائين ڪجهه نه ڪجهه رليف پهچائي سگهون. اسان تيار هئاسين ته جتي وفاقي حڪومت پنهنجي ذميواري نڀائيندي خرچ ڪري ها اتي صوبائي حڪومتون به پنهنجي بجيٽ کي ڪٽي ڪري پنهنجو حصو وجهي اهڙي قسم جا پروگرام شروع ڪري سگهن اسان سنڌ ۾ بينظير هاري ڪارڊ جي شروعات ڪئي ته جڏهن ڊيزل جي قيمت ۾ اضافو ۽ زرعي شعبي کي جڏهن نقصان ٿيندو ته اسان پئسن جي ذريعي مدد ڪري سگهون تنهن ڪري اهو فيصلو ڪيو ويو ته هن ڪارڊ جي ذريعي ننڍن هارين کي معاشي مدد ڏني ويندي ته جيئن قيمتن ۾ واڌ جي ڪري ان جو فائدو ننڍن هارين تائين پهچي ۽ مشڪل وقت جو مقابلو ڪندي انهن کي مالي مدد ڏئي سگهون. مان وزيراعليٰ ۽ ان جي ٽيم جو شڪرگذار آهيان ته هو هن پروگرام کي فعال ڪري آبادگارن کي مدد پهچائي، گڏوگڏ معاشي مشڪلاتن ۽ تاريخي مهانگائي کي ڏسندي توڙي احساس ڪيو هوندين ته اهو مشڪل آهي ته عام ماڻهو ان جو بار کڻي سگهي. نه ئي وفاقي حڪومت وٽ آهي وسيلا موجود آهن ته جيڪي هو سبسڊي ڏئي رهيا هئا ان کي جاري رکن تنهن ڪري اسان فيصلو ڪيو ته سنڌ حڪومت موٽرسائيڪل هلائيندڙن کي مالي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ سبسڊي متعارف ڪرائيندي، انهن بنهي منصوبن جي لاءِ جن جي اسان مدد ڪري سگهون ٿا انهن جي مدد ڪيون اسان هارين ۽ موٽرسائيڪل هلائيندڙن کي فائدو ڏيڻ چاهيون ٿا، آبادگارن جن وٽ 25 ايڪڙ کان گهٽ زمين آهي پاڻ کي ضرور رجسٽرڊ ڪرائن ته جيئن هو هن پروگرام مان لاڀ حاصل ڪري سگهن اسان کي خبر ناهي ته هي حالتون ڪيسيتائين هلنديون اڳتي هلي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون هارين کي مدد فراهم ڪرڻ چاهن ته ان جو به طريقه ڪار اهو ئي آهي هن چيو ته موٽرسائيڪل هلائيندڙن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته موٽرسائيڪل ان جي نالي رجسٽرڊ هجي سنڌ حڪومت کي گذارش ڪندس ته موٽرسائيڪل نالي ڪرڻ جي فيس به معاف ڪئي وڃي ته جيئن موٽرسائيڪل هلائيندڙ ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته وڏي پريشان ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته ٽرانسپورٽ جي سهولت عام ماڻهو جي پهچ کان ٻاهر ٿيندو ۽ جيتري مهانگائي ٿيندي اوترو ئي

هي چئلينج وڌندو رهندو تنهن ڪري سنڌ صوبي اهو فيصلو ڪيو ته پبلڪ ٽرانسپورٽ جنهن ۾ پيپلز بس سروس ۽ پرائيوٽ ٽرانسپورٽ سهولتون آهن انهن سان اسان سهڪار ڪيون ۽ سنڌ حڪومت انهن کي مالي مدد فراهم ڪري ته جيئن انهن جي فيس ۽ ڀاڙن ۾ واڌ نه ٿئي جيسيتائين مهانگائي ۽ عالمي صورتحال جي ڪري پيٽرول جي اگهن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي وزيراعليٰ سنڌ جلد ٽرانسپورٽ تنظيمن سان ملي ڪري هن سهولت بابت فيصلو ڪندو ان سان گڏوگڏ وفاقي حڪومت جو اسان جي مشاورت سان اها سوچ هئي ته گڊس ٽرانسپورٽ کي ڊيزل ۾ تاريخي اضافي جي ڪري اڳتي مهانگائي تي جيڪو اثر پوندو ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو ته اسان ٽرانسپورٽرن جي به مدد ڪنداسين. اها مدد اڳين ڏني وئي ته سموري صوبا پنهنجي وسيلن سان وفاق جي فنڊ ۾ حصو وجهندا ته جيئن وفاقي حڪومت ٽرانسپورٽ کي رليف فراهم ڪري سان سمجهان ٿو ته انهن سهولتن جي ڪري پاڪستان ۽ هن خطي جو عوام جيڪي معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي، اسان جي ڪوشش آهي ته غريب عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيون اسان چاهيون ٿا ته وفاقي حڪومت وٽ تمام وڏو ادارو بينظير انڪم سپورٽ پروگرام آهي حڪومت چئني صوبن جي غريب عورتن کي مالي مدد پهچائي رهي آهي اسان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي روٽي ڪپڙا ۽ مڪان جي سوچ تحت ان پروگرام جي شروعات ڪئي جنهن ۾ غريب عورتن کي مالي مدد پهچائي سگهجي ٿو خاص طور ملڪ اهڙي صورتحال سان منهن ڏئي رهيو آهي ان ۾ اسان صدر زرداري جي هن منصوبي تي سندس جو شڪريو ادا ڪندا آهيون. جيڪڏهن حڪومت عوام تائين مالي مدد پهچائي ٿي ته اهو ئي صاف ۽ شفاف طريقو آهي جنهن جي ذريعي ملڪ جي هر صوبي جي ضلعي ۾ مستحق موجود آهن ان جو جائزو ورتو وڃي ته جيڪڏهن مستحق غربت جي لڪير کان هيٺ آهن انهن کي رليف فراهم ڪجي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي ان ڳالهه تي زور ڏيندي ته وفاقي حڪومت کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي استعمال ڪندي غريبن ۽ عام ماڻهن تائين اهي سهولتون پهچائي. في الحال بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي امدادي پئسن ۾ واڌ ممڪن ناهي. جيڪڏهن وفاقي حڪومت فيصلو ڪري وقت کان اڳ مني بجيٽ آڻڻي آهي ته ان ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ذريعي هليو وڃي ته جيئن عام عوام کي رليف فراهم ڪجي اسان چاهون ٿا ۽ احساس آهي ته هي سڀني جي لاءِ مشڪل وقت آهي جيڪڏهن پاڪستان وفاقي حڪومت ۽ صوبائي حڪومت کي وسيلا استعمال ڪرڻا آهن ته ان تي پهريان ملڪ جي غريب ۽ هارين جو حق آهي ان لاءِ پاڪستان ۾ اتفاق راءِ هئڻ گهرجي ۽ سياسي اختلافن کي پري رکي ملڪ لاءِ هڪ ٿيڻ گهرجي ان حوالي سان صدر وزيراعظم هائوس ۾ جيڪي گڏجاڻيون ٿيون انهن ۾ پي ٽي آءِ ۽ ڪي پي ڪي جو وزيراعليٰ به موجود هو مان سمجهان ٿو ته اهو ئي طريقو آهي ملڪ ۽ قوم معان ڏکيو وقت آهي جنگ جي صورتحال ۾ پنهنجي سياسي اختلافن کي هڪ پاسي رکي قومي پاليسي جوڙي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي جيڪا پيپلز پارٽي جي گذارش به هئي ته جيڪڏهن اهڙا فيصلا ڪرڻا آهن ته ان ۾ سمورن صوبن جا نمائندا ۽ وزيراعليٰ هئڻ گهرجن جنهن ۾ سڀني صوبن کي ٻڌو وڃي اسان کي پي ڪي جي وزيراعليٰ جا ٿورائتا آهيون ته هو مثبت انداز ۾ شريڪ ٿيو ۽ هو به هن مشڪل ۾ پنهنجي عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي اڳين ئي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جا وزيراعليٰ ڪري رهيا آهن اسان سڀني جماعتن هر پاڪستاني کي هڪ ٿي هنن مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پوندو اختلاف نه هجي ته دنيا ۾ اهڙي ڪائي به قوت ناهي جيڪا پاڪستان کي ورهائي يا توڙي سگهي پاڪستان اهو ثابت ڪري چڪو آهي ۽ انشاء الله تعاليٰ اسان هن امتحان ۽ مشڪل جو گڏجي مقابلو ڪنداسين فتح اوهان جي ۽ امن جي هوندي دعا آهي ته شهيد محترمه بينظير [illegible]

جي ترقي ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. وزيراعظم چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو ۽ عوامي طرز حڪمراني ۽ عوام جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون وزيراعظم طور ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي عالمي افق تي نمائندگي پڻ ڪئي هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪندي چيو ته سندس سياسي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا 3 — وڏو وزير

تيزيءَ سان ٿيندڙ اضافي کان شهرين کي بچائڻ آهي جڏهن ته پبلڪ ٽرانسپورٽ جي ڪرائي کي پهچ ۾ رکڻ ۽ صوبي جي ٽرانزٽ سسٽم کي رواني سان هلائڻ کي يقيني بڻائڻ آهي وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس جنهن ۾ صوبائي وزيرن شرجيل انعام ميمڻ مڪيش ڪمار چاولا، محمد بخش خان مهر، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، ۽ صوبائي سيڪريٽريز آصف اڪرام، فياض جتوئي (ناڻو)، سليم راجپوت (ايڪسائيز)، اسد ضامن (ٽرانسپورٽ)، سي اي او ايس پي ايڇ ايف خالد شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان ۾ سستي ٽرانسپورٽ ڪرائي کي برقرار رکڻ ۽ صوبي جي ٽرانزٽ نيٽ ورڪ جي آپريشنل استحڪام کي يقيني بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو وڏي وزير چيو ته هي اقدام تازو عالمي جيو پوليٽيڪل صورتحال جي نتيجي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ ٿيندڙ بي مثال واڌ جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي وڏي وزير چيو ته گذريل ڪجهه هفتن ۾ ٻارڻ جي قيمتن ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي جنهن سان ڪرائي ۾ واڌ ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي استعمال ۾ گهٽتائي جو سنگين خطرو پيدا ٿيو آهي جيڪو خاص طور تي گهٽ آمدني وارن طبقن کي متاثر ڪري رهيو آهي ان کي روڪڻ لاءِ حڪومت "ٽارگيٽيڊ پيپلز فيول ڊفرنشل سبسڊي" متعارف ڪرائي آهي جيڪا بحران کان اڳ واري ۽ موجوده ٻارڻ جي قيمتن جي وچ ۾ فرق کي ختم ڪندي وڏي وزير چيو ته هي پروگرام معاشي استحڪام کي برقرار رکڻ سان گڏ سماج جي سڀ کان وڌيڪ متاثر طبقن کي تحفظ ڏيڻ تي آهي هن وڌيڪ چيو ته عام سبسڊيز غير موثر ۽ مالي طور تي ناقابل برداشت ثابت ٿيون هيون ٽرانسپورٽ شعبي لاءِ وڏي مدد: هن پيڪيج تحت ٽرانسپورٽ آپريٽرز کي ان شرط تي وڏي مالي سبسڊي فراهم ڪئي ويندي ته هو ڪرائي ۾ اضافو نه ڪندا. بسون، مني بسون ۽ ڪوچز 2,40,000 رپيا في گاڏي ماهوار (وفاقي ۽ صوبائي حصو شامل آهي). ويگنون ۽ پڪ اپ: 50,000 کان 1,00,000 رپيا ماهوار گڊز ٽرانسپورٽ: ننڍن ٽرڪن لاءِ 70,000 رپيا ۽ وڏن ٽرڪن لاءِ 80,000 رپيا. انٽر شهر ٽرانسپورٽ لاءِ سبسڊي روٽ جي فاصلي جي بنياد تي سليبس ۾ ورهايل آهي جتي ڊگهي فاصلي واري بسون 1.08 ملين رپيا ماهوار تائين سبسڊي جون اهل هونديون ته جيئن پوري صوبي ۾ ڪرائي ۾

استحڪام کي يقيني بڻائي سگهجي عوامي رليف جي هڪ وڏي قدم طور سنڌ حڪومت اپريل ۾ هر رجسٽرڊ موٽرسائيڪل مالڪ کي 2,000 رپيا نقد رقم فراهم ڪندي اميد آهي ته ان اقدام مان انهن لکن جي تعداد ۾ مسافرن کي فائدو پهچندو جيڪي روزاني سفر لاءِ موٽرسائيڪل تي ڀاڙين ٿا. شفافيت کي يقيني بڻائڻ ۽ غلط استعمال کي روڪڻ لاءِ سبسڊي هڪ ڊجيٽل ايپليڪيشن تي ٻڌل سسٽم ذريعي فراهم ڪئي ويندي جيڪا ايڪسائيز ۽ ٽرانسپورٽ کاتي جي ڊيٽابيس سان ڳنڍيل هوندي هي سسٽم فنڊ سڌو سنئون بينڪ اڪائونٽس ۾ منتقل ڪرڻ کان اڳ گاڏي جي رجسٽريشن، فٽنيس ۽ مالڪي جي تصديق ڪندو وڏي وزير ايڪسائيز کاتي کي هدايت ڪئي ته ايندڙ 15 ڏينهن تائين آفيسون وڌيڪ وقت تائين کليل رکيون وڃن ته جيئن رجسٽريشن ۾ آساني ٿئي ۽ پروگرام تي بهتر طريقي سان عملدرآمد کي يقيني بڻائي سگهجي سبسڊي پروگرام جنهن جي لڳ ڀڳ ماهوار لاڳت 1.72 ارب رپيا هوندي، هڪ اهڙي ٽرانسپورٽ نيٽ ورڪ جي مدد ڪندو جيڪو ماهوار تقريباً 57 ملين رپيا مسافرن کي سهولت فراهم ڪري ٿو جنهن سان ڪرائي ۾ استحڪام ايندو ۽ نجي گاڏين جي استعمال ڏانهن وڌندڙ لاڙي جي حوصلا شڪني ٿيندي پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجائيندي مراد علي شاهه چيو ته اسان يقيني بڻائينداسين ته رليف شفاف ۽ وقتائتي نموني ماڻهن تائين پهچي هي ٽارگيٽيڊ طريقو انهن ڏکين حالتن ۾ مسافرن ۽ ٽرانسپورٽ شعبي بنهي جي حفاظت ڪندو

بقايا 4 — جونيئر ذوالفقار

ڳوٺ خدابخش ڀٽو ۾ تقريب ڪوٺائي قرآن خواني ڪئي وئي جنهن ۾ جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو ٽيم جي مرڪزي اڳواڻن عنايت علي خان عمراڻي، برڪت علي ميرجت، دلمراد خان جتوئي، محمد عيدن جتوئي، عبدالغفار راڄڙ اعجاز علي بليدي، برڪت علي ميراڻي، جاويد علي لاهوري، لالا سرهيس ارشاد علي چانڊيو رلي محمد لاهوري، شهباز ڀٽو الله ڏنو گوپانگ، لالا مسلم سهڙ، صدام حسين جتوئي، صدام حسين جيسڪ توقير علي ڪلهوڙو، سجاد چانڊيو فيصل ڪوراڻي، منير احمد بگهيو عاقب حسين ڪاٺيو سرفراز ڪوڪر، احمد حسين ڪاٺيو اسرار علي مناڻي، امجد ٽنيس زوهيب علي بروهي، اصغر مغيري سميت ٻين شرڪت ڪئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪيو بعد ۾ اڳواڻن ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ شهيدن جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪري دعا پڻ گهري ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سڄي حياتي مظلوم عوام جي حقن لاءِ جاکوڙ ڪنهن آمر آڏو جهڪڻ بجاءِ ڦاهي قبول ڪئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عوامي سياستدان هو جنهن هيٺين طبقي کي پنهنجا حق ڏيارڻ اهو ثابت ڪيو ته عوامي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪندڙ زنده رهندا آهن اڄ اسين پنهنجي قائد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي سندس ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا.

بقايا 5 — سينيٽ چيئرمين

چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع جو متفقا آئين ڏئي جمهوريت ۽ عوامي حقن کي نئون رخ ڏئي عوام کي طاقت ڏني ۽ جمهوري قدرن کي هٿي ڏني سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي جي موقعي تي سينيٽ سيڪريٽريٽ مان جاري خاص پيغام ۾ چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو عهد ساز ۽ عام دوست اڳواڻ هو هن جمهوري ۽ دفاعي بنيادون مضبوط ڪيون سينيٽ چيئرمين چيو ته ڀٽو شهيد 1973ع جو متفقا آئين ڏئي جمهوريت ۽ عوامي حقن کي نئون رخ ڏنو ڀٽو شهيد عوام کي طاقت ڏني ۽ جمهوري قدرن کي هٿي ڏني هن چيو ته شهيد ڀٽو جي قيادت پاڪستان کي پاڻ پرو ڪيو ۽ ترقي جي رستي تي آندو سيد يوسف رضا گيلاني چيو ته ايٽمي پروگرام [illegible]

ڪانفرنس ۾ ٽيو ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ ڪميٽا محمد منهاج گل قادر سرپرست اعليٰ آل سٽي تاجر اتحاد شرجيل گوپلائي، چيئرمين آل ڪلفٽن اينڊ ڊي فنس الائنس راشد خان، چيئرمين يونائيٽيڊ گڊز ٽرانسپورٽ الائنس غلام ياسين، ترجمان آل پاڪستان انجمن تاجران محمد اسماعيل لاليوريا، جنرل سيڪريٽري آل سٽي تاجر اتحاد ايسوسيئيشن احمد شمسي، صدر انجمن تاجران شاهه فيصل راو محمد افضل، جوائنٽ سيڪريٽري انجمن تاجران شاهه فيصل طاهر قريشي ۽ نائب صدر آل سٽي تاجر اتحاد ايسوسيئيشن محمد زڪي سميت ٻيا اڳواڻ شرڪت ڪئي. رهنمائن ٻڌايو ته سومر 6 اپريل 2026 تي ڏينهن هڪ وڏي فريسڪو چورنگي بزنس روڊ کان ڪراچي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ويندي، جنهن ۾ واپاري اٽ گاڏين، گڏهه گاڏين ۽ گهوڙي گاڏين وسيلي حصو وٺندا. ريلي دوران ايف بي آر جي دفترن جي سامهون علامتي طور تي جانورن کي پاڻي پياريو ويندو ۽ احتجاج رڪارڊ ڪيو ويندو. پريس ڪانفرنس دوران شرجيل گوپلائي چيو ته خليجي صورتحال کي جواز بڻائي تيل جي قيمتن ۾ غير معمولي اضافو ڪيو ويو ۽ غريب عوام تي "پٽرول بم" ڪيرايو ويو هن چيو ته موجوده حڪومت جي غلط پاليسين جو بار عوام ۽ واپاري برادري کي کڻڻو پئي ٿو جڏهن ته ڪاروباري سرگرميون شديد متاثر ٿي چڪيون آهن. انهن وڌيڪ چيو ته پيٽروليم مصنوعات تي وڏا ٽيڪس لڳايل آهن جنهن ۾ في ليٽر 161 رپيا ليوي ۽ پٽرول تي تقريباً 211 رپيا مختلف مدن ۾ ٽيڪس شامل آهن. جڏهن ته ڊيزل تي پڻ ساڳي شرح سان ٽيڪس وصول ڪيو پيو وڃي اربين روپين جو ٽيڪس وصول ڪيو پيو وڃي پر عوام کي ڪابه رليف نه ڏني وئي آهي. غلام ياسين چيو ته ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافو ٽرانسپورٽ شعبي لاءِ ناقابل برداشت ٿي چڪو آهي ۽ ڪم ڪرڻ مشڪل ٿي ويو آهي. هن چيو ته تاجر ۽ ٽرانسپورٽر هڪبئي لاءِ لازم و ملزوم آهن.جيڪڏهن ٽرانسپورٽرز ڪم بند ڪن ٿا ته ڪاروبار مڪمل طور تي رڪجي ويندو محمد منهاج گل قادر چيو ته سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس تاجر برادري ئي ڏئي ڪري ٿي پر ان جي باوجود انهن کي ڪابه رليف نه ڏني پئي وڃي هن چيو ته پٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ اضافي سبب عام عوام ۽ پگهاردار طبقو شديد متاثر ٿيو آهي.

بقايا 8 — جوابدار گرفتار

ڊائون ڪندي ڪاروائين دوران 12 لک روپين کان وڌيڪ ماليت جي 13.34 ڪلو گرام منشيات هٿ ڪري عورت سميت 4 جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي اي اين ايف جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب مختلف ڪارروائين دوران ڪراچي ۾ واقع ڪوريئر آفيس ۾ نيوزيلينڊ ويندڙ پارسل ۾ هاڪي جي بال ۾ لڪايل 1.54 ڪلو گرام آئس هٿ آئي آهي جڏهن ته جوابدار کي پڻ گرفتار ڪيو ويو هوڏانهن ڪارخانو مارڪيٽ پشاور ويجهو ٻن موٽر سائيڪل سوارن وٽان 7. 2 ڪلو گرام چرس هٿ آيو آهي. سنجاڻي ٽول پلازه اسلام آباد ويجهو مسافر عورت جي قبضي مان 4.6 ڪلو گرام چرس مليو. گرفتار جوابدارن خلاف منشيات جي روڪٿام واري ايڪٽ 1997ع تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 9 — جوابدار گرفتار

گينگ سان لاڳاپيل 4 جوابدار گلزار احمد ولد ديدان ساجد علي ولد ديدان مرتضيٰ ولد مومن خان ۽ احمد علي خان ولد عبدالحميد کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن وٽان 1 عدد 30 بور پسٽل بمعه ايمونيشن (بغير لائسنس)، 1 عدد جعلي پسٽل، 2 عدد موٽر سائيڪلون 1 عدد موبائل فون ۽ روڪ رقم برآمد ڪئي وئي. تفصيلن موجب گرفتار جوابدار ڪراچي جي علائقي شاهه لطيف ٽائون ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڦرلٽ ۽ اسٽريٽ ڪرائيم جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث آهن. گرفتار جوابدارن کي بمعه هٿيار ايمونيشن ۽ برآمد ٿيل سامان وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 — ڪانفرنس

مختلف سياسي ۽ مذهبي پارٽين جي اڳواڻن شرڪت ڪئي ڪانفرنس ۾ ايران سان يڪجهتي عالمي حالتن ۽ مسلم امت جي اتحاد تي زور ڏنو ويو ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ايم ڊبليو ايم جي مرڪزي وائيس چيئرمين علامه احمد اقبال رضوي چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل اسلامي دنيا جا دشمن آهن خطي جا مسلمان ملڪ هميشه آمريڪا جو ساٿ ڏيندي پنهنجن پنهنجن پاڻين جي رت سان رنگيل رهيا آهن عرب بادشاهن جي هن غداري جي ڪري، خطي جا ڪيترائي مسلمان ملڪ، جن ۾ فلسطين لبنان ۽ ايران شامل آهن هاڻي آمريڪي ۽ اسرائيلي جارحيت جو سڌو سنئون شڪار آهن هن چيو ته آمريڪا پوري دنيا کي يرغمال بڻائي ورتو هو پر اڄ ايران انهن جي غرور کي چيڀاٽيو آهي هن چيو ته حڪومت کي ايران کان سستو پيٽرول خريد ڪري عوام کي رليف فراهم ڪرڻ گهرجي وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان جي حڪومت خطي ۾ صيهوني جارحيت خلاف واضح ۽ جرئتمندانه موقف اختيار ڪري اسان مطالبو ڪريون ٿا ته پاڪستان آمريڪي سفارتي عملي کي نيڪالي ڏئي ته جيئن قومي خودمختياري ۽ مسلم امت جي مفادن جو مڪمل دفاع ڪري سگهجي جمعيت علماء پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ صاحبزاده ابوالخير محمد زبير چيو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل عالمي امن لاءِ خطرو آهن انهن جون دهشتگرد پاليسيون خطي ۾ عدم استحڪام کي فروغ ڏئي رهيون آهن مسلم امت کي هن نازڪ وقت ۾ اتحاد ۽ يڪجهتي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ گڏيل حڪمت عملي ذريعي چئلينجن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي پاڪستان جي عوام هميشه مظلوم قومن سان گڏ بيٺي آهي ۽ مستقبل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي تحريڪ تحفظ عين پاڪستان جي اڳواڻ محمد زبير عمر چيو ته اسلامي دنيا جا ماڻهو متحد آهن پر حڪمرانن ۾ اتحاد جو فقدان آهي هن چيو ته ايران ثابت ڪيو آهي ته مضبوط ادارا ڪنهن به ملڪ جي اصل طاقت آهن ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سيد منير حيدر شاهه (جئي سنڌ) مغربي تهذيب تي تنقيد ڪندي چيو ته مغربي تهذيب جي منافقت ظاهر ٿي چڪي آهي، جيڪا ڪڏهن قومن تي بمباري ڪري ٿي ۽ ڪڏهن امداد جي نالي تي ڊيڪاريل قدم کڻي ٿي هن چيو ته پاڪستان ۾ فرقه واريت کي پروڪائڻ جون ڪوششون ناڪام ٿي چڪيون آهن ۽ مختلف مذهبي سياسي قيادت مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سيد ارشد حسين نقوي ايراني قيادت سان تعزيت جو اظهار ڪندي چيو ته شهيد آيت الله خامنه اي پنهنجي جان قربان ڪري شبير جي رسم ادا ڪئي پاڪستاني عوام ايران سان گڏ بيٺي آهي هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو به مسلم امت جي اتحاد ۾ ڪردار ادا ڪيو جماعت اسلامي پاڪستان جي اڳواڻ محمد حسين محنتي چيو ته "اسلامي دنيا ۾ حقيقي خودمختياري صرف ايران وٽ آهي" ۽ ايراني قيادت جي پاليسين جي تعريف ڪئي چيو ته انهن دنيا کي مزاحمت جو رستو ڏيکاريو آهي 36 ڏينهن جي جنگ جي باوجود، ايران ثابت قدمي سان بيٺو آهي. قومي اتحاد ڪائونسل سنڌ جي اڳواڻ اسدالله ڀٽو پنهنجي تقرير ۾ چيو ته موجوده صورتحال شيعه-سني تڪرار نه پر "اسلام ۽ ڪفر" جي جنگ آهي هن چيو ته آمريڪا پاڻ هن جنگ ۾ ڦاسي چڪو آهي ۽ ايران ان کي سختي سان وڙهيو آهي ڪانفرنس کي پاڪستان تحريڪ انصاف جي مسرور سيال، شيعه علماء ڪائونسل جي اڳواڻ مولانا مظهر حسين جعفريه الائنس جي علامه باقر عباس زيدي، هيئت امام مسجد ۽ اماميه علماء جي اڳواڻ مولانا نعيم الحسن، پاڪستان عوامي تحريڪ جي راڄ ڪامران تحريڪ بديع الامت ڪار جي اڳواڻ مولانا مهدي مقدم ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو.

بقايا 11 — صدارت ۾ اجلاس

موقعي تي ڊي آءِ جي ايڊمن زونل ڊي آءِ جيز ڊي آءِ جي سي آءِ اي، ضلعي ايس ايس پيز ايس پي انويسٽيگيشن ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڏوهن جي روڪٿام اسٽريٽ ڪرائم ڪنٽرول، اشتهاري ۽ مفرور ملزمان جي گرفتاري ۽ جاچ هيٺ ڪيسن جي بروقت مڪمل ٿيڻ بابت هدايتون جاري ڪيون ويون ۽ ڪرائم ۾ گهٽتائي لاءِ مؤثر حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو ويو. پوليس چيف حالين برساتن دوران ضلعي پوليس ۽ ٽرئفڪ پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ فينسي ۽ غير رجسٽرڊ گاڏين خلاف جاري مهم جو جائزو ورتو ۽ وڌيڪ بهتري لاءِ هدايتون ڏنيون. اجلاس ۾ ايندڙ PSLميچز جي سيڪيورٽي انتظامات تي به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ فول پروف سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ جي هدايتون جاري ڪيون ويون. پوليس چيف آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي جرائم جي خاتمي ۽ شهري تحفظ لاءِ پنهنجون ذميواريون پوري لگن ۽ پيشه ورانه مهارت سان انجام ڏين.

بقايا 12 — 61ڄڻا فوت

جي ترجمان ذبيح الله مجاهد ٻڌايو ته اڪثر ماڻهو ڏکڻ ۽ اولهه وارن صوبن ۾ ٿيون آهن. شديد برسات ۽ لاڳاپيل قدرتي آفتن سبب 2448 گهر جزوي يا مڪمل طور تباهه ٿيا ۽ 26841 ايڪڙن تي ٻڌل زرعي فصل لوهي ويو افغانستان جي موسميات واري اداري ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ شديد برساتن جي اڳڪٿي ڪندي خاص طور ڏورانهن ۽ ڪمزور علائقن ۾ ٻوڏ جي وڌندڙ خطري جي وارننگ جاري ڪئي آهي

بقايا 13 — قائم ڪيو ويندو

قائم ڪيو ويندو ان مقصد لاءِ تقريب اڄ منجهند جو جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر ڪراچي جي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿي معاهدي موجب، سنڌ حڪومت ڪنڊو محمد خان ضلعي ۾ اسڪول آف نرسنگ قائم ڪرڻ لاءِ زمين ۽ مالي وسيلا فراهم ڪندي، جڏهن ته آغا خان يونيورسٽي هن اداري کي هلائڻ لاءِ علمي ۽ فني سهڪار فراهم ڪندي نرسنگ اسڪول ۾ داخلا لاءِ عورت اميدوارن کي ترجيح ڏني ويندي، جڏهن ته هر سال 50 اميدوارن کي داخلا ڏني ويندي تقريب ۾ سنڌ جي صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد نويد قمر وزيراعليٰ سنڌ جي سپيڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت خاص معاون سيد قاسم نويد قمر آغا خان يونيورسٽي اسپتال ڪراچي جي اسڪول آف نرسنگ جي ڊين ڊاڪٽر سليما آر والاڻي سيڪريٽري صحت کاتو سنڌ طاهر حسين ڊپٽي ڪمشنر ڪنڊو محمد خان ڏمرو پاراڻي ۽ سنڌ حڪومت جا ٻيا سينيئر آفيسر شريڪ ٿيا. ان موقعي تي ڳالهائيندي قومي اسيمبلي جي ميمبر سيد نويد قمر چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي طاقت جو سرچشمو پاڪستان جا ماڻهو آهن ۽ اهو ئي نعرو اسان جي باني قائد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جو هو. هن چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو عام ماڻهن کي صحت، تعليم ۽ باوقار زندگي جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪئي، جيڪا ماڻهن جي ووٽ جي طاقت سان ممڪن ٿي. سيد نويد قمر چيو ته ڪنڊو محمد خان ضلعي ۾ نرسنگ اسڪول جو قيام عوام کي معياري تعليم ۽ صحت جون سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ هڪ اهم قدم آهي. ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ جي سپيڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت خاص معاون سيد قاسم نويد قمر چيو ته اڄ سنڌ حڪومت ڪنڊو محمد خان نرسنگ اسڪول قائم ڪرڻ لاءِ معاهدي تي صحيحون ڪري صوبي ۾ نرسنگ تعليم لاءِ هڪ اهم سنگ ميل عبور ڪيو آهي. سيد قاسم نويد قمر چيو ته سنڌ حڪومت پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت صوبي جي ماڻهن جي زندگين کي بهتر بڻائڻ لاءِ تيزي سان قدم کڻي رهي آهي، جنهن تحت ٻهري وارن علائقن ۾ صحت، تعليم ۽ بهتر زندگي جي موقعن ۾ اضافي لاءِ منصوبا جاري آهن. تقريب ۾ مفاهمتي ياداداشت (MoU) تي سنڌ حڪومت پاران سيڪريٽري صحت طاهر حسين صحيحون ڪيون جڏهن ته آغا خان يونيورسٽي اسپتال ڪراچي طرفان اسڪول آف نرسنگ جي ڊين مس سليما والاڻي ۽ ضلعي انتظاميا ڪنڊو محمد خان طرفان ڊپٽي ڪمشنر ڏمرو پاراڻي صحيحون ڪيون.-

بقايا 14 — سردار رحيم

ٿي رهيون آهن. هن وزير خزانه اورنگزيب جي اڳواڻي ۾ ڪيل فيصلن تي تنقيد ڪندي چيو ته اهي قدم ملڪ جي معاشي ترقي کي وڌيڪ ڪمزور ڪري رهيا آهن، جڏهن ته زرعي شعبي کي به سخت نقصان پهچي رهيو آهي. سردار عبدالرحيم معاشي انگن اکرن بابت ٻڌائيندي چيو ته پاڪستان جو جي ڊي پي گروٿ ريٽ تقريباً 3.0 سيڪڙو آهي جيڪو خطي جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهي. ناڻي واڌ 20 سيڪڙو تائين پهچي چڪي آهي، جنهن سبب عوام جي خريداري جي سگهه مسلسل گهٽجي رهي آهي. مقابلي ۾ ڀارت جو جي ڊي پي گروٿ ريٽ تقريباً 6.5 سيڪڙو ۽ بنگلاديش جو تقريباً 6 سيڪڙو آهي. هن زور ڀريو ته پاڪستان هڪ زرعي معيشت رکندڙ ملڪ آهي پر ناقص پاليسين ۽ غلط فيصلن زرعي شعبي کي تقريباً تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته ڪلائيميٽ چينج جا اثر پنهنجي جاءِ تي، پر پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ، غير معياري ٻج جي فراهمي ۽ فصلن جي قيمتن جي غير مؤثر تعين هن شعبي کي وڌيڪ نقصان پهچائي رهيا آهن.

بقايا 15 — بارش جو امڪان

کان بلوچستان ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان آهي جيڪا 6 اپريل تي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ بارش جو سبب بڻجي سگهي ٿو. محڪمه موسميات مطابق پير ڏينهن ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڳجگوڙ سان گڏ هلڪي کان وچولي شدت تائين بارش جو امڪان آهي موسميات آفيسر چيو آهي ته موجوده سسٽم جي سبب، تيز هوا آسماني بجلي ۽ ڳڙا ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪمزور عمارتن کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي تنهن ڪري شهرين کي خبردار رهڻ ۽ حفاظتي قدم کڻڻ جي ضرورت آهي. محڪمه موسميات عوام کي هدايت ڪئي آهي ته برسات جي دوران گهر کان غير ضروري ٻاهر وڃڻ کان پاسو ڪن خاص ڪري ڪمزور عمارتن، ڪيبن وارن پولن ۽ نڪاسي آب وارن علائقن ۾ احتياط لازمي آهي.

بقايا 16 — عدالت

مقابلي ۾ لاپتا شهري شاهه مير جي موت واري ڪيس جي ٻڌڻي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي جنهن جو لکت وارو حڪم نامو پڻ جاري ڪيو ويو آهي. عدالت پنهنجي حڪم نامي ۾ قرار ڏنو ته ڪنهن به شهري جو مجرمانه رڪارڊ هجي تنهن هوندي به پوليس کي قانون کان مٿي ٿي ڪري ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار حاصل ناهي. درخواست گذار جي وڪيل ٻڌڻي دوران موقف اختيار ڪيو ته شاهه مير کي پوليس حراست ۾ وٺڻ کان پوءِ جعلي مقابلي ۾ قتل ڪيو ويو. جڏهن ته سرڪاري وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته مقابلي ۾ مارجي ويل شخص عادي جوابدار هو ۽ ڪيس جو چالان عدالت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. عدالت چيو ته ظاهر ٿيندڙ واقعن جو تسلسل ان ڳالهه جي تائيد ڪري ٿو ته پوليس مقابلو مشڪوڪ آهي. رڪارڊ موجب درخواست 15 جنوري تي داخل ڪئي وئي جڏهن ته مبينا مقابلو 17 جنوري تي پيش آيو. عدالت وڌيڪ چيو ته پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 14 تحت هر شهري کي انساني وقار ۽ تشدد کان تحفظ جي ضمانت حاصل آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ واضح ڪيو ته پوليس جو ڪم پاڻ سزا ڏيڻ ناهي پر ملزمان کي عدالت آڏو پيش ڪرڻ آهي. جيڪڏهن پوليس کي اهڙن قدمن جي اجازت ڏني وئي ته عدالتي نظام جو مقصد ئي ختم ٿي ويندو. عدالت چيو ته ٽارچر اينڊ ڪسٽوڊيل ڊيٿ ايڪٽ تحت اهڙن ڪيسن جي جاچ فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) جي دائري اختيار ۾ اچي ٿي. فيصلي ۾ عدالت حڪم ڏنو ته ڪيس جي جاچ فوري طور تي ايف آءِ اي جي حوالي ڪئي وڃي ۽ قانون مطابق 30 ڏينهن اندر مڪمل ڪئي وڃي. تفتيشي آفيسر درخواست گذار ٻين شاهدن جا بيان رڪارڊ ڪري ۽ فيصلي جون ڪاپيون لاڳاپيل اختيارين کي فوري موڪليون وڃن.

بقايا 17 — رياض شاهه شيرازي

عقيدت جو نذرانو پيش ڪيو ۽ سندس سياسي توڙي جمهوري خدمتن کي شاندار لفظن ۾ ساراهيو آهي پنهنجي خصوصي پيغام ۾ صوبائي وزير چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو هڪ مدبر ۽ دورانديش قومي اڳواڻ هو جنهن پاڪستان کي نه صرف متفقه آئين ڏنو پر ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو ۽ عوام کي سياسي شعور سان روشناس ڪرايو هن وڌيڪ چيو ته ڀٽو شهيد جي جدوجهد صرف اقتدار تائين محدود نه هئي پر هو عوامي حقن جمهوريت جي استحڪام ۽ آئين جي بالادستي لاءِ هڪ مستقل تحريڪ هئا رياض شاهه شيرازي چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جون ملڪ لاءِ ڏنل قربانيون ڪڏهن به وساري نٿيون سگهجن شهيد ڀٽو عوامي حڪمراني جي تصور کي مضبوط ڪيو ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندس خدمتون اڄ به سياسي ڪارڪنن ۽ قيادت لاءِ مشعل راهه آهن صوبائي وزير چيو ته 4 اپريل اسان کي ان عزم جي تجديد جو موقعو فراهم ڪري ٿو ته اسان جمهوريت، قانون جي حڪمراني ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪنداسين هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته قومي ترقي ۽ استحڪام لاءِ آئين جي پاسداري ۽ جمهوري قدرن کي هٿي وٺرائڻ لازمي آهي.

بقايا 18 — هڪ شخص فوت

ويجهو ڪانگا اسٽينڊ جي لڳ نالي ۾ هڪ شخص ڪري پوڻ جي اطلاع تي ايڌي بحري رضاڪارن سرچنگ آپريشن ڪري 45 سالن جي ياسين ولد خدا بخش جو لاش ٻاهر ڪڍي ايڌي ايمبولينس جي ذريعي ويجهي ٿاڻي تي منتقل ڪيو

بقايا 19 — انڪشاف

تعليمي بورڊ جي ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ هڪ ٻي حيرت انگيز اڳڀرائي سامهون آئي آهي. اينٽي ڪرپشن کاتي ميرپورخاص طرفان مڪمل ڪيل جاچ رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته اڳوڻي ڪنٽرولر امتحانات انور عليم خانزاده مبينا طور ميٽرڪ ۽ انٽر جا جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ ۽ مارڪن ۾ واڌ ڪرڻ عيوض شاگردن کان لڳ ڀڳ اڍائي ارب رپيا وصول ڪيا. ذريعن موجب اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص جاچ مڪمل ڪري رپورٽ ڊائريڪٽر جنرل اينٽي ڪرپشن ڏانهن ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ اماڻي ڇڏي آهي. ٿاڻي ميرپورخاص ۾ داخل ڪيس نمبر 03/2026 تحت هلندڙ جاچ دوران اهم شاهدين ۽ بيان سامهون آيا آهن جن سان وڏا حيرت انگيز انڪشاف ٿيا آهن. انڪوائري ٽيم ۾ اينٽي ڪرپشن ميرپورخاص جا ڊپٽي ڊائريڪٽر اسدالله ميراڻي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رحمت الله راجپر انسپيڪٽر دليپ ڪمار ۽ انسپيڪٽر محمد يونس شامل هئا. ٽيم گرفتار ٿيل بورڊ ملازمن الحاق ٿيل اسڪولن ۽ ڪاليجن جي مالڪن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن جا بيان قلمبند ڪيا. رپورٽ موجب 2021ع کان 2025ع تائين ميٽرڪ ۽ انٽر جا 2539 جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا، جن جي عيوض في سرٽيفڪيٽ 5 کان 10 لک رپيا وصول ڪيا ويا. جاچ دوران اهو به انڪشاف ٿيو آهي ته مارڪن ۾ واڌ لاءِ هر هڪ اميدوار کان 40 کان 50 هزار رپيا ورتا ويا، ۽ هن مد ۾ 15527 ڪيس سامهون آيا، جن مان وڏي رقم وصول ڪئي وئي، جڏهن ته مجموعي رقم اڍائي ارب رپين تائين پهچي وئي. رپورٽ مطابق گرفتار ٿيل ماڻهن ۾ انٽر سيڪريٽ برانچ جو انچارج شاهد لطيف، اسسٽنٽ ڪمپيوٽر پروگرامر اعظم خان ۽ مبينا مرڪزي ڪردار انور عليم خانزاده جو فرنٽ مين غلام حسين راڄڙ شامل آهن. جن جاچ دوران اهم انڪشاف ڪيا. وڌيڪ اهو به سامهون آيو آهي ته ميرپورخاص بورڊ جا ٻيا ملازم ايجنٽس ۽ مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن جا مالڪ به هن اسڪينڊل ۾ ملوث آهن. ذريعن موجب هن ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ وڌيڪ گرفتارين جو امڪان آهي، جڏهن ته اينٽي ڪرپشن اختيارين جاچ جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪري ڇڏيو آهي. هي اسڪينڊل تعليمي نظام ۾ موجود سنگين بدعنوانين کي ظاهر ڪري ٿو ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ وڌيڪ حيرت انگيز انڪشافن جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 20 — اجل جو شڪار

ڏنڊوري شهر جي شيواجي نگر علائقي ۾ پيش آيو شروعاتي جاچ مطابق حادثي جا متاثر هڪ سماجي تقريب سان واپس اچي رهيا هئا جڏهن ته ڪار بي قابو ٿي پاڻي سان ڀريل کوهه ۾ ڪري پئي پوليس واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 21 — احتجاجي مظاهرو

ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪئي

بقايا 22 — ارسلان شيخ

اڳواڻ مدبر سياستدان ۽ عهد ساز شخصيت کي خراج عقيدت پيش ڪري رهي آهي جنهن نه صرف پاڪستان جي سياست جو رخ تبديل ڪيو پر عوام کي شعور خودداري ۽ جمهوريت جي حقيقي طاقت کان روشناس ڪرايو بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته شهيد ڀٽو ڪنهن هڪ فرد جو نالو ناهي پر هڪ عالمي نظريي هڪ انقلابي سوچ ۽ هڪ تاريخي جدوجهد جي علامت آهي هن چيو ته شهيد ڀٽو پيڙهيل طبقن مزدورن هارين ۽ محروم عوام کي زبان ڏني انهن کي بااختيار بڻايو ۽ اها حقيقت دنيا تي ظاهر ڪئي ته "طاقت جو سرچشمو عوام آهي". بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته قائد عوام جي غير معمولي بصيرت ۽ جرئتمندانه قيادت پاڪستان کي هڪ خودمختيان مضبوط ۽ باوقار رياست بڻائڻ جو بنياد فراهم ڪيو هن چيو ته سندس تاريخي فيصلن سبب ئي پاڪستان ايٽمي طاقت جي سفر تي روانو ٿيو جنهن ملڪ جي دفاع کي ناقابل تسخير بڻايو ۽ عالمي سطح تي ان جي حيثيت کي مستحڪم ڪيو بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته 4 اپريل جي رات جيوڊيشل تاريخ جو هڪ ڪارو باب هئي پر شهيد ڀٽو جي نظرين جي روشني اڄ به سڄي ملڪ ۾ ڦهليل آهي ۽ هر دور ۾ حق ۽ عوامي حاڪميت جي آواز کي سگهه ڏئي رهي آهي.

بقايا 23 — خواجه آصف

ناهي اهڙو اظهار هن سيالڪوٽ ۾ فيصل موٽرز (نجي گاڏين جي شورم) جي افتتاح جي موقعي تي ڪيو ان موقعي تي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي دفاع واري وزير چيو ته مسلمان امت هڪ نبي حضرت محمد صلي الله عليه واله وسلم کي مڃڻ واري آهي ۽ ان جي سنت تي عمل ڪندڙ آهي. الله تعاليٰ کان دعا آهي ته امت کي ويڙهه کان ڇوٽڪارو ڏي هن چيو ته مسلمان امت هن وقت جيتري اتحاد جي ضرورت آهي شايد ايتري گذريل 14 سئو سالن ۾ نه هئي دفاع واري وزير ڀارت طرفان اڳرائي جي حوالي سان چيو ته هڪ سال اڳ ڀارت فالس فليگ دهشتگردي جي ڪارروائي ڪري ان جو ملبو پاڪستان تي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پاڪستان تي جنگ مڙهي جنهن جو پاڪستان ڀارت اندر گهوڙي جواب ڏنو ۽ ذلت ۽ رسوائي جو مقدر بڻي هن چيو ته ڀارت جي پنهنجي عوام پنهنجي حڪمرانن کي تنقيد جو نشانو بڻائي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان ڀارت کان هر لحاظ کان وڏي دشمن کي منهن ڪوڙ جواب ڏنو هن واضح ڪيو ته جيڪڏهن ڀارت ٻيهر اهڙي ڪوشش ڪئي ته پاڪستان ڀرپور جواب ڏيندو

بقايا 24 — عباس عراقچي

ميڊيا پليٽ فارم ٽروٿ سوشل تي لکيو ته اهو وقت ياد رکو جڏهن سون ايران کي ڏهه ڏينهن ڏنا هئا ته يا ته معاهدو ڪن يا ايراني نار ڪولين هاڻي وقت ختم ٿي رهيو آهي.

بقايا 25 — آزاد ڪشمير

پيش ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جمهوريت ۽ عوامي حقن جو علمبردار هو ميڊيا رپورٽن موجب جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته شهيد ڀٽو جي سياسي جدوجهد تاريخ جو روشن باب آهي سندس قرباني جمهوريت جي بقا جي علامت آهي فيصل ممتاز راٺور چيو ته قوم اڄ به ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي سان رهنمائي حاصل ڪري رهي آهي هن عوام کي سياسي شعور ڏنو

بقايا 26 — خوشي جو اظهار

ايس خيبر جي شموليت تي خوشي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته پي اين ايس خيبر جي شموليت پاڪ بحريه جي پيشهورانه صلاحيتن ۽ تياري ۾ مسلسل بهتري جو اظهار آهي پاڪ بحريه هر موقعي تي خاص طور حق جي ويڙهه دوران قومي سلامتي جي تقاضن مطابق پنهنجون ذميواريون احسن طريقي سان نڀايون آهن ڇنڇر ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ مان جاري بيان مطابق صدر مملڪت آصف علي زرداري چيو ته تبديل ٿيل علائقائي صورتحال جي روشني ۾ مضبوط سامونڊي طاقت قومي خودمختاري جو اهم ٿنڀ آهي پاڪستان پنهنجي سامونڊي سرحدن جي دفاع ۽ قومي مفادن جي تحفظ لاءِ مڪمل طور تي پرعزم آهي

بقايا 27 — شڪريو ادا

عراقچي جي وضاحت تي دل سان شڪريو ادا ڪندي ايران جي پرڏيهي وزير لاءِ عزيز ڀاءُ جو لفظ استعمال ڪيو ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري بيان ۾ چيو هو ته ايران جي موقف کي آمريڪي ميڊيا پاران غلط انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي اسان پاڪستان جي ڪوششن جا تمام گهڻا شڪر گذار آهيون اسان ڪڏهن به اسلام آباد اچڻ کان انڪار نه ڪيو آهي اسان جو ڌيان غير قانوني جنگ جي مڪمل پائيدار خاتمي جي شرط تي آهي جيڪا اسان تي مڙهي وئي آهي

بقايا 28 — ايڊمرل نويد اشرف

پوزيشن هڪ طاقتور بحريه جي گهر ڪري ٿي ته جيئن قومي مفادن جي حفاظت ڪري سگهجي ۽ سامونڊي لائنز آف ڪميونيڪيشن (ايس ايل او سيز) کي محفوظ رکي سگهجي پاڪستان نيوي جي بيڙي ۾ بي بي اين ملجم ڪلاس ڪوريوٽ، پي اين ايس خيبر جي شموليت جي تقريب دوران منعقد تقريب کي خطاب ڪندي نيول چيف واضح ڪيو ته حق جي ويڙهه دوران پاڪستان نيوي انڊين نيوي جهازن کي غرق ڪرڻ لاءِ پوري طرح تيار هئي جنهن سبب انڊين نيوي پنهنجي محفوظ پناهگاهن ۾ رهڻ تي مجبور ٿي وئي حق جي ويڙهه دوران سامونڊي جي مهارت ۽ طرز عمل هڪ واضح پيغام ڏي ٿو ته پاڪستان جي سامونڊي مفادن کي چئلينج ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جو مناسب جواب ڏنو ويندو نيول چيف چيو ته پاڪستان نيوي کي جديد ترين پليٽ فارمز ۽ جديد ٽيڪنالاجي سان تيار ڪيو پيو وڃي جيڪي ان کي دشمن جي اهم انفرا اسٽرڪچر ڪمزورين ۽ سامونڊي اثاثن کي نشانو بڻائڻ جي قابل بڻائي رهي آهي پي اين ايس خيبر جهڙو جديد پليٽ فارمز ايندڙ هينگر ڪلاس ٻيڙين جي شموليت پاڪستان نيوي جي جديد سازي ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي جيڪو آپريشنل لچڪ جنگي طاقت ۽ اسٽريٽجڪ رسائي کي وڌيڪ وڌائي رهي آهي پنهنجي خطاب جي پڇاڙي تي نيول چيف پي اين ايس خيبر جي عملي کي مبارڪون ڏنيون ۽ هو پاڪستان نيوي جي عزم کي ورجايو ته هو خودمختار سمنڊن جو دفاع ڪندو ۽ سامونڊي سرحدن جو محافظ بڻجڻ جي پنهنجي ذميواري کي نڀائيندو رهندو

بقايا 29 — ايراني پرڏيهي

ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي ايڪس تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ چيو ته "اسان پاڪستان جي ڪوشش لاءِ دل سان ٿورائتا آهيون ۽ اسان ڪڏهن به ڳالهين لاءِ اسلام آباد وڃڻ کان انڪار ناهي ڪيو". هن وڌيڪ چيو ته "اسان لاءِ اهم ڳالهه ان غير قانوني جنگ جي حتمي ۽ دائمي خاتمي جا شرط آهن جيڪا اسان تي مڙهي وئي آهي". ٻئي پاسي پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ايڪس تي ئي ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته "اسان توهان جي طرفان ڏنل وضاحت جا آجيان ڪريون ٿا". واضح رهي ته پاڪستان طرفان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي ڪرائڻ جون ڪوششون جاري آهن ۽ پاڪستان طرفان ان اهم معاملي تي ٽياڪڙ طور سامهون اچڻ خطي ۾ بحث جو موضوع بڻيل آهي

بقايا 30 — شهري نڪتا

ذريعن موجب اتر وزيرستان ۾ مداخلت ڪندڙ 8 دهشتگردن جي سڃاڻپ ٿي آهي مارجي ويل دهشتگردن مان ٻن جو تعلق افغانستان سان آهي 1 اپريل 2026ع تي اتر وزيرستان جي دتہ خيل واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪامياب آپريشن ۾ 8 الخوارج دهشتگردن کي جهنم پهچايو ڪيو هو سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ مارجي ويل دهشتگردن مان ٻن جي سڃاڻپ افغان شهرين طور ٿي آهي هڪ دهشتگرد امير حمزه حقيار ولد عبدالڪريم جڏهن ته ٻي جي امير عبدالرحيم ولد زرولي طور ٿي آهي جن جو تعلق پڪتيا سان آهي دفاعي ماهرن جو چوڻ آهي ته افغان طالبان رجيم جي دهشتگردي واري سوچ ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه آئي آهي ماهرن جو چوڻ آهي ته ڳالهين جي ناڪامي تي افغان طالبان صرف ڊيڪاءُ ڪري رهيا آهن

بقايا 31 — شرڪت ڪئي

جي ڏهاڙي تي بلاول هائوس ۾ منعقد ٿيل قرآن خواني ۾ شرڪت ڪئي قومي اسيمبلي جي ميمبر بي بي آصفه ڀٽو زرداري پيپلز پارٽي وومين ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان گڏ عوامي اڳواڻ جي 47 هين شهادت جي ڏهاڙي تي بلاول هائوس ۾ منعقد ٿيل قرآن خواني ۾ شرڪت ڪئي پاڪستان پيپلز پارٽي وومين ونگ پاران شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي بلاول هائوس ميڊيا سيل ۾ قرآن خواني جو انتظام ڪيو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي بلاول هائوس ۾ منعقد ٿيل قرآن خواني ۾ وڏي تعداد ۾ عورتن شرڪت ڪئي بلاول هائوس ۾ منعقد ٿيل قرآن خواني ۽ دعا جي تقريب ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

بقايا 32 — ڀاڙا برقرار رکڻ

انٽر سٽي ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا برقرار رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي گذريل ڏينهن ضلعي انتظاميا پاران جاري ڪيل بيان موجب اسلام آباد ٽرانسپورٽ ايسوسي ايشن پاران پڻ سمورن ميمبرن لاءِ هدايت نامو جاري ڪيو ويو آهي انتظاميا پاران شهر ۾ هلندڙ هاءِ ايس وينز جي ڀاڙن ۾ اضافو نه ڪيو ويو آهي ترجمان موجب شيڊول کان وڌيڪ ڀاڙا وٺندڙ گاڏين ۽ ڊرائيورن کي ٿاڻي منتقل ڪيو ويندو اسلام آباد ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي چيئرمين شهرين کان وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن جي نشاندهي جي اپيل ڪئي آهي جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ چيو آهي ته شهري شڪايت جي صورت ۾ ڪنٽرول روم نمبر 9108084 تي رابطو ڪن شهري خلاف ورزي ڪندڙ گاڏين جو نمبر ڪنٽرول روم تي لازمي داخل ڪرائن

بقايا 33 — طارق فضل چوڌري

ذميوار قيادت جي سڃاڻپ آهي ڪن هفتن تائين 129 ارب روپيا خرچ ڪري عوام کي مهانگائي جي اثرن کان بچايو ويو ايڪس تي جاري ڪيل رپورٽ ۾ ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته جڏهن قيمتن ۾ ايڊجسٽمينٽ ضروري ٿي ته وزيراعظم شهباز شريف فوري طور تي ليوي ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو هي اها ٿي ليوي آهي جيڪا 165 ارب روپين جي وڏي سبسڊي پيڪيج کي سهارو ڏئي ٿي هن چيو اهو فيصلو صرف هڪ معاشي قدم نه آهي پر هڪ متوازن حڪمت عملي آهي جنهن جو مقصد معيشت کي مستحڪم رکڻ ۽ عوام کي وڌ کان وڌ رليف ڏيڻ آهي پاڪستان جي قيادت ڏکيا فيصلا ڪرڻ جو حوصلو رکي ٿي ۽ اهي ئي فيصلا ملڪ کي اڳيان کڻي ويندا آهن

بقايا 34 — ڪرڻ جو اعلان

تنظيمن ۽ فلاحي ادارن جي مالي ۽ ادارتي سهڪار ۾ وڌيڪ اضافو ڪندي ته جيئن پٺتي پيل طبقن جون مشڪلاتون گهٽ ڪري سگهجن ۽ کين صحت، تعليم هنر ۽ روزگار جا بهتر موقعا فراهم ڪيا وڃن هو نيشنل فورم فار انوائرمينٽ اينڊ هيلٿ جي اهتمام هيٺ مقامي هوٽل ۾ منعقد ٿيل 18 هين سالياني سي ايس آر سمٽ اينڊ ايوارڊز 2026 (ڪراچي چيپٽر) کي خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو. ناصر حسين شاهه چيو ته مخلص فلاحي ادارا معاشري جي انهن طبقن تائين پهچي رهيا آهن جيڪي غربت ۽ محرومي جو شڪار آهن ۽ اهڙن ادارن جي سرپرستي حڪومت ۽ خانگي شعبي بنهي جي گڏيل ذميواري آهي هن چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي ويزن تحت حڪومت انهن ادارن سان گڏ بيٺل آهي جيڪي عوام جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن هن چيو ته حڪومت سنڌ اڳ ئي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورولوجي اينڊ ٽرانسپلانٽيشن ۽ انڊس هاسپيٽل اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جهڙن ادارن سان ڪامياب شراڪتداري قائم ڪري چڪي آهي ۽ ان تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏني ويندي تقريب کي خطاب ڪندي ايف پي سي سي آءِ جي سينيئر نائب صدر ثاقب فياض مگون چيو ته ڪراچي ملڪ ۾ فلاحي سرگرمين ۽ خدمت خلق جي حوالي سان نمايان مقام رکي ٿو ۽ ادارا مسلسل عوامي خدمت ۾ مصروف آهن ڊي آءِ جي ٽريفڪ ڪراچي پير محمد شاهه چيو ته اي-چالان نظام جي لاڳو ٿيڻ سان ٽريفڪ قانونن تي عملدرآمد ۾ بهتري آئي آهي ۽ حادثن ۾ نمايان گهٽتائي ٿي آهي هن ٻڌايو ته ماضي ۾ هر مهيني لڳ ڀڳ 90 ماڻهو فوت ٿيندا هئا جيڪي هاڻي گهٽجي 40 کان 50 رهجي ويا آهن انڊس هاسپيٽل اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جي صدر ڊاڪٽر عبدالباري خان حڪومت سنڌ جي مسلسل سهڪار تي شڪريو ادا ڪيو جڏهن ته ڪميونيٽي پوليسنگ ڪراچي جي مراد علي سوني شهر ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ 2000 جديد ڪيمرائن جي لڳائڻ بابت آگاهي ڏني سائيٽ ايسوسي ايشن جي صدر عبدالرحمان فدا الخدمت فائونڊيشن جي فلاحي منصوبن کي ساراهيو جڏهن ته ايم ڊي سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ طارق علي نظاماڻي شهري صفائي جي نظام ۾ بهتري لاءِ جاري قدمن تي روشني وڌي سي اي او اين جي ري اسڪول مينيجمينٽ بورڊ، محمد موسيٰ چيو ته ملڪ جي ترقي ان وقت تائين ممڪن ناهي جيسيتائين لڳ ڀڳ اڍائي ڪروڙ اسڪولن کان ٻاهر ٻارن کي معياري تعليم فراهم نه ڪئي وڃي ۽ ان مقصد لاءِ گڏيل ڪوششون ضروري آهن تقريب جي شروعات ۾ اين ايف اي ايڇ جي صدر محمد نعيم قريشي چيو ته هن سمٽ جو مقصد حڪومت، خانگي شعبي، اين جي اوز ۽ سول سوسائٽي کي هڪ پليٽ فارم تي آڻي غربت جي خاتمي، ماحولياتي تحفظ ۽ سماجي ترقي لاءِ گڏيل قدمن کي هٿي ڏيڻ آهي هن چيو ته اين ايف اي ايڇ شجرڪاري مهمن ۽ ماحول دوست سرگرمين جي فروغ لاءِ پڻ سرگرم عمل آهي اين ايف اي ايڇ جي سيڪريٽري جنرل رقيه نعيم چيو ته ڪارپوريٽ سيڪٽر پاران سماجي ذميوارين جي ادائيگي خوش آئند آهي ۽ اهڙا قدم معاشري ۾ مثبت تبديلي جو سبب بڻجن ٿا. نائب صدر اين ايف اي ايڇ نديم اشرف مختلف ڪمپنين ۽ ادارن پاران نمايان خدمتن کي ساراهيندي چيو ته انهن جو ڪردار قابل تحسين آهي ۽ اهي ئي ڪوششون پائيدار ترقي جو بنياد آهن تقريب جي آخر ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ادارن ۽ ڪمپنين ۾ ايوارڊ ورهايا ويا.

بقايا 35 — خالد مقبول

سگهن ٿا. گورنمينٽ علامه اقبال اسڪول ڪيمپس ۾ فائيو اي سائڊ هاڪي گرائونڊ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي.

بقايا 36 — ڪامران ٽيسوري

ڪرڻ لاءِ آيو آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم واحد جماعت آهي جنهن جا نمائندا پنهنجي ڪارڪنن آڏو باقاعده ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪن ٿا ۽ سندن ڪارڪردگي هڪ کليل ڪتاب وانگر سڀني جي سامهون رهي آهي.

بقايا 37 — گورنر

ملاقات ڪئي ملاقات دوران صوبائي محتسب گورنر سنڌ کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني صوبائي محتسب محمد سهيل راجپوت گورنر سنڌ کي عوام کي فوري ۽ موثر انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ کنيل قدمن تي تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي صوبائي محتسب اداري جي ڪارڪردگي جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته صوبائي محتسب جو ڪردار عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ تمام اهم آهي گورنر سنڌ عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ کنيل قدمن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هي ادارو عام ماڻهو کي بروقت انصاف فراهم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته صوبائي محتسب ادارو مستقبل ۾ پنهنجي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائي عوام جي خدمت ڪندو رهندو

بقايا 38 — عوامي تحريڪ

متحده هجي يا ايم ڪيو ايم پاڪستان يا لنڊن اهي سڀ گروهه پهرين ڏينهن کان ئي نفرت، لسانيت ۽ ورهاڱي جي سياست ۾ مصروف رهيا آهن

بقايا 39 — : محمد زبير

گورنر سنڌ محمد زبير چيو آهي ته حڪومت پيٽرول بم هڻي عوام کي مهانگائي جي باهه ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي ۽ ملڪ جي معيشت تباهي جي ڪناري تي پهچي وئي آهي هن سوال اٿاريو ته جيڪڏهن سفارتڪاري ڪامياب آهي ته پوءِ آمريڪا سان واپار چو نٿو وڌي ۽ ملڪ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري چو نٿي اچي هن چيو ته حڪومتي عوام دشمن مهانگائي پاليسين خلاف ايندڙ هفتي اسلام آباد ۾ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي اجلاس ۾ احتجاجي حڪمت عملي جو اعلان ڪيو ويندو ۽ سڄي ملڪ ۾ مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا 40 — عورت زخمي

زخمي ٿي پئي جڏهن ته پوليس فائرنگ ڪندڙ ملزم کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب واقعو اورنگي ٽائون سيڪٽر 9 Eويجهو عرفات مسجد لڳ پيش آيو جتي شادي جي تقريب جاري هئي ته اوچتو فائرنگ شروع ٿي وئي. فائرنگ جي نتيجي ۾ 25 سالن جو معظم علي پٽ سائيل علي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو ايس ايس پي ويسٽ موجب واقعي کان پوءِ شروعاتي طور تي گهوٽ جي ڀيڻ ۽ ڀاءُ کي حراست ۾ ورتو ويو جڏهن ته مکيه ملزم موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو بهرحال بعد ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي ملزم ثاقب کي هٿيارن سميت گرفتار ڪيو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته فائرنگ جي واقعي دوران هڪ ٻيو واقعو اورنگي ٽائون سيڪٽر 13 ۾ پيش آيو جتي 39 سالن جي عورت نجمه گولي لڳڻ سان زخمي ٿي پئي کيس فوري طبي امداد لاءِ منتقل ڪيو ويو ايس ايس پي ويسٽ موجب شروعاتي جاچ مان ظاهر ٿئي ٿو ته عورت کي لڳل گولي شايد ساڳئي شادي جي تقريب ۾ فائرنگ جي واقعي جو نتيجو هجي واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

بقايا 41 — زين شاهه

گهٽتائي ڪئي آهي شايد وزيراعظم هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٿو پر ان جا ٻئي ڪن ڪم نه ٿا ڪن پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي 160 روپيا آهي جيڪا پوري لهڻ گهرجي جنهن سان ماڻهن جون معاشي حالتون خراب نه ٿينديون ڇاڪاڻ هميشه گهٽ ڪمائيندڙ واري معيشت ۽ غريب کي ڏسڻو پوندو آهي وزيراعظم کي گهرجي ته پورا 160 روپيه لاٿ ڪري ڊيزل سان سڄي ٽرانسپورٽ ۽ زراعت سان وابسته آهي ان جو واضع اعلان ٿيڻ گهرجي ته سڄي ڪمرشل ٽرانسپورٽ ئي ڪمائي ٿي ان جون قيمتون وڌيون ته کاڌ پيڻ کان ويندي هر شيءِ وڌندي پاڪستان جا ايڪسپورٽ گذريل سال گهٽيا هئا ۽ وڌيڪ گهٽجي ويندا ٻين ملڪن جون ايڪسپورٽ جون شيون هتي پهچنديون ۽ ماڻهن کي اهي شيون مهانگيون ملنديون ۽ اسان وٽ مهانگي وٺڻ جا معاهدا ختم ٿي ويندا اڳ ئي پاڪستان جي اندر واپاري خسارو آهي جيتري اسان ايڪسپورٽ ڪيون ٿا ان کان ٽيڻي امپورٽ ڪريون ٿا ان سان ملڪ ۾ ڊالر جي ڪوٽ ٿيندي ۽ اسان جو خزانو خالي ٿي ويندو اڄ به متحده عرب امارات 2 بلين ڊالر واپس ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي هاڻي جيڪڏهن خزانو اڳين خالي ڪندا ۽ وري آمدني نه ٿيندي ۽ ايڪسپورٽس نه ٿينديون ته اسان سان نقصان ٿيندو تنهن ڪري پيٽروليم قيمتن کي گهٽايون وڃن جنهن سان ٿورو گهڻو شهري سوسائٽي تي فرق پوندو پر زراعت، واپاري ۽ صنعت کي فائدو پهچندو تنهن ڪري وزيراعظم کي ڪم جو اعلان ڪرڻ گهرجي هن چيو ته اتحاد ٺهندا ۽ ڊهندا آهن اتحاد کي چونڊن دوران فعال ڪيو وڃي ها ته بهتر هو پر سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اتحاد جو حصو آهي هن چيو ته پاڪستان جي طاقتور ڌرين جي چوڻ تي پرڏيهي واپاري ۽ ٻيون پاليسيون هلنديون آهن ڇاڪاڻ غلامن جا پنهنجا فيصلا ناهر هوندا هن چيو ته جنگ جي من مستي ڪنهن کي ۽ چو ٿي جڏهن 22 ملڪ وڃي بورڊ آف پيس جا ميمبر ٿيا ته هنن ڏنو ته اوچ اوس سائوٿ ايشيا جو ملڪ پاڪستان اڳيان وري ايسٽ ايشيا جو انڊونيشيا سڀ اچي ميمبر اسان جي پليان آهن ته من مستي ڪري غزا جي ختم کي امن ۾ تبديل ڪرڻ ويا ته ٿري وري ايران سان جنگ ڪئي اٿن هاڻي ته پيٽرول، گئس ۽ ايل پي جي مهانگائي ٿي آهي تنهن ڪري پاڪستان پنهنجي سڄي پاليسي ۽ غلامي کي ختم ڪري پرڏيهي پاليسي کي ٺيڪ ڪري علائقي ۾ امن ڪري افغانستان هندستان ۽ ايران سان تعلقات ٺيڪ ڪري ته گهٽن ٿي غريبن ۽ واپار جا معاملا بهتر ٿي ويندا، حڪومت جي شاهه خرچين ۽ غلط پاليسين جي ڪري غريب عوام پوئتي آهي ڏڌهن اسان روئون ٿا، جنگ ڪندڙن کي امن انعام لاءِ نامزد ڪيو ويندو ته ان جا اهڙا ئي نتيجا نڪرندا. هن چيو ته ملڪ تي ڊرگس لينڊ، ايگريڪلچر شگر ۽ ذخيره اندوزن جي مافيائن قبضو ڪري ورتو آهي جيئن ئي فصل لهي ٿو ته ان سان لاڳاپيل ڪاروباري ماڻهو ۽ صنعتڪار هميشه ڪمند ۽ ڀاڻ جون قيمتون هڪدم وڌائن ٿا. اڳ ڪمند جي قيمت ڪنٽرول ٿيندي هئي جيڪا ختم ٿي چڪي آهي وري ڪڻڪ جي خريداري ڪئي ويندي هئي ڪي سال اڳ ڪڻڪ جي في مڻ 4 هزار روپيه خريداري ڪئي ويندي هئي جيڪا هن وقت ساڍا 4 هزار ۽ 5 هزار ٿيڻ گهرجي پر هاڻي 3500 روپيه قيمت ڏني وئي آهي جنهن ڪري اڄ سنڌ ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ نوابشاهه ڊويزن مان ڪڻڪ ختم ٿي چڪي آهي وزيراعليٰ ڪوڙو اعلان ڪيو آهي ته ڪارڊ جي ذريعي خريداري ڪنداسين پر هن وقت تائين ڪڻڪ جي خريداري شروع نه ڪئي وئي آهي اهي آسري هي آهن ته سنڌ مان ڪڻڪ ختم ٿي ويندي ته پوءِ ڪڻڪ جي خريداري جو اعلان ڪري واپارين کان ڪڻڪ خريد ڪندا جنهن ۾ سنڌ حڪومت اربين روپين خرچ ڪندي اهي پئسا وزير ڪميشن وٺي کائيندا تنهن ڪري سنڌ ۾ تباهي آهي. وقت تي پاليسي نه جوڙڻ ۽ اعلان نه ڪرڻ جي ڪري اهو سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي جنهن ڪري قيمتون تي هاري ڪڻڪ پوکي ٿو ان کي اها به قيمت نه ٿي ملي

بقايا 42 — امڪان

آهي موسم بابت جاڻ ڏيندڙ ماڊلز اڳڪٿي ڪري رهيا آهن ته سنڌ ۾ اولهه جي برسات وارا ڪڪر 6اپريل کان سفر ڪري سگهن ٿا 6 اپريل سومر کان 7 اپريل اڱاري تائين صوبي سنڌ ۾ گجگوڙ ڪنوڻ تيزهوائن سان گڏ برسات جوامڪان آهي، سسٽم 6 اپريل سومر ڏينهن تي اولهه سنڌ وچولي سنڌ جنهن ۾ ڪاڇو ڪوهستان جامشورو دادو گاجي شاهه سيوهڻ شريف کان ڀان سيد آباد کان ڀگوڙجبل لڪي جاجبل رني ڪوٽ جاجبل کيرٿرجبل آمري سن مانجهند سڪرنڊ قاضي احمد کان دولتپور کان نوابشاهه سانگهڙ نوشهروفيروز کان قمبر شهدادڪوٽ سيدا روڊ ميهڙ تائين برسات جوامڪان آهي جيڪڏهن ڪڪر طاقت ور ٿيا ته حيدرآباد ۾ به برسات جوامڪان ٿي سگهي ٿو اڇڙو ڦڙ ۾ڻ ڪٿي هلڪي ڪٿي تيز هوا سان برسات جو امڪان آهي ان سسٽم مان برسات جو گهڻو زور سنڌ جي اتر ۽ اوپر معان هوندو جنهن ۾ سکر ڊويزن لاڙڪاڻو شهدادڪوٽ قمبر خيرپورميرس پنوعاقل گهوٽڪي ڍهرڪي اوباڙو روهڙي ڪنبٽ راڻي پور خيرپور ميرس تعلقو فيض گنج سٽي ڀڪا چانگ صالح پٽ غوثپور موئن جو دڙو جيڪب آباد ڪشمور شڪارپور اڇڙو ڦڙ ڪنڌڪوٽ سميت سکر ڊويزن ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن ۾ 6 اپريل کان 7 اپريل جي ڏينهن صبح تائين گجگوڙ ڪنوڻ تيز مٽي وارين هوا سان ڪٿي تيز ڪٿي هلڪي برسات جو امڪان آهي راجستان معان سرڪيوليشن هجڻ ڪري اتر سنڌ ۾ ڳڙي سان برسات جوامڪان آهي نوابشاهه سانگهڙ نوشهروفيروز مورو پڊعيدن ٺل دريا خان سري ٻانڌي شاهپور چاڪر تائين برسات جوامڪان آهي

بقايا 43 — باهيون روڊ بلاڪ

بروهي يار محمد بروهي ۽ محمدبخش بروهي عورتن سميت ٻين ڳوٺاڻن روڊ تي ڪاٺر ساڙي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته گذريل سيهڙ پوليس جي يوسي يارو لاکير پوسٽ پرسان سندن ڳوٺ تي سولنگي ڌر جي هٿيارٻندن حملو ڪري گهرن تي قبضو ڪيو ۽ ڪيترن ئي گهرن کي باهه ڏئي ڇڏي آهي اسان جي گهرن مان اناج، سون، روڪ رقم سولر پليٽون ۽ ٻيو قيمتي سامان ڪٽي ويا آهن ۽ هٿيارن جي زور تي گهرن مان بي دخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سندن ڳوٺ اڃا تائين قبضي هيٺ آهي متاثر مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته ڳوٺ تان قبضي ختم ڪرائي سندن مال ملڪيت واپس ڪرائي وڃي ۽ کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي. ياد رهي ته ڪجهه مهينا اڳ ميلي دوران معمولي تڪرار بعد سولنگي ۽ بروهي برادرين ۾ جهيڙو شدت اختيار ڪري ويو هو جنهن دوران فائرنگ ۾ توفيق جتوئي مارجي ويو هو تازو ڪجهه ڏينهن اڳ وڌيڪ ٻن ڄڻن صابر علي سولنگي ۽ سرڻ جي ٻلي تي مزدوري ڪاڌڙ علي گل سولنگي ۽ ڪجهه ماڻهن جي زخمي ٿيڻ قتل بعد ڇڪتاڻ ٻيهر وڌي وئي آهي، ذريعن موجب بروهي برادري جا ڪيترائي ماڻهو پوليس وٽ پيش پڻ ٿي چڪا آهن ۽ ڪجهه ڄڻا ايف آءِ آر ۾ ڪهڙيل آهن جڏهن ته علائقي ۾ صورتحال اڃا به ڇڪتاڻ جوڳي بڻائي پئي رهي.

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 05 اپريل 2026ع

تيل جي اگهن ۾ واڌ ۽ عوامي نفرت

فيضان احمد

ملڪ ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ تازو ڪيل پيمانڪ واڌاري عام ماڻهن لاءِ ناقابل برداشت بڻائي ڇڏيو آهي. تيل جي قيمتن ۾ بي حسيءَ سان ڪيل رڪارڊ واڌ ڪان پوءِ نه رڳو ٽرانسپورٽ جو نظام متاثر ٿيو آهي، پر مهانگائي جو هڪ نئون ۽ سخت طوفان به اڀريو آهي. مخالف ڌر جا سياستدان ۽ معاشي ماهر حڪومت تي سخت تنقيد ڪندي، هن فيصلي کي "عوام دشمن پاليسي" قرار ڏئي رهيا آهن.

2 اپريل تي تيل جي اگهن ۾ ڪيل واڌاري بابت سرڪاري دستاويزن موجب، في ليٽر پيٽرول جي قيمت جو وڏو حصو مختلف ٽيڪسن، ليويز ۽ سرڪاري نفعي تي آڌاريل آهي. شهري صرف ٽيڪسن جي صورت ۾ هڪ ليٽر پيٽرول لاءِ 211 رپين ڪان وڌيڪ ادا ڪري رهيا آهن. جيڪو واضح ثبوت آهي ته عالمي عنصرن ڪان وڌيڪ سرڪاري پاليسين ۽ ٽيڪس ڍانچي سبب مهانگائي جو اصل بار وڌي رهيو آهي. هڪ ليٽر پيٽرول ۾ 160.61 رپيا پيٽروليم ليوي شامل آهي، جيڪو ڪل قيمت جو سڀ کان وڏو حصو آهي. ان کان علاوه، ڪسٽم ڊيوٽي، ان لينڊ فريٽ مارجن (تيل کي بندرگاهه يا ريفائنري مان ملڪ جي مختلف شهرن تائين پهچائڻ جو خرچ)، آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين جو نفعو ۽ پمپ ڊيلرز جي ڪميشن جهڙا خرچ پڻ عوامي قيمت کي مسلسل وڌائي رهيا آهن. ماهرن موجب اها سڄي جوڙجڪ ظاهر ڪري ٿي ته اقتدار ڌڻين تيل کي ميل ميڙڻ جو ذريعو بڻايو آهي، جنهن جو سڌو سنئون بار غريب عوام تي وڌو پيو وڃي.

حڪومت 2 اپريل 2026 تي پيٽرول جي قيمت ۾ 137.24 رپيا ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ 184.49 رپيا في ليٽر واڌ ڪئي، جنهن ڪان پوءِ پيٽرول 458 رپين ڪان وڌي ويو ۽ ڊيزل جو اگهه 520 رپين ڪان چڙهي ويو. مخالف ڌر جي اڳواڻن موجب، هي واڌارو "معاشي پاليسي نه، پر عوام تي هڪ نئون ٽيڪس بم آهي."

مخالف ڌر جي پارٽين الزام هنيو آهي ته حڪومت عالمي مارڪيٽ کي بهانو بڻائي عوام تي مسلسل بار وجهي رهي آهي، جڏهن ته ملڪي سطح تي ٽيڪس ۾ ڪٽوتي يا رليف ڪان پاسو ڪري رهي آهي. سياسي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن عالمي قيمتون واقعي مسئلو آهن ته پوءِ سرڪاري خرچ ۽ غير ضروري ٽيڪس ڇو گهٽ نه پيا ڪيا وڃن؟

سينئر صحافين ۽ تجزيه نگارن پڻ حڪومت جي دعوائن تي سوال اٿاريا آهن. انهن مطابق، هرمز جي سامونڊي لنگهه وٽان پاڪستان لاءِ تيل جي رسد معمول مطابق جاري آهي، پوءِ به قيمتن ۾ ايڏو وڏو واڌارو ڪرڻ سمجهه ڪان ٻاهر آهي. تنقيد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته حڪومت معاشي دٻاءَ جو سڄو بار ماڻهن تي وجهي رهي آهي، جڏهن ته پنهنجي طرفان رليف ڏيڻ بدران ٽيڪس وڌائي رهي آهي.

تيل جا اگهه وڌڻ ڪانپوءِ پاڪستان گڊز ٽرانسپورٽرز ايسوسيئيشن ڀاڙن ۾ 65 سيڪڙو واڌ جو اعلان ڪيو آهي. ٻئي طرف پاڪستان گڊز الائنس ڀاڙن ۾ 60 سيڪڙو واڌ ڪري ڇڏي آهي، جنهنجو اثر بازار جي هر ورڪ تي پوڻ اٽر آهي. جڏهن ته اڳ ئي ڪاڌي پيتي وارين شين جي قيمتن ۾ واڌ سان وچولو ۽ غريب طبقو سڀ ڪان وڌيڪ متاثر ٿي رهيو آهي. شهري چون ٿا ته روزگار اڳ ۾ ئي محدود آهي ۽ هاڻي مهانگائي انهن لاءِ زنده رهڻ کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي.

حڪومت طرفان وقتي رليف ڏيڻ وارا اپاءَ جهڙوڪ رڳو پنجاب اندر مفت پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ سنڌ ۾ رجسٽرڊ موٽرسائيڪل وارن کي مهيني ۾ ٻه هزار روپيا ڏيڻ جي اعلان کي پڻ ڪِل جوگو قرار ڏنو پيو وڃي. حڪومت جي اڳ وارن قدمن جي شفافيت ۽ بائيڪ رجسٽريشن جهڙن مسئلن ۽ ملندڙ محدود رليف مسئلي جو "عارضي سياسي ۽ اٿپور حل آهي." نقادن جو چوڻ آهي ته مکيه مسئلو ڳري ٽيڪس جو ڍانچو ۽ پيٽروليم ليوي آهي، جنهن کي گهٽائڻ بدران مسلسل وڌايو پيو وڃي.

معاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ اصل ۾ مهانگائي جي پوري سلسلي تي اثر ڇڏي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٽرانسپورٽ مهانگي ٿيڻ سان هر شيءِ جو اگهه وڌي وڃي ٿو. گهڻو نقصان پگهاردار طبقي ۽ گهٽ آمدنيءَ وارن خاندانن کي ٿئي ٿو.

حڪومت جو چوڻ آهي ته اها آءِ ايم ايف آڏو مجبور آهي، جنهنجي چوڻ تي تيل جا اگهه وڌايا ويا. جنهن تي پڻ سخت تنقيد ٿي رهي آهي ته آءِ ايم ايف کان قرض وٺي آخر ڪيڏانهن ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان جو ڪل قرض 81 هزار ارب رپين تائين پهچڻ جي باوجود، حڪومتي پاليسين جو عوام کي فائدو ڇو نٿو ملي. مخالف ڌر جو چوڻ آهي ته معاشي بدحاليءَ جو اصل سبب حڪومت جا غلط فيصلا ۽ وڌندڙ قرض آهن، جڏهن ته حڪومت عالمي حالتن جي آڙ ۾ پنهنجا پير پرڻ لاءِ ملڪ جي عوام کي نچوڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

مجموعي طور تي، ملڪ ۾ پيٽروليم بحران هاڻي صرف هڪ معاشي مسئلو ناهي رهيو پر هڪ سياسي ۽ عوامي اعتماد جي بحران ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. مخالف ڌر حڪومت کي عوام مخالف پاليسين جو ذميوار قرار ڏئي رهي آهي ۽ عوام مهانگائي جي بار هيٺ دٻجي رهيو آهي. هن وقت حڪومت خلاف نفرت تمام وڌي وئي آهي. سوشل ميڊيا توڙي هر شهر ۾ احتجاج ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ اهم حڪومتي شخصيت کي بيوقوف مشڪرو ڪري پيش ڪيو پيو وڃي. نفرت جو طوفان ڏسي ن ليگ جا اڳواڻ به پنهنجي پاڻ کي تنقيد کان بچائڻ لاءِ پيٽرول جي اگهه ۾ 80 روپين جي گهٽائي ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. جنهن ڪانپوءِ پيٽرول جي نئين قيمت 378.41 رپيا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي. جنهن کي پڻ ماڻهن رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ مطالبا ٿي رهيا آهن ته 2 اپريل واري سمري ئي رد ڪئي وڃي. بهرحال موجوده حڪومت جي معاشي قدمن خاص ڪري تونائيءَ جي اگهن ۽ ٽيڪسن تي ماڻهو اڳ ئي ڏمريل آهن. جنهن جو اندازو چڱي ريت ناهي ڪيو ويو. پر هاڻي جيڪا تنقيد ٿي آهي، ان کي ان ڏمر جي هڪ جهلڪ سمجهي حڪومت کي هوش کان ڪم وٺندي پنهنجا عوام دشمن فيصلا واپس وٺڻ گهرجن. ٻي صورت ۾ اهو هڪ وڏي تحريڪ کي جنم ڏئي سگهي ٿو. جنهن سان حالتون وڌيڪ خرابيءَ ڏانهن وڌي وڃن.

ايران سان جاري جنگ دوران آمريڪي فوجي دعوائن ۽ انٽيليجنس رپورٽن ۾ واضح تضاد سامهون اچي رهيو آهي، جنهن سبب عالمي سطح تي صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿي وئي آهي. هڪ پاسي وائيٽ هائوس ايران جي فوجي صلاحيتن جي تباهي جا دعوا ڪري رهيو آهي، جڏهن ته ٻئي پاسي آمريڪي ۽ بين الاقوامي انٽيليجنس رپورٽون ظاهر ڪن ٿيون ته ايران اڃا تائين ميزائل، ڊرون ۽ دفاعي صلاحيتن جو وڏو حصو برقرار رکيو آهي. ان ئي پسمنظر ۾ آمريڪي فوجي قيادت ۾ تبديليون، اهم آفيسرن جي برطرفي ۽ جنگي حڪمت عملين تي اختلافن بابت خبرون به گردش ڪري رهيون آهن، جن سان سياسي ۽ فوجي حلقن ۾ نوان سوال پيدا ٿي رهيا آهن.

ايران سان هلندڙ جنگ دوران آمريڪا جنگي جهاز، ڊرونَ تباهه ٿيڻ، وچ اوڀر ۾ فوجي ۽ اقتصادي مرڪزن جي تباهي، اتحادين جو ساٿ نه ڏيڻ، پنهنجي مڪين تي عمل نه ٿيڻ سبب بار بار بيان بدلائي ڪوڙ ڳالهائڻ سبب ساک وڃائيندڙ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي مايوسي وڌي رهي آهي ۽ هو شديد ذهني دٻاءَ ۾ آهي. ان سڄي صورتحال دوران آمريڪي دفاعي وزير پيٽ هيگسيٿ آمريڪي آرمي چيف آف اسٽاف جنرل رينڊي جارج کي هڪدم عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ ۽ رٽائر ٿيڻ جو حڪم ڏنو آهي. جيتوڻيڪ آمريڪا ۾ آرمي چيف آف اسٽاف عام طور تي چئن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو آهي، ۽ جنرل رينڊي جارج کي 2023 ۾ هن عهدي تي مقرر ڪيو ويو هو، جنهن کي 2027 تائين ان عهدي تي رهڻو هو. آمريڪي نشرياتي اداري 'سي بي ايس نيوز' پنهنجي ذريعن جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته پيٽ هيگسيٿ هڪ اهڙي شخص کي هن عهدي تي آڻڻ چاهي ٿو جيڪو صدر ٽرمپ ۽ سندس تصور مطابق فوج کي اڳتي وڌائي سگهي.

سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جنگ ۾ ڪيل وڏي تباهيءَ باوجود صدر ٽرمپ جو ڪهڙي قسم جو تصور حاصل نه ٿي سگهيو؟ ڇا آمريڪي آرمي چيف ايران ۾ زميني فوج لاءِ تيار نه هو؟ سي بي ايس نيوز ٽن ذريعن جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته ٽرمپ انتظاميا ٻن ٻين سينئر آمريڪي فوجي آفيسرن کي به سندن عهدن تان هٽائي ڇڏيو آهي، جن ۾ آمريڪي آرمي ٽرانسفارميشن اينڊ ٽريننگ ڪمانڊ جو سربراهه جنرل ڊيوڊ هوڊ ۽ آمريڪي آرمي چيپلين ڪور جو سربراهه جنرل وليم گرين شامل آهن. جڏهن ته آمريڪي سيڪريٽري آف ڊفينس پيٽ هيگسيٿ، جنهن کي صدر ٽرمپ سيڪريٽري آف وار سڏيندو آهي، هن

ڪان اڳ به هڪ درجن کان وڌيڪ سينئر فوجي آفيسرن کي سندن عهدن تان هٽائي چڪو آهي، جن ۾ چيئرمين آف جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جنرل سيوڪيو براؤن، چيف آف نيول آپريشنز ايڊمرل ليسا فرينڪيٽي، يو ايس ايئر فورس جو وائيس چيف آف اسٽاف جنرل جيمس سليف، ۽ ڊفينس انٽيليجنس ايجنسيءَ جو سربراهه ليفٽيننٽ جنرل جيفري ڪروز شامل آهن. ۽ هاڻي آرمي چيف آف اسٽاف کي به برطرف ڪيو ويو آهي. سوال اهو آهي ته ڇا ماضيءَ ۾ ڪو اهڙو حڪم ڏنو ويو هو، جيڪو آرمي چيف نه مڃيو، ان ڪري ڪيس گهر پيڙو ڪيو ويو يا يا مستقبل لاءِ ڪو اهڙو حڪم هو جيڪو هو مڃڻ لاءِ تيار نه هو، ان ڪري ڪيس هٽايو ويو؟

ڇاڪاڻ ته سندس جاءِ تي، وائيس آرمي چيف آف اسٽاف جنرل ڪرسٽوفر لينف، جيڪو دفاعي وزير جو اڳوڻو فوجي صلاحڪار آهي، کي وقتي آرمي چيف آف اسٽاف مقرر ڪيو ويو آهي. سو دفاعي وزير هاڻي پنهنجي اعتماد واري ماڻهوءَ کي آڻي ڇا حاصل ڪرڻ چاهي ٿو؟ ايران ۾ رجيم چينج جي خواهشمند ٽرمپ انتظاميا آمريڪي فوج ۾ رجيم چينج ڪري رهي آهي. جڏهن ته صدر ٽرمپ دعويٰ ڪري رهيو آهي ته ايران جي ميزائل ۽ ڊرون لانچنگ جي صلاحيت ۽ فوجي انفراسٽرڪچر مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪو آهي. صدر جي ان دعويٰ کي ڪو به پيو نه، پر خود آمريڪي آمريڪي انٽيليجنس رپورٽن جي بنياد تي غلط قرار ڏئي رهي آهي. ٽي ڏينهن اڳ، صدر ٽرمپ اها دعويٰ ڪئي هئي ۽ هاڻي آمريڪي وڏي نشرياتي اداري سي

اين اين هڪ خاص اسٽوريءَ ۾ ٻڌايو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل پاران ايران ۾ هڪ مهيني دوران 12,300 هدفن تي بمباري ڪرڻ باوجود ايران وڏي پيماني تي پنهنجي ميزائل لانچنگ جي صلاحيت برقرار رکي ٿو. سي اين اين مطابق آمريڪي انٽيليجنس جائزي کان واقف ٽن ذريعن جو چوڻ آهي ته گذريل پنجن هفتن ۾ اسرائيل ۽ آمريڪا پاران ايران ۾ فوجي حدفن تي بي رحماڻي بمباريءَ باوجود ايران جا اڌ کان وڌيڪ ميزائل لانچر ۽ هزارين ڊرون اڃا محفوظ آهن. ايران اڃا تائين سڄي علائقي ۾ تباهي مچائڻ جي صلاحيت رکي ٿو. آمريڪي انٽيليجنس موجب انهن ۾ اهڙا لانچر به شامل آهن جيڪي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن سبب زمين اندر ملبي ۾ جيئن جو تيئن ثابت موجود آهن. في الحال انهن تائين پهچڻ ڏکيو آهي. هن انٽيليجنس رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته ايران جا ساحلي دفاعي ڪروز ميزائل پڻ اڃا تائين محفوظ آهن. جيتوڻيڪ اهي ساڳيا ساحلي فوجي اثاثا آهن جن سان ايران سمنڊ ۾ جهازن کي نشانو بڻائي رهيو آهي ۽ انهن جي خوف ۾ هرمز وارو

سامونڊي رستو بند آهي. رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته ايران وٽ ميزائل لانچر ۽ ميزائل وڏي تعداد ۾ موجود آهن. ان تي وائيٽ هائوس جو جواب آهي ته ايران جي ميزائل ۽ ڊرون حملن ۾ گهٽي گهٽتائي آئي آهي، ايراني سامونڊي فوجي صلاحيت تباهه ٿي وئي آهي، ايران جي پيداواري سهولتن جو ٻه ڀاڱي ٽيون حصو تباهه ٿي ويو آهي، ۽ آمريڪي ۽ اسرائيلي جهاز ايراني هوائي حدن ۾ آزاديءَ سان اڏامون هڻي رهيا آهن. پينٽاگون سي اين اين کي جواب ڏيندي چيو ته "انٽيليجنس جو جائزو مڪمل طور تي غلط آهي." جڏهن ته انٽيليجنس رپورٽ موجب آمريڪي حڪومت دعويٰ ڪري ٿي ته ايران جا بيلسٽڪ ميزائل تيزيءَ سان تباهه ٿي رهيا آهن.

ٻئي طرف، ايران مسلسل ۽ وڏي تعداد ۾ اسرائيل، خليج عمان ۽ علائقي ۾ آمريڪي اڏن تي ميزائل ۽ ڊرون فائر ڪري رهيو آهي.

هڪ پاسي وائيٽ هائوس جي دعويٰ آهي ته آمريڪي ۽ اسرائيلي جهاز ايران ۾ آزاديءَ سان اڏامي رهيا آهن. پر پاسي گذريل ڏينهن ايران پنهنجي جديد دفاعي نظام سان آمريڪا جا 2 جهاز، 5 ڊرون ۽ 2 ڪروز ميزائل تباهه ڪري ڇڏيا. ڪيرايل جهاز جو هڪ پائلٽ پڻ ايران ۾ گم آهي، جنهنجي ڳولا لاءِ ڦهتل هيليڪاپٽرن تي به فائرنگ ڪئي وئي آهي.

اربع ڏينهن صدر ٽرمپ چيو هو ته ايران جنگ ٻن ڪان ٽن هفتن ۾ ختم ٿي ويندي، پر آمريڪي انٽيليجنس جي هڪ اهم عملدار سي اين اين ٻڌايو ته صدر ٽرمپ جو دعويٰ غير حقيقي آهي، ڇاڪاڻ ته ايران وٽ هن وقت هن جنگ کي وڙهڻ لاءِ ميدان ۾ تمام گهڻا هٿيار آهن. ٻن ذريعن سي اين اين کي اهو به ٻڌايو ته ايران ڪيترن ئي ڍاڪن ڪان زمين اندر هٿيارن کي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش ناهيندو رهيو آهي، جنهن ڪري ان جو فوجي انفراسٽرڪچر ايتري شديد بمباري جي باوجود مڪمل طور تي تباهه نه ٿيو آهي. زمين اندر سرنگن ۽ غارن ۾ هن جي هٿيارن جو وڏو ذخيرو آهي، ۽ اهوئي سبب آهي ته انهن هٿيارن کي نشانو بڻائڻ ڏکيو آهي. ان کان علاوه جنگ دوران ايران پنهنجي لانچرن کي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ڪرڻ جي قابل پڻ آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ڊرون ۽ ميزائل هڪ موبائل پليٽ فارم تان لانچ ڪري پوءِ ترت اتان جاءِ مٽائي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري، انهن لانچرن کي نشانو بڻائڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو. آمريڪا کي يمن ۾ به ايران جي حامي حوثي باغين تي حملا ڪرڻ ۾ ساڳي ڏکيائي پيش اچي ٿي.

هڪ طرف، ٽرمپ بار بار دعويٰ ڪري رهيو آهي ته ايراني سامونڊي فوج مڪمل طور تي تباهه ٿي وئي آهي، پر ٻئي طرف آمريڪي انٽيليجنس جائزي ۾ چيو ويو آهي ته ايراني نيويءَ جا جهاز وڏي پيماني تي تباهه ٿي ويا آهن، پر انقلابي گارڊز وٽ اڃا تائين اڌ صلاحيت موجود آهي. انهن وٽ سوين ٻيڙيون ۽ بغير پائلٽ جي سطحي جهاز آهن. ۽ اها انقلابي گارڊز جي نيوي آهي جيڪا هرمز واري سامونڊي رستي کي بند ڪري رهي آهي. صدر ٽرمپ جي بار بار دعوائن، بار بار خاطرين ۽ بار بار ڌمڪين باوجود، اهي اڃا تائين هرمز کي نه کولي سگهيا آهن. ۽ اهڙي صورتحال صدر ٽرمپ جي مايوسي ۽ ذهني دٻاءَ ۾ واڌارو آڻي رهي آهي. سندس بيانن کي دنيا مزاحيه بيان طور ڏسي رهي آهي.

ايران جنگ بابت ٽرمپ جون ڪوڪليون دعوائون ۽ پريشانيون

فريد احمد

پاڪستان معاشي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ واڌ جي ڪري، واپاري خسارو وڌي سگهي ٿو. وچ اوڀر ۾ جنگ جي ڪري، سمنڊپار پاڪستانين طرفان موڪلجندڙ رقمون گهٽجي سگهن ٿيون. جنهن جو مطلب آهي ته ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو وڌي سگهي ٿو. ان جو مطلب آهي ته پرڏيهي متاستا جا ذخيرا گهٽجي سگهن ٿا، جنهن جو مطلب آهي ته معاشي استحڪام متاثر ٿي سگهي ٿو. ۽ خاص طور تي اهڙي وقت جڏهن پاڪستان ايران جنگ کي ختم ڪرڻ ۾ مڪمل ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ ٽياڪڙيءَ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، ساڳئي وقت پاڪستان کي گڏيل عرب رياستن (يو اي اي) طرفان رکيل 3.5 ارب ڊالر واپس ڪرڻا پئجي رهيا آهن.

هن کان اڳ پاڪستان جي مطالبي تي ان رقم کي ڊگهي عرصي تائين رول اوور ڪرڻ جي دران گڏيل عرب رياستن پاران هڪ مهيني لاءِ رول اوور ڪيو پئي ويو. جنهن سان معاشي غير يقيني صورتحال وڌي رهي هئي ۽ پاڪستان ۽ گڏيل عرب رياستن جي لاڳاپن بابت پڻ سوال اٿاريا پئي ويا. ۽ هاڻي، وفاقي ڪابينا جي هڪ سينئر وزير مطابق پاڪستان هن مهيني 3.5 ارب ڊالر جا اهي ذخيرا گڏيل عرب رياستن کي واپس ڪندو. انهن 3.5 ارب ڊالرن مان، 450 ملين ڊالر 1996 ۾ هڪ سال لاءِ پاڪستان ورتا هئا، ۽ هاڻي، 30 سالن کان پوءِ، اها رقم به واپس ڪئي ويندي.

هڪ رپورٽ موجب گڏيل عرب رياستن 16 جنوري تي ۽ پوءِ 22 جنوري تي صرف هڪ مهيني لاءِ هڪ ارب ڊالر جي ذخيرن کي رول اوور ڪيو هو، اهو به 6.5 سيڪڙو جي وياج شرح تي، جيتوڻيڪ پاڪستان مطالبو ڪيو هو ته گڏيل عرب رياستن انهن ذخيرن کي 2 سالن لاءِ 3 سيڪڙو جي وياج شرح تي رول اوور ڪري، پر گڏيل عرب رياستن راضپو نه ڏيکاريو ۽ هاڻي پاڪستان اها رقم واپس ڪرڻ وارو آهي.

آءِ ايم ايف واري هلندڙ پروگرام لاءِ گڏيل عرب رياستن، سعودي عرب ۽ چين گڏيل طور تي واعدو ڪيو هو ته ٿئي ملڪ اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان وٽ 12.5 ارب ڊالر جا ذخيرا رکندا ۽ اها رقم ايندڙ سال سيپٽمبر ۾ آءِ ايم ايف واري هلندڙ پروگرام جي خاتمي تائين رکي ويندي. گڏيل عرب رياستن 2018 ۾ هڪ سال لاءِ اهي 2 ارب ڊالر ڏنا هئا، پر ان کان پوءِ، هر سال رڳو هڪ سال جو رول اوور ٿيو ڇاڪاڻ ته پاڪستان مسلسل آءِ ايم ايف پروگرام ۾ رهيو ۽ ڊالرن جي ڪوٽ کي منهن ڏيندو رهيو.

ان کان پوءِ 2023 ۾، گڏيل عرب امارات پاڪستان کي هڪ ارب ڊالر جو ٻيو قرض ڏنو ۽ هاڻي اهو سامهون اچي رهيو آهي ته گڏيل عرب رياستن پنهنجي رقم واپس گهري آهي ۽ پاڪستان اها رقم واپس ڪرڻ وارو آهي. پاڪستاني اختيارين جو چوڻ آهي ته پاڪستان 11 اپريل تي 450 ملين ڊالر، 17 اپريل تي 2 ارب ڊالر ۽ 23 اپريل تي باقي 1 ارب ڊالر واپس ڪندو، يعني پاڪستان اپريل ۾ 3.5 ارب ڊالر واپس ڪندو. پر اپريل ۾ ئي، پاڪستان 1.3 ارب ڊالر جي يورو بانڊ جي ميچوئرٽيءَ (اصل رقم جي واپسي) کي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ پاڪستان کي اها رقم 8 اپريل تي ادا ڪرڻي آهي.

جڏهن ته اسٽيٽ بينڪ وٽ 16.3 ارب ڊالر جا ذخيرا آهن. جيڪڏهن هن مهيني 4.8 ارب ڊالر ڪڍيا وڃن ٿا ته پاڪستان وٽ صرف 11.5 ارب ڊالر بچي ويندا. جيتوڻيڪ اسٽيٽ بينڪ جي گورنر اعلان ڪيو هو ته پاڪستان جا پرڏيهي متاستا جا ذخيرا سال جي آخر تائين 20 ارب ڊالر کان وڌي ويندا، پر هاڻي اهو ناممڪن لڳي ٿو ڇاڪاڻ ته ڊسمبر ۾ اسٽيٽ بينڪ جي گورنر گڏيل عرب رياستن کي درخواست ڪئي هئي ته 2.5 ارب ڊالر جي هن رقم کي 2 سالن لاءِ رول اوور ڪري، وياج جي شرح کي به اڌ ڪيو وڃي. پوءِ وزيراعظم شهباز شريف به گڏيل عرب رياستن جي صدر کي اهڙي درخواست ڪئي هئي. ۽ پوءِ وزيراعظم چيو هو ته گڏيل يو اي اي متفق ٿي چڪو آهي. پر اهو نه ٻڌايو ته ڪيتري وقت تائين ۽ هاڻي 3.5 ارب ڊالر جي رقم واپس ڪرڻي آهي. اهو سڀ ڪجهه اهڙي وقت ۾ ٿي رهيو آهي جڏهن پاڪستان ۾ حڪومتي دعوائن موجب پرڏيهي سيڙپڪاري نه وڌي آهي ۽ روانگي واپار پڻ نه وڌيو آهي ۽ وچ اوڀر ۾ جنگ جي ڪري پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين وٽان ايندڙ رقمون پڻ خطري ۾ پئجي سگهن ٿيون.

اهي به اڻ تصديق ٿيل خبرون آهن ته چين پڻ وڏي انگ ۾ رقم (220 ملين ڊالر) واپس گهري آهي، جنهن ڪري خدشو اهو پيدا ٿيو آهي ته ايتري رقم جي واپسيءَ بعد پاڪستان ڊفالٽ ٿيڻ جهڙي خطري کي منهن ڏئي سگهي ٿو.

گڏيل عرب رياستن جو رقم ڪٽ کان انڪار: ڊفالٽ ٿيڻ جو خطرو

سنڌي ڊيسڪ

پيٽرول بم ڦاٽجي عوام تي ڪري پيو؛ ڪنڊڪوٽ پريس ڪلب اڳيان پرامن احتجاج علامتي جنازه نماز

سياسي ۽ سماجي ڌرين زبردست ۽ پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو،حڪومت خلاف سخت نعريبازي،مهانگائي جو علامتي جنازو پڙهيو ويو

پيٽرول جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪري حڪومت عوام جي جيئڻ جو حق کسي رهي آهي،مزدور،هاري ۽ غريب طبقو پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويو آهي:اڳواڻ

فوري طور اگهن ۾ گهٽتائي نه ڪئي وئي ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو ۽ سڄي ضلعي ۾ احتجاجي ريليون ڪڍيون وينديون

ڪنڊڪوٽ (ن ع) پيٽرول بم ڦاٽجي عوام تي ڪري پيو؛ پريس ڪلب اڳيان پرامن احتجاج، علامتي جنازو پڙهيو ويو ملڪ ۾ پيٽرول جي وڌندڙ اگهن خلاف اڄ پريس ڪلب اڳيان زبردست ۽ پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ سياسي ۽ سماجي ڌرين حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ پيٽرول مهانگائي جو علامتي جنازو به پڙهيو ويو.احتجاج ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلعي اڳواڻ استاد ظريف ساگر ٻجاراڻي، جماعت اسلامي اڳواڻ غلام مصطفيٰ ميراڻي، پي ٽي آءِ اڳواڻ عبدالعزيز سومرو اقرارا خان جڪراڻي ۽ قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ سجاد بروهي سميت ٻين تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي "مهانگائي نامنظور"، "عوام دشمن فيصلا واپس وٺو" جا زوردار نعرا هنيا.مظاهرين جو چوڻ هو ته پيٽرول جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪري حڪومت عوام جي جيئڻ جو حق کسي رهي آهي. مزدور، هاري ۽ غريب طبقو سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويو آهي. اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن فوري طور اگهن ۾ گهٽتائي نه ڪئي وئي ته احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو ۽ سڄي ضلعي ۾ احتجاجي ريليون ڪڍيون وينديون.۽ سڀاڻي 5مارچ پريس ڪلب اڳيان وڏو عوامي سمنڊ سان گڏ ڪيميڪل ڪير جي وڪري خلاف ۽ دل ۽ گردن جي اسپتال جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو ويندو

سانگهڙ ۾ صحافين جو ڊي آءِ جي ميرپورخاص خلاف احتجاج

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان مخصوص صحافين کي ملڻ ڏنو ويو،صحافي

اسان صحافي هميشه پوليس جي سرگرمين جي مڪمل ڪوريج ڪندا آهيون

سانگهڙ (ن ع) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان رڳو مخصوص صحافين کي ملڻ ڏنو ويو، جڏهن ته صحافين جي وڏي انگ کي ڊي آءِ جي آفيس جو گيٽ به پار ڪرڻ نه ڏنو ويو.انهن جو چوڻ آهي ته ميرپورخاص ڊويزن ۾ وڌندڙ لاقانونيت ۽ کلي عام منشيات فروشي بابت آءِ جي سنڌ کي آگاهه ڪرڻ چاهيون پئي،پر پوليس پاران رڪاوٽ وڌي وئي.صحافين جو الزام آهي ته ڊي آءِ جي ميرپورخاص آفيس جي گيٽ تي موجود پوليس اهلڪارن کي هڪ مخصوص لسٽ ڏئي ويهاريو ويو هو جنهن تحت رڳو انهن ئي صحافين کي اندر وڃڻ جي اجازت هئي جڏهن ته ٻين کي روڪيو ويو.ان معاملي تي ميرپورخاص جا صحافي ڊي آءِ جي آفيس ٻاهران گڏ ٿيا ۽ سخت احتجاج ڪيو. احتجاج ڪندڙ صحافين ۾ قمرالدين شيخ،حيات قريشي، سيد لياقت علي شاهه، مبين چانڊيو، سهيل خان، محمد علي پرڳڙي، سيد شاهزيب شاهه،سيد ظاهر حسين شاهه، آصف قمبراڻي، عبيدالله ڪوري، روما سرور، راجا راشد سولنگي، شمشاد قريشي ۽ دانش شاهه شامل هئا.صحافين چيو ته رڳو هڪ مخصوص ڪلب جي ماڻهن کي اجازت ڏيڻ پنهنجن عيبن تي پردو وجهڻ جي برابر آهي جڏهن ته اسان صحافي هميشه پوليس جي سرگرمين جي مڪمل ڪوريج ڪندا آهيون ان جي باوجود اسان کي اهڙي اهم پروگرام کان پري رکيو ويو

سيوهڻ تعلقي جي 7 استاد اڳواڻن کي معطل ڪرڻ خلاف احتجاج

استادن پمفليٽ کڻي ڏمال چوڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو

استادن سان بدڪلامي جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪيو وڃي:اڳواڻ

سيوهڻ(ن ع)سيوهڻ تعلقي جي 7 استاد اڳواڻن کي بنا جواز معطل ڪرڻ ۽ ڊي اي او ڄامشورو پانڊي خان ٽالپر جي مبينا ڪرپشن خلاف استادن پاران روڊن تي نڪري احتجاج ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي. ان حوالي سان متاثر استادن ۽ پ ٽ الف اڳواڻن ڪاله پمفليٽ کڻي ڏمال چوڪ کان نيشنل پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو ڪري ڊي اي او جي ڏاڍائين خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ ان پاران پ ٽ الف اڳواڻن ۽ استادن کي گوسڙو ۽ چور قرار ڏئي معطل ڪرڻ جي مذمت ڪئي. ان موقعي تي پ ٽ الف تعلقي سيوهڻ جي صدر محمد بخش رند، ڪمال خاصخيلي، تصور حسين جت، حاجي خان اوٺو ۽ ٻين خطاب ڪري الزام هڻندي چيو ته اسان ايمانداري سان ڊيوٽي ڪري ٻار پڙهائيندڙ ريگيولر استاد آهيون ڊي اي او ڄامشورو بنا ڪنهن سبب جي اسان کي پريشان ڪري بليڪ ميل ڪري رهيو آهي.

ٽنڊوباگو لڳ بااثر زميندار غير قانوني واٽر ڪورس ڪڍڻ شروع ڪري ڇڏيو

زميندارن جو احتجاج،فورن غير قانوني واٽر ڪورس ڪڍڻ بند ڪيو وڃي:زميندار

اريگيشن جي عملي سان ملي ڀڳت ڪري ڏاڏاه شاخ مان واٽر ڪورس ڪڍيو ويو آهي

ٽنڊوباگو (ٽ ر)ٽنڊوباگو لڳ سلطاني واهه مان نڪرندڙ ڏاڏاه شاخ جي پوڇڙ جي بااثر زميندار سيد عطا الله شاهه پاران اريگيشن جي عملي سان ملي ڀڳت ڪري ڏاڏاه شاخ مان ڪوڙا پاڻي جي پيچ وارا ڪاغذ تيار ڪرائي مزڪوره شاخ مان واٽر ڪورس ڪڍي رهيو آهي جيئن سان اتان جي پوڇڙ جي زميندارن جون سوين ايڪڙ زمين بنجر ٿيڻ جي ويندي غير آباد ٿي رهجي وينديون ،ٻي طرف اتان جي زميندارن ٽنڊوباگو ۾ ميڊيا سينٽر ۽ پريس ڪلب اڳيان الگ الگ احتجاج ڪندي عبدالعليم ڪاڪيپوٽو وسيم اڪرم ڪاڪيپوٽو سليم اعجاز ڪاڪيپوٽو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ زميندارن احتجاج ڪندي ڌانهندي الزام هڻندي چيو آهي ته مزڪوره شاخ تي هڪ بااثر زميندار سيد عطا الله شاهه اريگيشن جي عملي ايڪس اي اين ڊي سيڊا ، انجنيئر ڪوٽڙي بئراج ، ايس ڊي او ۽ سب ڊويزن تلهار ۽ حد جي داروغي فيصل نظاماڻي سان مبينا طور ملي ڀڳت ڪندي بااثر زميندار کان 50 لک روپيه رشوت وصول ڪري ڪيس واٽر ڪورس جا ڪوڙا ڪاغذ تيار ڪيا جي ڏاڏاه شاخ مان واٽر ڪورس ڪڍيو پيو وڃي .

باڊهه ۾ مهانگائي،پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ،قبائلي جهيڙن ۽ بدامني خلاف احتجاجي ريلي

سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران اصغر نوناري جي اڳواڻيءَ ۾ ٽائون هال کان حيدر چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

تيل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ سبب مهانگائي جو طوفان اچي ويو آهي،روزمره جي استعمال وارين شين جون قيمتون آسمان تي پهچي ويون آهن:اصغر نوناري

ٽرانسپورٽ جو وڏو دارومدار ڊيزل تي آهي، جنهن جي قيمت ۾ واڌ برقرار آهي، ان ڪري عوام کي ڪو حقيقي فائدو نه ٿو ملي:شمس پنهور

باڊهه (ن ع) ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي،پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ، سنڌ ۾ وڌندڙ قبائلي جهيڙن ۽ بدامني خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران اصغر نوناري، شمس پنهور مولا بخش ڦلپوٽو جي اڳواڻيءَ ۾ ٽائون هال کان حيدر چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. جنهن ۾ پارٽي ڪارڪنن منور نوناري محمد صفر مغيري، قاسم چنه کان علاوه مختلف مڪتبه فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن زيب علي ساريو دودو ديشي، ذوالفقار علي کانڌڙي نور محمد بليدي، ايڊووڪيٽ حاڪم گوپانگ، عبدالله غفاري، دلدار ڦلپوٽو ۽ ذيشان ڦلپوٽو سميت شهرين شرڪت ڪري وفاقي توڙي صوبائي حڪومت خلاف زوردار نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ سبب ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان اچي ويو آهي، جنهن ڪري روزمره جي استعمال وارين شين جون قيمتون به آسمان تي پهچي ويون آهن. هنن چيو ته حڪومت جي اهڙن فيصلن سبب غريب عوام سخت معاشي دٻاءَ هيٺ اچي ويو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته حڪومت طرفان پيٽرول جي اگهه ۾ معمولي گهٽتائي ڪري عوام کي رليف ڏيڻ جو تاثر ڏنو پيو وڃي. جڏهن ته ٽرانسپورٽ جو وڏو دارومدار ڊيزل تي آهي، جنهن جي قيمت ۾ واڌ برقرار آهي، تنهن ڪري عوام کي ڪو حقيقي فائدو نه ٿو ملي. هنن الزام هنيو ته سنڌ حڪومت به وفاقي فيصلن تي خاموش رهي عوام سان ناانصافي ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻيل آهي. هنن سنڌ ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته قبائلي جهيڙا ناسور بڻجي چڪا آهن، جن سبب روزانو قيمتي جانيون ضايع ٿي رهيون آهن، جڏهن ته پوليس جون امن قائم ڪرڻ واريون دعوائون رڳو بيانن تائين محدود آهن. هنن گهر ڪئي ته فوري طور پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتون گهٽائي عوام کي رليف ڏنو وڃي ۽ سنڌ مان قبائلي جهيڙن جو خاتمو آڻي امن قائم ڪيو وڃي.

سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي حيدرآباد طرفان احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلعي حيدرآباد طرفان ايس ٽي پي ڪارڪن منظور پليپوٽو جي بناجواز گرفتاري خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ضلعي صدر جان محمد جوٽيجو،ڪامريڊ عرفان بروهي،حسن جوٽيجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 5 ڏينهن اڳ ايس ايچ او نسيم نگر منظور پليپوٽو کي ٿاڻي گهرايو جنهن بعد ايس ايچ او بلديا ۽ ايس ايچ او پٺاڻ نگر به پهچي ويا جيڪي منظور پليپوٽو کي گرفتار ڪري کڻي ويا جنهن جي 5ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتاري ظاهر نٿي ڪئي وڃي.هنن چيو ته حيدرآباد ۾ جهنگ جو قانون لاڳو ٿيل آهي پوليس جنهن کي وڻي ٿي کڻي گم ڪري ڇڏي ٿي ان کان ڪير پڇڻ وارو نه آهي. جيڪو عمل انساني حقن جي لتاڙ آهي سياسي ڪارڪنن جي اهڙي قسم جي گرفتاري ڪنهن به صورت قابل قبول نه آهي. هنن چيو ته منظور پليپوٽو سياسي ڪارڪن آهي جنهن خلاف ڪو الزام آهي ته انهي ڪيس ۾ گرفتاري ظاهر ڪئي وڃي. هنن مطالبو ڪيو منظور پليپوٽو جي جلد گرفتاري ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي ٻئي صورت احتجاج جو دائرو پوري سنڌ تائين وڌايو ويندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائدہ تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آچر 05 اپريل 2026ع

دنيا لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجندڙ وچ اوڀر چڪتاڻ!

وچ اوڀر جي صورتحال ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گنڀير ٿيندي پئي وڃي جتي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ چڪتاڻ عالمي امن لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي رهي آهي. ٻنهي ملڪن جي قيادت جي تازن بيانن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ جيئوٽيڪ جنگ بندي ٿي وڃي، تڏهن بہ هيءَ تڪرار ختم ٿيڻ وارو ناهي. ايراني فوجي ترجمان جو اهو بيان تہ 'ايران آمريڪي فوج کي خطي مان ڪڍڻ تائين پنهنجون ڪارروايون جاري رکندو'، ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ اجوڪو بحران رڳو هڪ عارضي ٽڪراءُ ناهي پر هڪ ڊگهي ۽ منظم حڪمت عمليءَ جو حصو آهي. ايران جي پاليسي واضح طور تي آمريڪي اثر کي وچ اوڀر مان ختم ڪرڻ آهي. ان لاءِ هو نہ صرف فوجي دٻاءُ وڌائي رهيو آهي پر خطي ۾ آمريڪي موجودگيءَ کي 'ناقابل برداشت' بڻائڻ جي ڳالهہ بہ ڪري رهيو آهي. اهڙي حڪمت عمليءَ سان خطي ۾ امن جي اميدون گهٽجڻ لڳن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ جڏهن هڪ ڌر پنهنجي مقصدن لاءِ مسلسل دٻاءُ ۽ طاقت جو استعمال جاري رکي ٿي تہ ٻي ڌر بہ ردعمل ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي ٿي. اهڙي ريت تڪرار جو دائرو وڌندو وڃي ٿو ۽ حالتون وڌيڪ خطرناڪ رخ اختيار ڪن ٿيون. آبناءِ هرمز جهڙي اهم سامونڊي لنگهہ بابت سخت موقف بہ عالمي سطح تي ڳڻتيءَ جو سبب آهي. اهو لنگهہ دنيا ۾ تيل جي فراهميءَ لاءِ هڪ اهم رستو آهي ۽ جيڪڏهن ايران ان کي بند ڪرڻ يا محدود ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ ان جا اثر سڌي طرح عالمي معيشت تي پوندا. تيل جي اگهن ۾ اوچتو واڌ، واپار ۾ رڪاوٽون ۽ معيشت ۾ هيٺ مٿانهين ٿيڻ سان دنيا جا ڪيترائي ملڪ، خاص طور تي ترقي پذير رياستون، سخت بحران جو شڪار ٿي وينديون آهن.

ٻئي طرف آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پاران ايران جي افزوده يورينيم تي قبضي جو اظهار هڪ نئين خطري کي جنم ڏئي رهيو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ اهڙو قدم نہ صرف عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي هوندو پر اهو هڪ انتهائي خطرناڪ مثال بہ قائم ڪندو. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي خودمختياريءَ کي اهڙي طرح للڪاريو وڃي تہ پوءِ عالمي نظام جي بنيادن تي بہ سوال اڀرڻ لڳن ٿا. جيڪڏهن ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ چڪتاڻ وڌي ٿي ۽ ان ۾ فوجي ڪارروائي شامل ٿئي ٿي تہ ان سان نہ صرف وڏي پيماني تي انساني جانيون ضايع ٿي سگهن ٿيون پر تابڪاري جا اثر بہ پوري خطي کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي سگهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ رڳو هڪ يا ٻہ ملڪ نہ پر سڄي دنيا متاثر ٿيندي. ڳڻتي جوڳي ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن اهو تڪرار وڌي ٿو تہ عالمي طاقتون جهڙوڪ روس ۽ چين بہ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ شامل ٿي سگهن ٿيون. اهڙي صورت ۾ هيءُ علائقائي تڪرار عالمي جنگ ۾ تبديل ٿي ويندو ۽ ان جا نتيجا تباهہ ڪندڙ هوندا. تنهنڪري گڏيل قومن، عالمي طاقتن ۽ علائقائي ادارن کي گهرجي تہ هو فوري طور تي سنجيده قدم کڻن. سفارتي ڳالهين کي هٿي ڏيڻ، تياڪڙي ڪرڻ ۽ تڪرار کي وڌڻ کان روڪڻ موجوده وقت جي اهم ضرورت بڻجي وئي آهي. ڇو تہ جنگ ۽ طاقت جو استعمال ڪڏهن بہ پائيدار حل نٿو ڏئي سگهي جڏهن تہ ڳالهين ۽ مفاهمت ذريعي مسئلن کي حل ڪرڻ سان ئي ڊگهي مدي واري امن کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

بهرحال اسان سمجهون ٿا تہ جنگ بندي صرف هڪ عارضي امن مهيا ڪري سگهي ٿي پر جيستائين بنيادي مسئلا حل نٿا ڪيا وڃن تہ تڪرار ٻيهر جنم وٺندو. وچ اوڀر جي صورتحال هر قدم سوچي سمجهي کڻڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن دنيا هن وقت بہ سنجيدگيءَ سان قدم نہ کنيا تہ مستقبل ۾ ان جا نتيجا انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. امن استحڪام ۽ گڏيل ترقيءَ لاءِ ضروري آهي تہ سڀ ڌريون طاقت بدران ڳالهين جو رستو اختيار ڪن. ڇو تہ جنگ جو انجام هميشہ تباهي هوندو آهي. جڏهن تہ امن ئي انسانيت جي بقا جي ضمانت آهي.

فتح جو اعلان يا جنگ جو وقفو؟

اعظم ملڪ

دنيا جي نقشي تي وچ اوڀر وري هڪ ڀيرو ٻيهر ٻري رهيو آهي پر هن ڀيري صرف بارود نہ ٿو سڙي، پر ڳالهيون، دعوائون ۽ بيانيا بہ سڙي رهيا آهن سچ ۽ تاثر جي وچ ۾ هڪ مائي جنگ هلي رهي آهي هڪ پاسي امريڪا جي شهر واشنگٽن ۾ وينل صدر ڊونلڊ ٽرمپ آهي جيڪو قوم کي خطاب ڪندي چوي ٿو تہ اسان ايران کي تاريخ جو سڀ کان وڏو نقصان پهچايو آهي ان جي بحري فوج ختم ٿي وئي، هوائي فوج تباهہ ٿي وئي، قيادت بہ ختم ٿي وئي آهي ۽ هاڻي رڳو ٻہ يا ٽي هفتا بچيا آهن جن ۾ مشن مڪمل ٿي ويندو پر ٻئي پاسي حقيقت اڃا بہ سوال پڇي رهي آهي: ڇا واقعي جنگ ختم ٿيڻ واري آهي يا رڳو ان جو هڪ حصو بند ٿي رهيو آهي؟ اصل ۾ هيءَ ڪهاڻي صرف ٽرمپ، ايران، اسرائيل يا خليجي ملڪن تائين محدود ناهي پر عام ماڻهن جي آهي انهن ماڻهن جي جيڪي غزه ۾ ملبي هيٺ دٻيل آهن جن جي زندگي هر ڏينهن خطري ۾ آهي اسرائيلي شهري بہ هن ڪهاڻي جو حصو آهن جيڪي شايد پهريون ڀيرو پنهنجيءَ گهرن ۾ خوف محسوس ڪري رهيا آهن آهي ايراني خاندان بہ شامل آهن جيڪي ايندڙ راتين بابت ڪجهہ بہ پڪ سان نٿا چئي سگهن تہ ڇا ٿيندو ۽ آهي امريڪي شهري بہ، جيڪي هزارين ميل پري ويهي ٽي وي تي فتح جون خبرون ٻڌي رهيا آهن پر سندن دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ هڪ سوال ضرور آهي: ڇا هي واقعي فتح آهي يا صرف هڪ اهڙو قصو آهي جيڪو ماڻهن کي ڊيڪاريو پيو وڃي؟ صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي تقرير اصل ۾ هڪ روايتي جنگي انداز جي ڳالهہ آهي، جنهن ۾ طاقت ڏيکارڻ، دشمن کي مڪمل تباهہ ڪرڻ جون دعوائون ڪرڻ ۽ جلدي ڪاميابي جو واعدو ڪرڻ شامل هوندو آهي "we have all the cards" جهڙا جملا رڳو لفظ ناهن، پر هڪ اهڙي سوچ کي ظاهر ڪن ٿا، جنهن ۾ دنيا کي شطرنج جي بورڊ وانگر ڏٺو وڃي ٿو جتي هر ملڪ هڪ مُهر وانگر آهي ۽ هر بحران صرف هڪ چال سمجهيو وڃي ٿو. امريڪا چوي ٿو تہ هن ايران کي 15 کان 20 سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اِهو سچ بہ مڃجي، تڏهن بہ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا رڳو ڪنهن ملڪ جي فوجي يا ايٽمي طاقت کي ڪجهہ وقت لاءِ ڪمزور ڪرڻ ئي ڪاميابي آهي؟ تاريخ اسان کي اِهو سيکاري ٿي تہ جنگون صرف هٿيارن سان نہ کٽيون ويندڙيون آهن، پر حوصلي، ارادي ۽ همت سان کٽيون يا هارايون وينديون آهن. جيڪڏهن ايران جو ارادو اڃا بہ مضبوط آهي ۽ ان جي جاگرافيائي حيثيت اڃا بہ اهم آهي، خاص ڪري آبنائي هرمز جي صورت ۾، جيڪو دنيا جي معيشت لاءِ شهہ رڳ وانگر آهي تہ پوءِ اها ڪاميابي ڪيتري مڪمل چئي سگهجي ٿي؟ هتي هرمز جو ذڪر ان ڪري اهم آهي ڇو تہ دنيا جو وڏو حصو پنهنجي توانائي (تيل وغيره) هن ئي رستي مان حاصل ڪري ٿو ۽ ايران اڃا تائين ان تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري عالمي ماهر چون ٿا تہ اصل جنگ ختم ناهي ٿي، پر صرف پنهنجو روپ بدلائي رهي آهي. هن سڄي صورتحال ۾ اسرائيل جو ڪردار بہ تمام اهم آهي. اسرائيل جو وزيراعظم هن ڪارروائي کي ڪاميابي قرار ڏئي ٿو، پر زميني حقيقت ڪجهہ ٻي آهي. عام اسرائيلي ماڻهو هاڻي پاڻ کي اڳ وانگر محفوظ محسوس نٿا ڪن. جڏهن سائرن وڄن ٿا، جڏهن ميزائيل روڪڻ واري نظام هوندي بہ ڪجهہ حملا ڪامياب ٿي وڃن ٿا، تڏهن خوف صرف ڳالهہ نہ رهي ٿو پر هڪ سچائي بڻجي وڃي ٿو.

هاڻي سوال پيدا ٿئي ٿو امريڪا جي اتحادي ملڪن بابت جهڙوڪ: فرانس، برطانيا ۽ خليجي ملڪ. ٽرمپ جو اهو چوڻ تہ 'اسان کان فيول خريد ڪريو يا پاڻ وڃي آبنائي هرمز تان تيل وٺي اچو، اسان توهان جو روپو پلاءِ رڪنداسين' اصل ۾ هڪ نئين علمي نظام جو اعلان آهي هاڻي اهو پراڻو امريڪا نہ رهيو آهي جيڪو پنهنجن ساٿين کي مفت ۾ تحفظ ڏيندو هو پر هاڻي هڪ اهڙو امريڪا نظر اچي ٿو جيڪو چوي ٿو تہ سيڪيورٽي بہ هاڻي هڪ سروس آهي يعني ان جي بہ قيمت ادا ڪرڻي پوندي هن بيان مغربي اتحاد اندر موجود اختلافن کي وڌيڪ ظاهر ڪري ڇڏيو آهي يورپ هاڻي وڌيڪ احتياط سان هلڻ لڳو آهي ۽ پاڻ کي وڌيڪ خودمختيار بڻائڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي جڏهن تہ خليجي ملڪ اڃا تائين امريڪا کان اِها ئي اميد رکن ٿا تہ هو ايران خلاف مڪمل دٻاءُ جاري رکي هن سڄي صورتحال ۾ چاڻتا جو سفارتڪاري (ڊپلوميسي) ڏانهن اچڻ هڪ اهم موڙ آهي جڏهن هڪ طرف جنگ جون ڳالهيون عروج تي هجن ۽ ٻئي طرف ڪا وڏي طاقت خاموشي سان ڳالهين ۽ صلح جي ڳالهہ ڪري، تہ اهو علمي طاقت جي توازن ۾ تبديلي جو اشارو هوندو آهي چين کي خبر آهي تہ استحڪام ان جي معيشت لاءِ ضروري آهي تنهنڪري هُو اِها خالي جاءِ ڀرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جيڪا امريڪا جي ممڪن پوئتي هٽڻ سان پيدا ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن چين هن ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ دنيا هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي سگهي ٿي اهڙو دور جتي رڳو هڪ ملڪ سڀ فيصلا نہ ڪندو، پر ڪيترائي طاقتور ملڪ گڏجي توازن قائم ڪندا ۽ دنيا جي سياست کي هلائيندا ۽ پوءِ اهو سوال سامهون اچي ٿو جنهن سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو آهي: امريڪا جا عام ماڻهو ڪٿي آهن؟ آهي ماڻهو جيڪي پاڻ کي جمهوريت، اظهار جي آزادي ۽ انساني حقن جا وڏا حامي سمجهندا آهن غزه ۾ هزارين ماڻهو مارجي ويا آهن، ايران تي حملا ٿي رهيا آهن، پر پوءِ بہ امريڪا جي اندر اُهو وڏو، زورائتو ردعمل نظر نٿو اچي جيڪو اڳ ويٽنام يا عراق جنگ جي دوران ڏٺو ويو هو اڄ جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي اهو رڳو هڪ جنگ ناهي، پر هڪ نئين علمي نظام جي نهڻ جو عمل آهي امريڪا پنهنجي طاقت ڏيکاري رهيو آهي چائنا پنهنجو اثر وڌائي رهيو آهي، يورپ پنهنجي خودمختياري ڳولي رهيو آهي ۽ وچ اوڀر وري هڪ ڀيرو علمي سياست جو مرڪز بڻجي ويو آهي پر هن سڀني ڳالهين جي وچ ۾ سڀ کان وڏو سوال اڃا بہ ساڳيو آهي: ڇا هي واقعي پڄاڻي آهي يا رڳو هڪ وقفو، هڪ اهڙو ساهہ کڻڻ جو لمحو جنهن ڪانپوءِ ڪهاڻي ٻيهر نئين رُخ سان شروع ٿيندي؟

اسلامي دفاعي اتحاد، وقت جي اهم ضرورت!

رحمت الله ٻرڙو

آمريڪا اسرائيل ايران جنگي صورتحال ۾ مسلم رياستن ۽ قيادتن لاءِ هڪ اهم سوال سامهون آيو آهي تہ جيڪڏهن مسلم رياستون ۽ قيادتون پنهنجي برادرانہ بنيادن تي يا گڏيل مقصدن جي بنيادن تي پاڻ ۾ متفق ۽ متحد نہ هوندا تہ غير يا غير مسلم طاقتون پنهنجي مفادن جي حاصلات لاءِ واري واري سان وسيلن تي حملا ۽ جنگيون ڪندا رهندا ايران تي مڙهيل آمريڪي ۽ اسرائيلي جنگي جنون ڪانپوءِ پيدا ٿيل علمي صورتحال ۾ مسلم دنيا لاءِ وڏو سوال پنهنجو رياستي دفاع ۽ وسيلن تي ڪنٽرول هجڻ ضروري ٿي پيو آهي ان سلسلي ۾ گذريل سال پاڪستان-سعودي عرب دفاعي معاهدو منظرعام تي آيو هو ان ڪانپوءِ وري آمريڪا ايران جنگ ۾ هڪ نئون سوال مسلم دنيا جو بچاءُ سندن هڪ ٻئي ۾ دفاعي اتحاد وارو اهميت اختيار ڪري ويو آهي انهيءَ سلسلي ۾ گذريل ڏينهن هڪ خبر سامهون آئي آهي جيڪا هن ريت پڻ آهي پاڪستان، ترڪي سعودي ۽ مصر طرفان اسلامي دنيا جو دفاعي اتحاد ناهڻ جون تياريون شروع، ترڪي پاڪستان، سعودي عرب ۽ مصر هڪ دفاعي اتحاد ناهڻ وڃي رهيا آهن. هيءَ اهم خبر ترڪ حڪومت جي هڪ حامي اخبار ترڪيہ پڻ ڏني آهي چار ملڪي نمائندن واري اجلاس جو مرڪز ايران جي جنگ، ان جا اثر ۽ ملڪن وچ ۾ فوجي هم آهنگي پڻ هو اخبار جي خبر موجب اسلام آباد ۾ ڪيترائي اصولي فيصلا ڪيا ويا ۽ ان ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ويو تہ ايندڙ اجلاس ترڪيءَ ۾ ٿيندو سيڪيورٽي ذريعن موجب هوڏانهن علمي ميڊيا سان ڳالهائيندي تجزيي نگارن جو خيال آهي تہ پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي اتحاد ۾ سعودي عرب ۽ مصر جي شموليت سان اهو پيغام ملي ٿو تہ اسلامي دنيا جا فيصلا هاڻي اسان پاڻ ڪنداسين وچ اوڀر ۾ وڌندڙ چڪتاڻ علمي امن لاءِ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي خاص طور تي فلسطين جي Gaza Strip ۾ جاري انساني بحران ۽ ايران خلاف جارحاڻي حڪمت عملي اسلامي دنيا کي هڪ نئين سوچ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ اسلامي ملڪن لاءِ رڳو بيان بازي ڪافي ناهي پر گڏيل دفاعي حڪمت عملي وقت جي اهم ضرورت بڻجي چڪي آهي

گذريل ڏهاڪن ۾ عراق، افغانستان ۽ مصر جهڙن ملڪن جا تجربا ثابت ڪن ٿا تہ جڏهن اسلامي دنيا ورهايل هجي ٿي تڏهن ٻاهرين طاقتون آسانيءَ سان مداخلت ڪري سگهن ٿيون ان جي ابتڙ جيڪڏهن گڏيل قوت سان اڳتي وڌجي تہ علمي سطح تي طاقت جو توازن بہ تبديل ٿي سگهي ٿو. هن پس منظر ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ وڌندڙ دفاعي تعاون هڪ اهم اڳڀرائي طور ڏٺو پيو وڃي هيءُ تعاون نہ رڳو ٻطرفو آهي پر اهو اسلامي دنيا لاءِ هڪ وسيع دفاعي اتحاد جو بنياد بہ بڻجي سگهي ٿو اهڙي اتحاد جو تصور نيٽو جهڙي ماڊل سان ٿي سگهي ٿو جتي هڪ ملڪ تي حملو سڀني تي حملو تصور ڪيو ويندو آهي اسلامي دفاعي اتحاد جي قيام لاءِ پهريون قدم گڏيل دفاعي معاهدي جو اعلان هجڻ گهرجي جنهن ۾ واضح طور تي گڏيل سلامتيءَ جو اصول طئي ڪيو وڃي ٻيو اهم قدم گڏيل فوجي ڪمانڊ جو قيام آهي جنهن ذريعي مختلف ملڪن جي فوج هڪ گڏيل حڪمت عملي تحت ڪم ڪري سگهي گڏيل فوجي مشقون، انٽيليجنس شيئرنگ ۽ هنگامي حالتن ۾ تيز ردعمل اهڙي نظام کي مؤثر بڻائي سگهن ٿا ان کان علاوه دفاعي صنعت ۾ خودڪفالت انتهائي ضروري آهي ترڪي پاڪستان ۽ ايران جهڙا ملڪ جديد فوجي ٽيڪنالاجي ۾ اڳڀرا آهن ۽ جيڪڏهن انهن جي صلاحيتن کي گڏ ڪيو وڃي تہ اسلامي دنيا مغربي انحصار کان وڏي حد تائين آزاد ٿي سگهي ٿي ساڳئي وقت، گڏيل دفاعي فنڊ ۽ معاشي تعاون بہ هن اتحاد کي مضبوط بڻائڻ لاءِ اهم عنصر آهن بهرحال سڀ کان وڏو چيلينج اسلامي دنيا جا اندروني اختلاف آهن فرقي وارانو تڪرار، علائقائي سياست ۽ مفادن جي ٽڪراءُ کي ختم ڪرڻ کانسواءِ ڪنهن بہ اتحاد جي ڪاميابي ممڪن نہ آهي ان لاءِ ضروري آهي تہ اسلامي تعاون تنظيم (OIC) کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي تہ جيئن اهو اختلافن جي حل لاءِ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهي اڄ جي بدلجندڙ علمي حالتن ۾ اسلامي دنيا لاءِ گڏيل دفاعي اتحاد رڳو هڪ آپشن نہ پر بقا جو سوال بڻجي چڪو آهي جيڪڏهن اسلامي ملڪ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪن ٿا تہ هو نہ رڳو پنهنجي خودمختياريءَ جي حفاظت ڪري سگهن ٿا پر علمي سياست ۾ هڪ مضبوط ۽ بااثر بلاڪ طور بہ اڀري سگهن ٿا.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هڪ تاريخ، تحريڪ ۽ اڌورا خواب!

منظور ڪوسو

بي مثال جرئت، همت ۽ حوصلي جو مالڪ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صرف هڪ سياسي اڳواڻ نہ پر پنهنجي ذات ۾ هڪ تحريڪ، هڪ سوچ ۽ هڪ دور جو نالو آهي جنهن جو سحر اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. تلحال پ پ پ جيڪي بہ سياسي ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن انهن جو بنياد 'جيئي ڀٽو' جو سحر آهي. پوءِ اهو هڪ الڳ بحث آهي تہ ان نعري ۽ نظريي سان ڪيتري قدر نڀايو ويو آهي. 51 سالن جي ڀرپور جوشيلي ۽ جذباتي عمر ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جو نهايت ڏکوئيندڙ موت 47 سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ ماڻهو درد جي ان ڪاري رات کي وساري ناهن سگهيا. ڀٽي کي متائيندڙ جيتوڻيڪ جسماني طور تہ ان کي ختم ڪيائون پر انجام انهن جو بہ عبرتناڪ ٿيو ۽ ڀٽو اڄ بہ ڳڙهي خدابخش جي قبرستان مان تہ فقط ماڻهن جي دلين تي پر ملڪ تي بہ حڪمراني ڪري رهيو آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جو موت هڪ اهڙو 'عدالتي قتل' ۽ ملڪ جي نظام انصاف تي ڪارو داغ آهي جيڪو اڄ ڏينهن تائين ڌوپجي نہ سگهيو آهي. ان قتل پويان نہ فقط ملڪي پر بين الاقوامي سطح تي بہ ڪافي قوتن جو هٿ هو. 1973ع ۾ عرب-اسرائيل جنگ ۾ عربن جو آمريڪا ۽ يورپ جو تيل بند ڪرڻ دنيا جي معيشيت کي ايترو متاثر ڪيو جو اولهہ کي عربن جي تيل جي طاقت جو مڪمل اندازو ٿي ويو. ان ڪانپوءِ 1974ع ۾ لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪوٺائي مسلم دنيا جو سياسي، سفارتي ۽ اقتصادي حوالي سان هڪ مضبوط بلاڪ ٺاهڻ جون ڪوششون ۽ تيل پيدا ڪندڙ دولتمند عرب ملڪن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪري انهن کي آمريڪا ۽ يورپ جي حصار مان ڪڍڻ جي حڪمت عملي، اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ ياسرعرفات کي هڪ ويڙهاڪ بدران هڪ رياست جي سربراهہ طور پيش ڪرڻ، اِهي ڀٽي صاحب جا اهڙا ڪم هئا جنهن عالمي استعمار جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون. اربين ڊالر جون آڇون ٺڪرائي ايٽمي پروگرام جاري رکڻ جهڙن جرئتمندانہ فيصلن جي ڪري ڀٽو عالمي سازشن جو شڪار ٿيو. هوندي بہ جيڪڏهن پاڪستان جي سياسي تاريخ کي ڏٺو وڃي تہ هن قسم جا ماڻهو گهٽو وقت برداشت نہ ڪيا ويندا آهن. سنڌس ولولہ انگيز شخصيت، سياست ۽ قرباني اڄ بہ پاڪستان ۽ مسلم دنيا جي سياسي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکي ٿي.

ڀٽي صاحب پنهنجي سياسي سفر دوران نہ صرف ملڪ اندر پر عالمي سطح تي بہ پنهنجو ڌاڪو ڄمايو. ايٽمي پروگرام جي مسئلي تي هينري ڪسنجر جي واضح ڌمڪين باوجود هن آڻ نہ مڃي. 28 اپريل 1977ع تي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ سنڌس تقرير جا هي لفظ اڄ بہ تاريخ ۾ گونجن ٿا: 'آمريڪا اهو سفيد هاٿي آهي جيڪو نہ ڪڏهن وساريندو آهي ۽ نہ ڇڏيندو آهي' هي لفظ رڳو جذباتي اظهار نہ هئا، پر عالمي سياست جي هڪ گهري سمجهہ جا عڪاس هئا. اسلامي دنيا جو هڪ مضبوط اتحاد ۽ ملڪ کي ايٽمي طاقت بنائڻ ڀٽو صاحب جي اولين ترجيحن مان هئا. پوءِ اڳتي هلي ڀٽي کي هڪ چومکي ويڙهہ سان منهن ڏيڻو پيو. هڪ طرف اپوزيشن ۽ اسٽيبلشمينٽ سان مقابلي ۾ هو تہ ٻئي طرف عالمي قوتن سان ٽڪراءُ ۾. پر سندس شخصيت جي وڏي خاصيت اِها هئي تہ هن ڪڏهن بہ سمجهوتو نہ ڪيو. هو مصلحت پسندي کان پري، اصولن تي قائم رهندڙ اڳواڻ هو. پوءِ اڳتي هلي دنيا ڏٺو تہ نہ فقط ڀٽو پر مسلم دنيا جي اتحاد لاءِ ڪوششون ڪندڙ اڳواڻ هڪ هڪ ڪري راهہ تان هٽايا ويا ۽ هاڻي اسان ڏسون ٿا تہ سڄو عرب آمريڪي چنبيءَ هيٺان آهي. اڄ بہ جيڪڏهن عرب ملڪ تيل جو واپار ڊالر ۾ ڪرڻ بدران ٻين ڪرنسين ۾ ڪن ۽ تيل جي پيداوار مان ملندڙ ڊالر آمريڪا جي بئنڪنگ سسٽم ۾ نہ سيڙائن تہ نہ فقط دنيا ڊالر جي ظالمانہ سسٽم مان آجي ٿي وڃي پر آمريڪا کي بہ پنهنجي وزن جي سڄي خبر پئجي وڃي! آمريڪي معيشيت کي ٽيڪ ڏيندڙ ۽ ان سان اربين ڊالرز جا هٿيارن جا سودا ڪندڙ عرب اڄ سخت عدم تحفظ جو شڪار آهن. سماج ۾ سياسي شعور عام ڪرڻ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو تاريخي ڪردار رهيو آهي. هن سياست جي حسين ديويءَ کي محلاتن مان ڪڍي عوام تائين آندو ۽ سياست کي وستين، ڳوٺن ۽ شهرن جي چوٽڪن تي ماڻهن لاءِ بحث جو موضوع بڻايو. ماڻهن پنهنجي بنيادي حقن بابت سوچڻ شروع ڪيو ۽ سوال ڪرڻ شروع ڪيا. ڀٽي جي عام ڪيل سياسي شعور جو ئي نتيجو هو جو هن جا سياسي جلسا عوامي لهر جو روپ اختيار ڪري وٺندا هئا. جتي ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پوندو هو. ڀٽو وڏو ڏاهو سياستدان ۽ عوامي نفسيات مان خوب واقف هو. کيس پلي پلي جي خبر هئي تہ ڪهڙي جاءِ تي ڇا ڳالهائڻو آهي ۽ ماڻهو ان کان ڪهڙي توقع رکن ٿا، هُو اهو ڪجهہ ٻڌائيندو هو جو ڪجهہ ماڻهو ٻڌڻ چاهيندا هئا. پر اڄ جي سياست ۾ اهو منظر نظر نٿو اچي. هاڻي وڏيرا تنديرا جلسن ۾ ايلاز منٿون ڪري ترڪيٽرن، ترڪن ۽ لارين ۾ ماڻهو ڀري ڪٺي اچن ٿا. اهو فرق ڀٽو صاحب جي عوامي سياست ۽ اڄ جي سياست جي وچ ۾ هڪ واضح لڪير ڪڍي ٿو. ڀٽو صاحب ڪانپوءِ، خاص طور ايم آر ڊي تحريڪ دوران ماڻهن ۾ سياسي جوش جذبو موجود هو پر پوءِ سياسي ڪارڪنن جي اهميت ختم ٿيڻ ۽ پوتار جي اهميت وڌڻ سان سياست ۾ بہ ماٺار اچي وئي. محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت ڪانپوءِ ڪافي تبديليون اچي ويون ۽ سياست ۾ پيهر رئيس ۽ پوتار جهڙن اثرائتن طبقن جي قبضي ۾ اچي وئي. پيپلز پارٽي کي ڪيترائي ڀيرا حڪومت جا موقعا مليا، محترمہ جي شهادت ڪانپوءِ مڪمل وفاقي حڪومت ۽ چوڏهون ڀيرو سنڌ حڪومت ۽ هاڻي بہ ايوان صدر تي ڀٽي جو راڄ آهي پر افسوس جو پ پ پ جو 'ڪپڙو، لٽو ۽ اجهو' جهڙو بنيادي نعرو اڃان تائين عملي صورت اختيار نہ ڪري سگهيو آهي. اڄ بہ عام ماڻهو مهانگائي، بيروزگاري ۽ غربت جو شڪار آهن.

لطيفي لات ـــــــ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

هَلَندي هوتَ پُنهُونءَ ڏي، کُهِجَنِ کي ڪوٽِيُون:
پَهَڻُ تنين پَٽُ ٿِئي، جي لِءِ لالَنِ لُوٽِيُون:
سَبُ سَهيلِيُون سِڱَ کي، چُنجهون ۽ چُونِيُون:
ٻانيَڙِ! ٿِيَ ٻُوٽِيُون، ته ڪُتا ڪِيَنِئِي ڪيچَ جا.

(سُر معذوري)

اڄوڪو ڏينهن ـ 05 اپريل

مولوي غلام احمد ملڪاڻي

مولوي غلام احمد ملڪاڻي پنهنجي دور جو جيد علم ۽ بزرگ هو. سندس ولادت 5 اپريل 1860ع تي تعلقي دادوءَ جي ڳوٺ ملڪاڻيءَ ۾ ٿي قرآن شريف، عربي ۽ فارسي پنهنجي ئي جي مدرسن ۾ پڙهيو. گڏوگڏ سنڌي ست درجا بہ پڙهيائين علم جي تڪميل ڪانپوءِ زندگيءَ جا 40 سال درس ۽ تدريس سان لاڳاپيل رهيو. هن سرهند، مهڙا ۽ گولڙا سميت هندستان جي مختلف درگاهن جي زيارت لاءِ ڏورانهن علائقن جا سفر ڪيا. گڏوگڏ سعودي عرب ۽ عراق جو سفر ڪري زيارتون ڪيون ۽ مختلف بزرگن سان ملاقاتون ڪيون. هن کي فقہ جي علم ۾ خاص مهارت حاصل هئي ۽ ڪيترين ئي فتوائن لکيائين سندس فتوائن جو مجموعو 'فتويٰ ملڪاڻي' جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن جي وعظن جو مجموعو 'سبيل ارشاد' جي نالي سان ڇهن جلدن ۾ ڇپيل آهي. هن خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ شاعري بہ ڪندو هو. هن 22 سيپٽمبر 1935ع تي وفات ڪئي

احمد خان مدهوش

اڄ مشهور شاعر مرحوم احمد خان مدهوش جي جنم جو ڏينهن آهي. هن تليواڙي شاعر 5 اپريل 1931ع تي تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ سلطان خان چانڊيئي ۾ حاجي خان سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. ابا سال کن جو مس هو جو سندس ڪٽنب لڏي اچي جوهيءَ ۾ آباد ٿيو. هن سنڌي فائنل، اديب فاضل ۽ انٽر جا امتحان پاس ڪيا. عملي زندگيءَ ۾ هو اسڪول جو هڪ استاد هو. هو هڪ قادر الڪلام شاعر هو ۽ شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن ۽ خاص طور تي غزل ۽ نظم تي طبع آزمائي ڪيائين شاعريءَ ۾ فيض بخشاپوري سندس استاد هو. پاڻ ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو پڻ ميمبر رهيو. هن جي شاعريءَ جا بہ مجموعا 'گل جون ڳالهيون' ۽ 'نظر ۾ نظربند' ڇپجي پڌرا ٿيا. هن 26 جون 2010ع تي راهہ رباني ورتي جوهي شهر جو هڪ روڊ سندس نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي

پروفيسر امينہ هاليپوٽو

اڄ مشهور تعليمي ماهر پروفيسر امينہ هاليپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 5 اپريل 1932ع تي حيدرآباد ۾ جنم ورتو. بي اي ۽ ايم اي (عربي) جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ ليڪچرار طور ڪيائين ۽ پروفيسر طور رٽائر ٿي. پاڻ حيدرآباد جي مشهور زبيده ڪاليج جي پرنسپال طور بہ ڪم ڪيو. 16 نومبر 1981ع تي وفات ڪيائين

محمد اشرف منصور دائود پوٽو

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ اديب اشرف منصور دائودپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي. ڊاڪٽر محمد پناهہ مطابق سندس جنم جي تاريخ 5 اپريل 1932ع آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا بہ اها ئي تاريخ ڄاڻائي آهي جڏهن تہ مير حاجن ۾ پنهنجي ڪتاب 'سيوهڻ جون...

ڪتابن ۾ دار و رسن (غزلن جو مجموعو)، رهنماءِ سالڪين، نوادرات الڪرامات ۽ تل سحر شامل آهن ان کان علاوه سندس ڪيترائي ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن هن 22 نومبر 2010ع تي وفات ڪئي

تندلال هندوجا آنند



اڄ مشهور اديب تندلال هندوجا جي جنم جو ڏينهن آهي هو 5 اپريل 1938ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪيائين ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ هو پنهنجي ڪٽنب سان گڏ لڏي آيو هندستان جي شهر گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ وڃي رهيو ۽ بعد ۾ الهاس نگر جا وڃي وسيائين هن بي اي، ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون. عملي زندگيءَ جي شروعات هاءِ اسڪول جي استاد طور ڪيائين تندلال جو نالو ادبي ڪيتر ۾ هڪ ڪهاڻيڪار، ناول نويس ۽ مضمون نگار طور ڄاتل سڃاتل آهي هن ڏهن کان وڌيڪ سنڌي ڪتاب ۽ ٻہ انگريزي ڪتاب لکيا. هن جي ڪتابن ۾ 'پرواز' (ڪهاڻيون)، 'همراز' (ڪهاڻيون)، 'ناز و انداز' (ڪهاڻيون)، 'زندگيءَ جو مرڪز' (ڪهاڻيون)، 'ڪا جواب' (سوال جواب)، خوشبوءِ (مضمون)، 'خوشبوءِ' (شاعري) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هو ڪيترائي سال سنڌي ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري رهيو. هن 17 ڊسمبر 2014ع تي هن جهان مان موڪلايو.

انجم آرا

انجم آرا سنڌ جي مشهور گلوڪاره هئي هوءَ 5 اپريل 1965ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿي سندس والده شميم آرا بہ هڪ سريلي ڳائڻي هئي انجم آرا مشهور گلوڪاره امبر مهڪ جي وڏي ڀيڻ هئي هن استاد جمال خان ۽ استاد ضامن عليءَ کان راڳ جي سکيا ورتي ۽ ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي ماءُ سان گڏ اسٽيج تي ڳائڻ شروع ڪيو. 1984ع کان وٺي مختلف تقريبن ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ پنهنجي آواز جو جادو جاڳائڻ شروع ڪيائين مشهور موسيقارن غلام نبي ۽ عبداللطيف کيس ريڊيو پاڪستان تي متعارف ڪرايو هن پلي بيڪ سنگر طور ڪجهہ فلمي گيت پڻ ڳايا. سندس راڳ ۽ آواز کي مڃتا ڏيندي هن کي ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو ويو، جن ۾ شهباز ايوارڊ، مصري شاهہ ايوارڊ ۽ ٻيا اعزاز شامل آهن تاريخ 22 اپريل 2025ع تي سندس ساهہ جو سڳو ٽٽي پيو

رامچند اوڏ

اڄ مشهور شاعر رامچند اوڏ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 5 اپريل 1968ع تي ٽنڊي جام ويجهو ڳوٺ قبول ميربوٽي ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو سندس والد جو نالو ٻتومل اوڏ هو هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊوجام فارم مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان مسلم سائنس ڪاليج...

هڪ شاعر طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪيائين هن 300 کان وڌيڪ غزل، گيت، وايون، بيت ۽ نظم لکيا. خاص طور تي سندس غزل ۽ وايون ادبي دنيا ۾ گهڻي مڃتا ماڻي چڪيون آهن تاريخ 18 فيبروري 2026ع تي اسڪول ۾ پڙهائيندي کيس دل جو دورو پيو ۽ هو اسان کان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو.

مختيار اثر

سليم چنا

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعر سليم چنا جي سالگرهہ جو ڏينهن آهي هو اڄوڪي ڏينهن تي 1954ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو ايم اي (سنڌي ادب) تائين تعليم حاصل ڪيائين شروع ۾ مختلف شعبن ۾ نوڪريون ڪيائين 1984ع ۾ ڪسٽم، سيلز ٽيڪس ۽ فيڊرل ايڪسائيز فورس ۾ ڪسٽم انسپيڪٽر مقرر ٿيو ۽ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تائين پهچي رٽائر ٿيو. لکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي رهيس شاعريءَ ۾ مشهور شاعر نياز همايونيءَ کان اصلاح وٺندو هو هن ويهارو کن ڪتاب لکيا، جن ۾ ڪهاڻيون، ناول ۽ سوانحي خاڪا وغيرهہ شامل آهن چنا صاحب کي سندس جنم ڏينهن جي مبارڪباد هجي

گيتا خانواڻي

گيتا خانواڻي هندستان جي مشهور سنڌي ڳائڻي آهي هن جو جنم 5 اپريل 1969ع ۾ هندستان جي شهر اجمير ۾ ٿيو. هن ڇهن سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ سُر وٺڻ شروع ڪيا، ڪاليج تائين پهچندي پهچندي هن موسيقيءَ جي دنيا ۾ ڪافي مقبوليت حاصل ڪري ورتي 1987ع ۾ شادي ٿيڻ بعد هن سڄا سارا 25 سال ڳائڻ ڇڏي ڏنو. اپتري ڊگهي عرصي ڪانپوءِ هن ٻيهر ڳائڻ شروع ڪيو ۽ سندس ڪيترائي سنڌي ۽ هندي البم رليز ٿي چڪا آهن خاص طور تي سندس سنڌي البم 'جهولڻ جي ڌمال'، 'سهڻي سوغات' ۽ 'ڄڃ ٿي سنڌي' گهڻو مشهور ٿيا آهن

حاجياڻي لنجو



اڄ ٿر جي پهرين عورت وڪيل حاجياڻي لنجو پنهنجي سالگرهہ ملهائي رهي آهي هن سماج سڌارڪ سڃاڻ خاتون مٺي تعلقي جي ڳوٺ علمسر ۾ 5 اپريل 1982ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. غربت جي باوجود حاجياڻيءَ همت نہ هاري ۽ پنهنجي محنت سان سنڌ يونيورسٽيءَ مان سماجيات ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين ان کان علاوه ايل ايل بي جي سند پڻ حاصل ڪيائين هن ٿر ۾ ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز ۾ ڪم ڪيو انهن اين جي اوز ۾ ٿر ڊيپ، پاڻهن پيلي ۾ سڪار فائونڊيشن ۽ مارئي رورل...

اپريل 1998ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ڳوٺ سانگ ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو ثريا ۽ والد جو نالو الاهي بخش ٻڙدي بلوچ آهي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪيائين. جڏهن تہ مئٽرڪ انٽر ۽ بي اي جا امتحان خيرپورميرس مان پاس ڪيائين لکڻ جي ابتدا ننڍي هوندي ڪيائين سندس شاعري پهريون ڀيرو هالار ڊائجيسٽ ۾ شايع ٿي سندس شاعريءَ جا ٻہ ڪتاب 'اڻپورو اظهار' ۽ 'ڪاڻي توکي ساري ٿي' ڇپجي چڪا آهن

ارنيسٽ ٽرمپ

اڄ ايشيائي ٻولين جي ماهر ۽ لطيف جي پارکوءَ ارنيسٽ ٽرمپ جي وفات جو ڏينهن آهي هن جو جنم 13 مارچ 1828ع تي جرمنيءَ جي شهر اسفيلڊ (Ilsfeld) ۾ ٿيو هن کي دنيا جون مختلف ٻوليون سکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي هو هن سترهن سالن جي عمر ۾ لاطيني يوناني ۽ ٻيون ٻوليون سکي ورتيون اڳتي هلي عبراني، عربي، فارسي ۽ سنسڪرت ٻولين جو اڀياس ڪيائين 1854ع ڌاري هڪ چرچ جي پادريءَ طور بمبئي (هاڻي ممبئي) پهتو ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ڪراچي آيو پر آبهوا جي تبديليءَ سبب بيمار ٿي پيو ۽ ڪجهہ عرصي لاءِ فلسطين هليو ويو، جتي عربي ٻوليءَ جو اڀياس جاري رکيائين 1856ع ۾ ڪراچيءَ موٽي آيو 1866ع ۾ هن شاهہ جو رسالو جرمنيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو هن ئي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي پهريون ڪتاب لکيو هن پشتو ۽ براهوي ٻولين جو بہ مطالعو ڪيو ۽ پشتو ٻوليءَ جو گرامر بہ لکيائين اڳتي هلي سکن جي مذهبي ڪتاب گرنٿ صاحب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين 1883ع ۾ ميونخ يونيورسٽيءَ ۾ سامي ٻولين جو پروفيسر مقرر ٿيو هن عربي گرامر جو بہ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو لاڳيتي مطالعي سبب عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي اکين جو نور وڃائي ويٺو ۽ آخرڪار 5 اپريل 1885ع تي سندس اکيون هميشہ لاءِ بند ٿي ويون

مير علي احمد ٽالپر

اڄ سنڌ جي مشهور سياستدان مير علي احمد ٽالپر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هن جو جنم 31 آگسٽ 1915ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي مير محمود ۾ ٿيو ننڍي هوندي کان ئي سياسي ۽ سماجي سرگرمين طرف لاڙو رهيس 1936ع ۾ جميعت علماءِ سنڌ ۾ شامل ٿي سياست جي شروعات ڪيائين 1937ع ۾ ڪانگريس ۾ شامل ٿيو 1939ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو هي سنڌ جي انهن سياستدانن مان هڪ هو، جن ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو 1956ع ۾ اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ مختلف کاتن جو وزير رهيو هو جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا واري دور ۾ مجلس شوريٰ جو حصو رهيو هن 5 اپريل 1987ع تي وفات ڪئي

مختيار شيدي

اڄ مشهور راڳيءَ ۽ نوحہ خوان مختيار شيديءَ جي وفات جو ڏينهن آهي کيس 'مختيار قمبرانيءَ' جي نالي سان بہ ياد ڪيو وڃي ٿو هو 11 اپريل 1968ع تي روهڙي تعلقي جي ڳوٺ بوراهو ۾ ڄائو ننڍپڻ انتهائي...

ٽيڪسٽائل ايڪسپورٽرز تي وڌندڙ ٽيڪس جو دٻاءُ!

چوڌري سلامت علي

وچ اوڀر ۾ هلندڙ جنگ ۽ سڄي دنيا ۾ وڌندڙ معاشي بيچيني جا اثر هاڻي پاڪستان جي ٽيڪسٽائل انڊسٽري تي بہ صاف نظر اچڻ لڳا آهن. محڪمہ شماريات طرفان جاري ڪيل تازي انگن اکرن موجب، فيبروري 2026ع ۾ پاڪستان جي ٽيڪسٽائل برآمدات جنوري جي ڀيٽ ۾ 24.6 سيڪڙو گهٽجي لڳ ڀڳ 1.3 ارب ڊالر تائين اچي ويون آهن. هي گهٽتائي رڳو گذريل مهيني سان نہ، پر گذريل سال جي ساڳئي مهيني جي مقابلي ۾ بہ لڳ ڀڳ 7 سيڪڙو گهٽ آهي. جيڪو صنعت لاءِ ڳڻتي جوڳو اشارو آهي. هن گهٽتائيءَ جا اثر ٽيڪسٽائل شعبي جي مختلف حصن ۾ بہ واضح ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن. صرف هڪ مهيني اندر: نِٽ ويئر (تيار ٿيل سوئيٽر وغيره) جي برآمدات ۾ 14.5 سيڪڙو گهٽتائي، بيڊ ويئر (چادرون وغيره) ۾ 11.5 سيڪڙو گهٽتائي، ٽوالز ۾ 16.37 سيڪڙو گهٽتائي، سوٽي ڪپڙي ۾ 10.9 سيڪڙو گهٽتائي ۽ ريڊي ميڊ گارمينٽس ۾ 0.56 سيڪڙو گهٽتائي ڏٺي وئي آهي. پر ٻئي پاسي هڪ اهم ڳالهہ اِها بہ سامهون آئي آهي تہ سوٽي ڌاڳي جي برآمدات ۾ 43.6 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. ان مان اِهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ملڪ اندر ٽيڪسٽائل فيڪٽرين ۾ هن بنيادي خام مال جي کپت گهٽجي وئي آهي، يعني ڪارخانا گهٽ ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ڌاڳو ٻاهر وڪرو ٿي رهيو آهي.

ٻئي پاسي، وچ اوڀر جي صورتحال جي سبب ايئر ڪارگو ۽ ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌي ويا آهن. جنهن سبب برآمد ڪندڙن تي آپريٽنگ چارجز جو اضافو مالي دٻاءُ وڌائي رهيو آهي. انهن اضافي خرچن جي حوالي سان، ايئر ڪارگو ڪمپنيون هاڻي برآمد ڪندڙن کان مال کي شپنگ ڪرڻ کان اڳ ئي وڌيڪ ادائيگي جو مطالبو ڪري رهيون آهن. ڪمپنيون ان جو جواز ڏين ٿيون تہ اِهي اضافي چارجز عارضي قدم آهن ۽ انهن جو مقصد صرف ايئر فيول ۽ ٻين لاڳاپيل خرچن کي پورو ڪرڻ آهي. پر اهم ڳالهہ اها آهي تہ اهي عالمي ايئر ڪارگو ڪمپنيون چارجز وڌائڻ جو فيصلو حڪومت يا پاڪستان ايئر ڪارگو ايجنٽس ايسوسيئيشن سان مشاورت يا اڳواٽ اطلاع ڏيڻ کانسواءِ ڪيو آهي ان سبب، اڳ ئي بحران مان گذرندڙ برآمد ڪندڙن تي مالي دٻاءُ وڌيڪ وڌي ويو آهي. خاص ڪري، وچ اوڀر ۾ جاري جنگ جي ڪري، سمنڊ رستي مال پهچائڻ وارين شپنگ ڪمپنين طرفان في ڪنٽينر 3500 کان 4000 ڊالر اضافي سرچارج لاڳو ٿيڻ سبب، برآمد ڪندڙن تي مالي دٻاءُ سخت وڌي ويو آهي.

عالمي سطح تي جيڪي چئلينجز موجود آهن. انهن سان گڏوگڏ برآمد ڪندڙن کي وفاقي ۽ صوبي جي حڪومت طرفان نوان ٽيڪس لاڳو ٿيڻ کي بہ منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ان جو اثر صرف ٽيڪسٽائل انڊسٽري جي عالمي مسابقت تي نہ پئجي رهيو آهي، پر خرچ وڌڻ سبب پيداوار جو عمل بہ سست ٿي رهيو آهي. روايتي مالي سال جي شروعات کان، برآمداتي صنعت تي لاڳو ايڊوانس ٽيڪس هڪ سيڪڙو کان وڌائي بہ سيڪڙو ڪيو ويو، جڏهن تہ اڳ ۾ ئي لاڳو 18 سيڪڙو جنرل سيلز ٽيڪس جي ادائيگي ۾ مسلسل دير پيداوار جي صلاحيت وڌائڻ ۾ مشڪل پيدا ڪري رهي هئي هاڻي پنجاب حڪومت طرفان برآمداتي صنعت تي انفراسٽرڪچر ڊولپمينٽ سيز لاڳو ڪرڻ جا اشارا مليا آهن جنهن سبب برآمد ڪندڙن تي ٽيڪسن جو بار وڌڻ جو خدشو آهي. خاص طور تي، هن خطي ۾ بلند ترين انرجي ٽيرف، وڌيڪ شرح سود، خام مال ۽ پيٽروليم مصنوعات جي وڌندڙ قيمتن سبب پاڪستان جي ٽيڪسٽائل انڊسٽري اڳ ئي وڏين مشڪلاتن ۾ آهي اهڙي صورتحال ۾ نوان ٽيڪس ۽ انفراسٽرڪچر سيز لاڳو ڪرڻ برآمد ڪندڙن تي غير ضروري مالي دٻاءُ وجهي سگهي ٿو. برآمد ڪندڙ اڳ ۾ ئي عالمي منڊي ۾ پنهنجو مقابلو قائم رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ اهڙا نوان صوبائي محصولات نہ صرف چين جي سپلائي ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندا، پر برآمد ڪندڙن جي حوصلاشڪني جو سبب بہ بڻجي سگهن ٿا. ان جو نتيجو اهو نڪرندو تہ پنجاب جي صنعتي ترقي ۽ برآمدات وڌائڻ جي ڪوششن تي اثر پوندو، پيداوار ۾ سستي سبب بيروزگاري وڌڻ جو بہ خطرو آهي.

موجوده حالتن جو تقاضو آهي تہ وفاقي ۽ صوبي جون حڪومتون برآمد ڪندڙن تي لاڳو ٽيڪسن ۾ مناسب گهٽتائي ڪن ۽ جيڪڏهن اهو ممڪن نہ آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ نئون ٽيڪس لاڳو ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. حڪومت کي اها حقيقت مڃڻي پوندي تہ پاڪستان جو موجوده ٽيڪس نظام ۽ قانوني/ريگوليٽري فريم ورڪ برآمد ڪندڙن جي مشڪلاتن کي وڌائڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي. ان جو هڪ سادو مثال اِهو آهي تہ: هڪ طرف ٽيڪسٽائل جي برآمد ڪندڙن کي هر ڏي وٽ تي بہ سيڪڙو ايڊوانس ٽيڪس ادا ڪرڻو پوي ٿو، جڏهن تہ ٻئي طرف، مقامي مارڪيٽ ۾ ڪاروبار ڪندڙ ادارن کان ٽيڪس هر ٽہ ماهي بنيادن تي ورتو ويندو آهي. اهڙي صورتحال ۾ برآمد ڪندڙن لاءِ مالي دٻاءُ وڌي رهيو آهي ۽ عالمي منڊي ۾ مقابلي جي صلاحيت گهٽجي رهي آهي.

هن صورتحال جي ڪري ٽيڪسٽائل جي برآمد ڪندڙن جي سرمائي جو وڏو حصو ري فنڊس جي واپسي واري نظام ۾ ڦاسي پيو آهي، جنهن سبب انهن کي سرمائي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ان کان علاوه، ٽيڪس اختيارين کي برآمد ڪندڙن کان ٽيڪس وصول ڪرڻ لاءِ وسيع اختيار ڏنا ويا آهن. جيڪي برآمد ڪندڙن لاءِ هراس جو سبب بڻجي رهيا آهن. برآمد ڪندڙ اڳ ۾ ئي ڪاروبار جي وڌي لاڳت ۽ عالمي مقابلي جي دٻاءُ سبب مشڪلاتن ۾ مبتلا آهن. تنهنڪري، جيڪڏهن حڪومت ڪين سڌو سنئون...

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ
(روبرو جناب لوشادعلي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر13 سال 2026

مسمات مسڪان ڌيءُ عجيب شيخ رهندڙ زئنور ڪالوني شاليمار اسٽاپ سڪرنڊ .. پلينٽف ..بخلاف غمشاد عرف غمشو ولد محبوب شيخ رهندڙ شوڪت ڪالوني قاضي احمد ستي گورنمينٽ اسپتال قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد
سول ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 10 سال 2025
ايف سي سوٽ نمبر319 سال 2020

غلام قادر ولد بڪو زرداري .. پلينٽف ..بخلاف (1) سيڪريٽري هومز سنڌ ڪراچي (2) مسمات حسينا بيواه محمد اسماعيل زرداري (3) ممتاز علي ولد محمد اسماعيل زرداري ٻئي رهندڙ ڳوٺ چنيسر ديهه 35 داد تعلقو نوابشاه (4) مختيارڪار روينيو نوابشاهه (5) سب رجسٽرار نوابشاهه ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 10 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 08-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج II شهيد بينظير آباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي تاج الدين ولد خير الدين درخواست ڏني آهي ته سندس پٽ شاهد پرويز ولد تاج الدين تاريخ 27-04-2021 فوت ٿي ويو آهي فوتي ديهه نمبر تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر C.S 1021 مان حصي موجب ايراضي 1/2 723 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه وارد بي ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) تاج الدين (2) مسمات بلقيس بيگم (زال) هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته اشاعت شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي شهزاد نبي ولد غلام نبي قائمخاني درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي غلام نبي ولد قادر خان تاريخ 25-08-2010 فوت ٿي ويو آهي فوتي ديهه نمبر تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر C.S 613 مان حصي موجب ايراضي 2250 چورس فوٽ رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي انهي سلسلي ۾ جلسي عام شهر ڪوٽ غلام محمد ديهه وارد اي ۾ ڪري اتي ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا انهن هيٺين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) اعجاز نبي (2) شهزاد نبي (3) مسمات فرزانه (4) مسمات زيبا ناصر (5) مسمات صبا (6) مسمات ديبا (7) مسمات مصبا (8) مسمات حبيبا (زال) هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته اشاعت شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڻي

لاتعلقي جو اظهار

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون پنهنجي پٽ نالي نصير احمد ولد نذير احمدسان لاتعلقي جو اظهار ڪري رهيو آهيان جيڪو بري صحبت ۾ اچي ڪري نافرمان ٿي ويو آهي اگر ڪو به شخص يا ادارو سندس سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦڏو فساد ڪندو ته ان جو هو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو ۽ منهنجي فيملي جو ان جي ڪنهن به قسم جي قول فعل سان ڪو به واسطو نه رهندو هو پنهنجي بري پلي جو پاڻ ذميوار هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جئين وقت ضرورت ڪم اچي سگهي. آئون ڪيس پنهنجي ملڪيت مان پڻ عاق ڪري رهيو آهيان.

نذير احمد ولد محمد رمضان ذات ڪوريو پناڻ ويلل ڳوٺ صاحب خان نظاماڻي تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ

بقايا	1	ڌرڻو

آءِ , سول سوسائٽي جي ڪارڪنن ۽ شهرين پاران روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي پوليس جو وڏو انگ ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ پهتل هو مظاهرين رياض ڪوسو , ڏاهد چانڊيو , رفيق ميمڻ , فياض بروهي , اويس خاصخيلي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته رات جي پيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ ڏيڍ سئو رپيا اضافو ڪري عوامي احتجاج کي ماٺو ڪرڻ لاءِ 80 رپيا گهٽ ڪري عوام کي لولي پاپ ڏئي بي وقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي . هنن چيو ته تيل جي قيمتن ۾ وڏي گهٽتائي نه ڪرڻ جي صورت ۾ سندن احتجاج جاري رهندو .مسلسل ٽن ڪلاڪن جي احتجاجي ڌرڻي ڪان پوءِ پوليس پاران مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ويون جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪري ٽريفڪ بحال ڪئي وئي .

بقايا	2	احتجاج

ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا ان موقعي تي پي پي پي شهيد ڀٽو اڳواڻن نديم قريشي نور محمد منجهو بابل ڪوريجو رياض لاشاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پي پي پي شهيد ڀٽو شهدادڪوٽ جي اڳواڻ منير بروهي مٿان ڪوڙا ڪيس درج ڪرڻ ۽ سندس گهر تي پوليس چڙهائي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته پوليس جوا شراب فحاشي جا اڏا بند ڪرائڻ بدران سياسي اڳواڻن خلاف رڻ باري ڏنو آهي هنن چيو ته حڪومتي ڌر جي چرچ تي اسان جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن خلاف اهڙي قسم جا حربا استعمال ڪري ڪڏهن به هيسائي نٿو سگهجي پي پي پي شهيد ڀٽو جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جا حوصلا بلند آهي هنن گهر ڪندي چيو ته جلد کان جلد منير بروهي مٿان داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا	3	موٽرسائيڪل ڦر

رهواسي نوجوان نور احمد ٻبر کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي موٽر سائيڪل روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا ان موقعي تي ڦر متاثر ٻڌايو ته مان درگاهه عنايت شاهه جي زيارت ڪري واپس ڪڪڙ اچي رهيو هيس ته عنايت شاهه موري وٽ هٿياربندن هٿيارن جي زور تي روڪي ڦر ڪري فرار ٿي ويا هن چيو ته ڦر واردات جي رپورٽ ٽڙڙي جادو شهيد ٿاڻي درج ڪرائڻ آيس جتي پوليس حد بدي جو جواز ڄاڻائي واپس موٽائي ڇڏيو متاثر ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو آهي ته موٽر سائيڪل ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي ۽ وڌندڙ بدامني تي ضابطو آندو وڃي

بقايا	4	جوابدار گرفتار

عليڻ راڄپر جي خاص هدايتن تي پوليس منشيات جي وڏي کيپ هٿ ڪري ورتي. ڪارروائي دوران شاهبندر کان سجاول منتقل ٿيندڙ سوزوڪي گاڏي کي روڪي تلاشي ورتي جنهن دوران وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ آئي پوليس منشيات سميت ٻن نالي معشوق علي شاهه پٽ روشن شاهه ۽ سومار شاهه پٽ نثار شاهه کي گرفتار ڪري ورتو. جن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جانچ شروع ڪئي وئي آهي واضح رهي ته سجاول ضلعي جي ساموندي ۽ سنڌو درياهه جي رستي منشيات اسمگلنگ ڪئي وڃي اهو سلسلو وڏي عرصي کان جاري آهي .

بقايا	5	ڪان ڦر

ڪري فرار ٿي ويا اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل معلوم ڪيا ۽ واقعي جي سٽي ٿاڻي تي اين سي داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

بقايا	6	امتياز شيخ

ذوالفقار علي ڪمارپو صاحب، پي پي پي سٽي صدر عقيل عباس سومرو صاحب،

وائيس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي وسيم الدين صديقي ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر امتياز احمد شيخ 47 هين ورسي جي حوالي سان پنهنجي پيغام ۾ چيو ته هو عوام جي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي سندس 47 هين ورسي تي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪري ٿو هن چيو ته شهيد قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو هڪ وقت جو اڳواڻ هو هو هڪ نظريي ۽ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جي علامت هو هن ملڪ کي هڪ متحد آئين ڏنو ماڻهن ۾ سياسي شعور جاڳايو ۽ حڪمراني ۽ خودمختياري جي جمهوري حق جي احساس کي اجاگر ڪيو هن وڌيڪ چيو ته شهيد ڀٽو انتهائي ڏکين حالتن جي باوجود ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ جي بنياد رکي، جڏهن ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو سندس نقش قدم تي هلندي ملڪ کي ميزائل ٽيڪنالاجي تحفي ۾ ڏني امتياز احمد شيخ موجب، مسلمانن کي متحد ڪرڻ لاءِ اسلامي سربراهي ڪانفرنس جو انعقاد پڻ شهيد ڀٽو جي هڪ وڏي ڪاميابي هئي، جنهن عالمي سطح تي پاڪستان جو وقار بلند ڪيو هن چيو ته صدر آصف علي زرداري جي قيادت ۾ جمهوريت اڄا تائين مضبوط ٿي رهي آهي ۽ ملڪ ترقي جي رستي تي آهي جڏهن ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عوامي اڳواڻ جي روپ ۾ اڳتي وڌائيندي قوم جي اميد بڻجي چڪو آهي

بقايا	7	احتجاجي مظاهرو

مظاهرين پاران وفاقي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته حڪومت طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لڳاتار واڌ ڪري عوام کي پريشانين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي ۽ مهانگائي ۾ اضافو اچي ڇڏيو آهي جنهن سبب عام ماڻهو جي زندگي سخت متاثر ٿي چڪي آهي هنن چيو ته پيٽرول ۽ ڊيزل مهانگو ٿيڻ سان ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا خوراڪ سميت روزمره جي شين جا اگهه وڌي ويا آهن هنن چيو ته هي رات جي اونداهي عوام مٿان پيٽرول ڊيزل جو بم اڇلائي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي احتجاج ڪندڙن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ گهٽتائي آڻي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا	8	احتجاجي ريلي

۾ هزارين شهرين شرڪت ڪئي ريلي نئون ڳوٺ مين باءِ پاس کان شروع ٿي جيڪا مختلف رستن تان ٿيندي ناريائي چونڪ تي پهتي، جتي مظاهرين ڌرڻو هڻي ويهي رهيا. ان موقعي تي اڳواڻن وفاقي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته حڪومت پيٽرول جا اگهه وڌائي غريب عوام کان جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي مهنگائيءَ جي ماريو عوام هاڻي خاموش نه ويهندو". مظاهرين مطالبو ڪيو ته پيٽرول جا اگهه فوري طور گهٽ ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا	9	مظاهرو

ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن بعد ۾ ڪنڊيارو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي جهنڊوسري تعلقي جي ديهه نمرو ۾ 9 ايڪڙ 34 گهنٽا زرعي زمين آهي جيڪا اسان جي گڏيل ملڪيت آهي مذڪوره زمين تي بااثرن زبردستي قبضو ڪري ورتو آهي اسان جو ڪيس مقامي عدالت ۾ پڻ هلندڙ آهي اسان کين مذڪوره زرعي زمين تان قبضو خالي ڪرڻ لاءِ چئون ٿا ته بااثر اسان کي جاني ۽ مالي نقصان رسائڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا تنهنڪري هن پريس ڪانفرنس ذريعي مجاز سمورين اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان کي قانوني تحفظ مهيا ڪيو وڃي ۽ زمين تي ڪيل ناجائز قبضو فوري طور خالي ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا	10	شٽربند هڙتال

جرروار ۽ سجاد شاهه جي اڳواڻي ۾ باگو واهه پل واري چوڪ تي ٽائر ساڙي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين تيل جي اگهن ۾ واڌ خلاف سخت نعريبازي ڪندي ٽائرن کي باهيون ڏنيون ۽ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ٽريفڪ معطل ٿي وئي، مرزا گروپ جي اڳواڻ دلبر سنڌي جي اڳواڻي مرزا گروپ جي ڪارڪنن پڻ جسقم ڪارڪنن سان گڏ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪئي

بقايا	11	عزا منعقد

عليه السلام منصور دوانقي جي ظلم ۽ ستم واري دور ۾ به دين حق جو پيغام بلند رکيو ۽ سخت ترين حالتن ۾ به علم ۽ هدايت جو چراغ روشن رکيو پاڻ سڳورن جون علمي ۽ ديني خدمتون اسلامي تاريخ ۾ بي مثال حيثيت رکن ٿيون پاڻ مدينه منوره ۾ هڪ عظيم علمي مرڪز قائم ڪيو جنهن کي اڄ جي دور ۾ يونيورسٽي سان تشبيهه ڏني وڃي ٿي ان درسگاهه مان لڳ ڀڳ چار هزار کان وڌيڪ شاگردن مختلف علومن ۾ فيض حاصل ڪيو اهو مرڪز صرف فقه ۽ حديث تائين محدود نه هو پر فلسفي، طب، ڪيميا ۽ علم فلڪيات جهڙا علوم پڻ ان ۾ شامل هئا، انهن ئي شاگردن ۾ نامور سائنسدان جابر بن حيان به شامل آهي جنهن کي علم ڪيميا (Chemistry) جو باني چيو وڃي ٿو جنهن جي علمي بنيادن ۾ امام جعفر صادق عليه السلام جي تربيت جو گهرو اثر نمايان آهي امام جعفر صادق عليه السلام جون تعليمات نهايت وسيع ۽ هر رخ واريون هيون فقه جعفريه کي مضبوط بنياد فراهم ڪيو قرآن ۽ حديث جي گهري تشريح فرمائي عقلي ۽ سائنسي علومن جي حوصلي افزائي ڪئي اخلاقيات ۽ روحانيت کي هٿي ڏني مجلس عزا جي پڄاڻي تي آمريڪا ۽ اسرائيل جي جاري جارحيت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي وئي مقررين مسلم ملڪن ۽ گڏيل قومن کان مطالبو ڪيو ته اهي فوري ۽ عملي قدمن ذريعي هن ظلم ۽ بربريت جو خاتمو ڪن ۽ مظلومن جي تحفظ کي يقيني بڻائين وڌيڪ چيو ويو ته ايران سان گڏ الله جي مدد شامل آهي ۽ انشاءالله حق هميشه غالب ايندو ۽ ظلم و ناانصافي جو نظام ختم ٿي رهندو

بقايا	12	احتجاج روڊ بلاڪ

ڄامشورو ڪراچي حيدرآباد ٺٽو ۽ ڪوٽڙي طرف ايندڙ ويندڙ گاڏيون بيهي رهيون ٽرئفڪ جو نظام سخت متاثر ٿيو ۽ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ اصل ۾ غريب عوام تي معاشي حملو آهي غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري انهن کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي هڪ بيروزگاري ۽ ٻئي ڪوڙ مهانگائي ۾ غريب جو ڇا حال آهي ڪنهن کي ڪو فرق نه ٿو پوي بهتر اهو آهي ته هڪ ئي دفعو ايٽم بم ڪرائي عوام کي ختم ڪيو وڃي پر انهي طريقي سان عوام کي جيئاري انهن کي ايذاءُ تڪليفون ڏيئي ماريو نه وڃي .

بقايا	13	خلاف احتجاج

وڌندڙ مهانگائي حڪمرانن جي ناڪام پاليسين جو نتيجو آهي هنن چيو ته هڪ مهيني اندر پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ ڪري عوام سان زيادتي ڪئي آهي جنهن جو سڌو اثر غريب طبقي تي پئجي رهيو آهي هنن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ وارو فيصلو واپس ورتو وڃي ۽ عوام کي رليف ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا	14	احتجاجي مظاهرو

اصلاح الدين شيخ ڪري رهيو هو جڏهن ته ٻين اڳواڻن ۾ توفيق احمد قريشي حسيب خان محمد رضا شيخ لالا حمزه ميمڻ خرم ميمڻ ۽ ٻيا شامل هئا. ان موقعي تي اصلاح الدين شيخ ۽ ٻين شهرين چيو ته موجوده حڪومت پيٽروليم مصنوعات جون قيمتون وڌائي عوام تي مهانگائي جو ايٽم بم ڪيرايو آهي. سندن چوڻ هو ته پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ واڌ سبب نه صرف گهريلو ۾ ڪاروباري سرگرميون به سخت متاثر ٿيون آهن.مظاهرين چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي سبب وچولو طبقو به وقت جي ماني لاءِ پريشان آهي جڏهن ته اٽي دالون، کنڊ، گيهه، ڀاڄيون ۽ ميوو جون قيمتون روزانو بنيادن تي وڌڻ سبب غريب جي چلهه ٿڌي ٿي وئي آهي. دوائن جي مهانگائي سبب غريب عوام علاج کان به محروم ٿي رهيو آهي. مظاهرين جو چوڻ هو ته ناقص حڪومتي پاليسين سبب ملڪ ۾ افراتفري واري صورتحال آهي ۽ امير توڙي غريب ٻئي مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل آهن. هنن چيو ته هڪ طرف غريب به وقت جي ماني لاءِ پريشان آهي ته ٻئي طرف حڪمران ۽ آفيسر مهانگي گاڏين ۽ ٻين

AITCHISON COLLEGE, LAHORE

100% Scholarship / Financial Assistance for Grade 6

Full-time Boarding House Seats

Applications are invited for admissions in Grade 6 in the Boarding House for the session commencing August, 2026 for those who require financial assistance.

Entrance Examination will be held in Quetta / Hyderabad / Peshawar / Muzaffarabad / Gilgit in the month of May, 2026. The Last date for Registration is **30-04-2026.**

Applicants have to be residents and previously schooled in their respective provinces and their **date of birth must fall between June 1, 2015 – May 31, 2016 inclusive.**

Please contact the Admission Office for 'Application Form' and other necessary information on phone numbers: 92 (42) 3636063-66 Ext. 216-217 Email: admission@aitchison.edu.pk

'Application Form' can also be downloaded from College website: www.aitchison.edu.pk

Admission would be strictly on merit and on verification of financial need.

PRINCIPAL

ماتلي تيل قيمتن ۾ واڌ خلاف سياسي سماجي ڌرين جو احتجاجي ڌرڻو روڊ بلاڪ

سياسي، سماجي، قومپرست ڌرين، شهرين بدين-حيدرآباد باءِ پاس روڊ تي ڌرڻو هنيو، ٽريفڪ معطل

تيل قيمتن ۾ ڏيڍ سئو رپيا اضافو ڪري عوامي احتجاج کي مائٽ ڪرڻ لاءِ 80 رپيا گهٽ ڪري بي وقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:مظاهرين

تيل جي قيمتن ۾ وڏي گهٽتائي نه ڪرڻ جي صورت ۾ سنڌ احتجاج جاري رهندو جڏهن ته پوليس مظاهرين سان ڳالهيون ڌرڻو ختم ڪرايو

ماتلي (ن ع) وفاقي سرڪار طرفان پيٽروليم شين جي اگهن ۾ غير معمولي واڌ خلاف ماتلي جي سياسي سماجي قومپرست ڌرين جي ڪارڪنن ۽ عام شهرين پاران بدين حيدرآباد باءِ پاس روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڏي انگ ۾ مسافر ۽ مال بردار گاڏيون جمع ٿي ويون ۽ مختلف ضلعن حيدرآباد، ميرپور خاص، ملي، ٽنڊي، ٽنڊو محمد خان ۽ ٻين شهرن ڏانهن ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي. جسقم، جي يو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شهيد ذوالفقار ڀٽو جي ورسي تقاريب ۾ دعا گهري هئي رهي

شهدادڪوٽ جي اڳواڻ تي ڪيس داخل ڪرڻ خلاف جيڪب آباد ۾ پ پ ش پ جو احتجاج

منير بروهي ڪوڙن ڪيسن ۽ گهر تي پوليس چڙهائي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا اڳواڻ

پوليس جوا، شراب، فحاشي جا اڏا بند ڪرائڻ بدران سياسي اڳواڻن خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي

جيڪب آباد (ذ ر) پي پي پي شهيد ڀٽو شهدادڪوٽ جي اڳواڻ منير بروهي مٿان مبينه ڪوڙا ڪيس داخل ڪري سندس گهر تي پوليس چڙهائي واري عمل خلاف جيڪب آباد ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو پاران ضلعي آفيس کان احتجاجي جلوس ڪيدي پريس ڪلب آڏو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سڄي سنڌ ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 47 هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

حيدرآباد، بدين، سکر، نوشهروفيروز، ٽنڊوآدم، دادو، ٺٽو، گهوٽڪي، ميرپورماٿيلو، ٽنڊوالهيار، خيرپور، سڪرنڊ، سجاول، ٽنڊو محمد خان، نوابشاهه ۾ ورسي تقريبون

تقريبن ۾ پارٽي اڳواڻن، عهديدارن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري شهيد اڳواڻ کي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي

شهيد ذوالفقار ڀٽو عظيم اڳواڻ ۽ عوامي سياستدان هو جنهن ملڪ کي آئين ڏنو ۽ عوام کي پنهنجن حقن لاءِ آواز اٿارڻ جو حوصلو ڏنو:اڳواڻ

حيدرآباد (نمائندن وڪان) شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو جي 47هين ورسي حيدرآباد ۾ ملهائي وئي قرآن خواني ڪري دعا گهري وئي ورسي جي تقريب ۾ پ پ اڳواڻ صغير قريشي ايوب راجپوت سيد سجاد شاهه سميت پ پ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي پ پ اڳواڻن چيو ته شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا شهيد ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻايو۽جمهوريت کي مضبوط ڪيو ڪيس تاريخ ۾ هروقت سونهري لفظن سان

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ بلديه حيدرآباد جي رٽائرڊ ملازمن جو پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج

ٺٽون ڳوٺ: شهري اسرائيل ۽ امريڪا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

هٽ، چار جوابدار گرفتار

غلام الله (ن ع) غلام الله پوليس جي انچارج غلام حيدر جاتوري پوليس اهلڪارن سان صبح سوير ڪارروائي ڪندي عبدالرحمان ميمڻ جي پاڻدي تي ڇاپو هڻي عبدالرحمان ميمڻ سميت چار منشيات فروشن عبدالحميد ميمڻ حنيف عرف ڪارو

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ مختلف تنظيمن جو تيل قيمتن ۾ اضافي خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس يو پي، مجلس وحدت المسلمين، پي ٽي آءِ، انجمن تاجران ۽ ٻين تنظيمن نعريبازي ڪئي

حڪومت پاڪستان تيل جي قيمتن ۾ رڪارڊ اضافو ڪري عوام لاءِ آزار پيدا ڪري ڇڏيو آهي:مظاهرين

پهريان ئي اڳتري مهانگائي هئي جو غريب ٻه ويلا ڪائڻ لاءِ پريشان هو ويتر تيل قيمتن ۾ واڌ سان مهانگائي آسمان تي پهچي ويندي

جيڪب آباد (ذ ر) تيل جي قيمتن ۾ اضافو ڪرڻ واري عمل خلاف جيڪب آباد ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي، مجلس وحدت المسلمين، پاڪستان تحريڪ انصاف، انجمن تاجران، مهراڻ سوشل فورم ۽ ٻين تنظيمن پاران شهيد الله بخش سومرو پارڪ کان احتجاجي جلوس ڪيدي پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ اڳواڻن سميت ڪارڪن شريڪ ٿيا. ان موقعي تي اڳواڻن علامه مقصود علي ڊومڪي، مقبول احمد لاشاري، مير احمد علي بروهي، عبدالحئي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

پنگريو يوسي خليفه قاسم جو اڳوڻو چيئرمين جاويد علي جوڻيجو لاڏاڻو ڪري ويو

پنگريو (ن ع) پنگريو پرسان يوسي خليفه قاسم جو اڳوڻو چيئرمين جاويد علي جوڻيجو حيدرآباد جي هڪ نجي اسپتال

سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي آگاهه ڪجي ٿو ته آئل گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) جي ليٽر مطابق اپريل 2026 ڪان صارفين لاءِ LPG جي گيس جون قيمتون هي ٿي سگهن ٿيون. لوڪل/ امپورٽ گيس صارفين جي لاءِ 11.8KG سلينڊر جي قيمت 3588.59 روپيا مٿي ڄاڻايل قيمتون حيدرآباد، نوابشاهه، مٽي، مورو، بدگهڙي، ڪنري، سکر، جيڪب آباد، ڊيرا مراد جمالي، (بلوچستان)، سنڌ گيس پرائيويٽ لميٽيڊ ڊسٽريبيوٽرس کي پابند ڪري ٿي ته مٿي ڄاڻايل قيمتن تي LPG مهيا نه ٿي ته هيٺ ڄاڻايل فون نمبرن تي اطلاع ڪن. مٿي ڄاڻايل قيمتون مارڪيٽ جي لاهه چاڙهه ۽ اوگرا قانون جي مناسبت سان تبديل ٿي سگهن ٿيون.

مارڪيٽ سيلز ڊپارٽمينٽ: 03125903419، 03233762122

پاڻ شاخ جو ڏڪر ٽٽڻ باوجود ٺهي نه سگهيو، آبادگارن جو احتجاج

آبپاشي ايس ڊي او خلاف 10 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به ڪارروائي ناهي ٿي:مظاهرين

آبپاشي انجنيئر جي حڪم ڏيڻ باوجود به شاخ تي ٻيهر ڏڪر لڳي نه سگهيو آهي

نفيس نگر(ن ع) ٺٽون ڪوٽ سب ڊويزن جي پاڻ شاخ جي منڊ ريگيولير وٽان 2 فٽن جو لڳل ڏڪر ۽ شاخ جو بيڊ ٽوڙائي وڏي رشوت عيوض پاڻي رڪرو ڪندڙ آبپاشي ايس ڊي او خلاف 10 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي ۽ نه وري ٽٽل ڏڪر ٺهي سگهيو آهي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو باگو ۾ شهرين جو تيل قيمتن ۾ اضافي خلاف احتجاج

تيل جون قيمتون وڌائڻ سان مهانگائي عروج تي پهچي ويندي:مظاهرين

ٽنڊوباگو ۾ جسقم جي سڏ تي پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي ڌرڻو شٽربند هڙتال

جسقم ڪارڪن ۽ شهرين ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري سخت نعريبازي ڪئي

واپاري يڪجهتي طور پنهنجو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو، روڊ بلاڪ ٿيڻ سبب ٽريفڪ معطل

ٽنڊوباگو(ات ر) ٽنڊوباگو ۾ جسقم جي سڏ تي شهر ۾ شٽربند هڙتال باگو چوڪ تي ٽائر ساڙي ڌرڻو روڊ بلاڪ خبر موجب ٽنڊوباگو شهر ۾ پيٽروليم وارين شين جي اگهن ۾ وفاقي حڪومت طرفان ٿيل وڏي واڌ خلاف ٽنڊوباگو شهر ۾ جسقم شهيد بشير خان قريشي گروپ جي سڏ تي مڪمل شٽر بند هڙتال ڪئي وئي جنهن سبب شهر جون سموريون ڪاروباري سرگرميون معطل ٿي ويون جسقم ٽنڊوباگو جي ڪارڪنن ۽ شهرين وقار ميمڻ سليمان

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

جو زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊوالهيار (ذ ر) ڪراچي جي علائقي لالو کيت جي رهواسين عبدالستار گدي پناڻ پنهنجي ڀيڻ سعيده بانو پاڃائي شبانا گدي پناڻ ۽ ٻين سان گڏ زرعي زمين تي مبينا قبضي خلاف ٽنڊوالهيار پريس

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: مختلف تنظيمن پاران پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوابشاهه ۾ امام جعفر صادقؑ جي شهادت تي مجلسِ عزا منعقد

نوابشاهه(س ر) شيعه علماء ڪونسل پاڪستان نوابشاهه پاران حضرت امام جعفر صادق عليه السلام جي شهادت جي حوالي سان مجلس عزا امام بارگاهه يادگار

نوابشاهه ۾ ناول ليکڪ فياض علي رند جي ناولن تي اپياسي ويهڪ

پريس ڪلب ۾ منعقد ۾ اديبن ساڃاهه وندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

13 ورهين جي ڄمار ۾ ٻار راندين ڪندا آهن ۽ فياض ثابت ڪيو سنڌ ڏاهپ جي ڌرتي آهي:مقرر

نواب شاهه(س ر) جرنلسٽ اينڊ رائيٽرز فورم سنڌ پاران نواب شاهه سان تعلق رکندڙ بالڪ ليکڪ فياض علي رند جي ٻن انگريزي ٻولي ۾ لکيل ناولن بابت تعارفي ۽ اپياسي ويهڪ نواب شاهه پريس ڪلب ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ اديبن ساڃاهه وندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي خطاب ڪندي نامور ناول

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ قومي عوامي تحريڪ جي تيل اگهن ۽ مهانگائي خلاف ريلي

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اضافو سڌي طرح هر شيءِ تي اثر ڪري ٿو:مظاهرين

مهانگائي تي ضابطو نه آندو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌايو ويندو

شڪارپور(ذ ر) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران پيٽرول، ڊيزل ۽ گئس کوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي هزار در چوڪ کان لڪي در گهنٽا گهر ٿائين پهتي جتي مظاهرين ڌرڻو هڻي ويهي رهيا سخت نعريبازي. حڪومت عوام جو معاشي طور تي قتلام ڪري رهي آهي پيٽرول ۽ ڊيزل

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

بدين: شهرين پاران تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پراڻو سکر واسي جو پنهنجي ڀائرن جي مبينا ظلمن خلاف احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) پراڻو سکر قريشي ڳوٺ شر چوڪ جي رهواسي لياقت علي چوهاڻ پنهنجي گهر ڀاتين سميت سکر

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

محرابپور ميمڻ برادري جي معزز محمد درگاهي ميمڻ جي

جوديواري، ٻيهڻ جي صاف پاڻي جي سهولت نه هئڻ ڪري شاگرد پريشان، استادن جي پڻ ڪوٽ

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي جي پرائمري اسڪولن کي ايليمينٽري جو درجو ته ڏنو ويو پر تعليمي سهولتون نه ڏنيون ويون ٻار پٽ تي ويهي کليل آسمان هيٺ تعليم پرائڻ تي مجبور تفصيل موجب تعليم کاتي پاران ڏگهڙي شهر ۽ ڀرپاسي وارن ڳوٺن ۾ مختلف پرائمري اسڪولن کي ايليمينٽري

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ ڪيميڪل مان ٺهندڙ کير جي وڪري خلاف شهرين جو احتجاج

کير کي ڳوٺن مان ڊرمن ۾ وجهي موٽر سائيڪلن ۽ گاڏين شهر آندو وڃي ٿو:مظاهرين

زهر جو ڪاروبار ڪرڻ وارن کان کير به پڇا ڪرڻ وارو ناهي ۽ نه وري ڪارروائي ڪرڻ وارو آهي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر ۾ ڪيميڪل مان ٺهندڙ کير ملاوٽي ۽ مدي خارج شين جو وڪرو وڏي پيماني تي هلي رهيو شهرين احتجاج ڪندي نوٽس وٺڻ جو مطالبو ڪيو خبر موجب ڪڪڙ شهر ۾ گذريل ڪيترن سالن کان وٺي سرعام ڪيميڪل مان ٺهندڙ کير هلي رهيو آهي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ملي ۾ ارباب گروپ جو تيل جي قيمتن خلاف احتجاجي مظاهرو ڌرڻو

وڌايل تيل جي قيمتن ڏکاڏو اگهن کي گهٽائي غريب عوام کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي:مظاهرين

تيل جي وڌايل اگهن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

ملي (ذ-ر) ارباب گروپ جي اڳواڻ ارباب احسان جي طرفان ملڪ ۾ وڌندڙ تيل جي قيمتن جي خلاف بلال پارڪ کان ڪشمير چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪيدي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ مختلف قوم پرست پارٽين جي اڳواڻن، سياسي سماجي صحافين وڪيلن توڙي عوام وڏي انگ ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ٽوري آباد: عوامي تحريڪ پاران تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏالهي پريس جو جنرل سيڪريٽري صحافي غلام مرتضيٰ آرائين جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

ڏالهي (ن ع) ڏالهي پريس ڪلب جي اڳواڻ صدر هاٺوڪو جنرل سيڪريٽري صحافي غلام مرتضيٰ آرائين جو والد صاحب اختر علي آرائين 82 سال جي عمر ۾ ڪجهه مهينا بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز عيد گاهه ڏالهي ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ شهرين صحافين سياسي سماجي اڳواڻن سميت علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي نماز جنازه ادا ڪرڻ بعد اباڻي قبرستان شرف الدين اولياءِ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته صحافي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ عوامي تحريڪ جي سڏ تي تيل اگهن ۾

ملي: سماجي ۽ سياسي تنظيمن پاران تيل جي قيمتن ۾ اضافي خلاف ريلي ڪيدي پئي وڃي

محرابپور ۾ نوجوان گهرو اڻبڻت تان زهريلي دوا کائي خودڪشي ڪري ڇڏي، گهر ۾ ڪهرام

محرابپور (ت-ر) محرابپور جي وارڊ نمبر ٻارهن واري علائقي ۾ 20 ورهين جو نوجوان محسن ميمڻ پٽ مرحوم عطا حسين ميمڻ زهريلي گوريون کائي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو جڏهن ته نوجوان پاران آپگهات ڪرڻ جو ڪارڻ گهرو اڻبڻت

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ مقتول ثناءُ الله منگريو جي قاتلن خلاف وارثن جو احتجاج

قتل ۾ ملوث مک جوابدار مسعود گرپانگ اڃان تائين گرفتار نه ڪيو ويو آهي:مظاهرين

حيدرآباد جي پوليس ڪيس کي ڪمزور ڪرڻ ۽ جوابدار بچائڻ جون ڪوششون ڪري رهي آهي

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ جي ڳوٺ جارڪوڙي سان واسطو رکندڙ 22 ورهين جي پورهيت نوجوان ثناءُ الله منگريو جي مبينا قتل واري واقعي خلاف وارثن سخت احتجاج ڪندي پريس ڪانفرنس ۾ حيدرآباد پوليس تي سنگين الزام هنيا آهن ته پوليس مک جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بدران ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي وارثن علي نواز منگريو عبدالخالق منگريو مقصود منگريو فقير محب منگريو شهزاد منگريو راشد منگريو ۽ ٻين ٻڌايو ته پنج ڏينهن اڳ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: شهيد ڀٽو جي ورسي تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.